استیج آرٹ ڈراما

# راج کرتھ

# THE KING MAKERS



## منظور کوھیار

# راڄ ڪرتھ

**(The King Makers)**

اسٽيج آرٽ ڊرامه

## منظور ڪوھيار

ڪنول
پبليڪيشن
قنبر

BOOK NO: (123)

Raj kartah (The King Makers) • راڄ ڪرتا
(Astage Art Darma) (اسٽيج آرٽ ڊرامو)

◊ MANZOOR KOHYAR ◊ منظور ڪوهيار

FIRST EDITION 2013 ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2013ع

ٽائيٽل@ روحل ڪوهيار

ڪمپوزنگ: ڪنول گروپ

With All Rights Reserved

© KANWAL

ڪنول

Publication Kamber پبليڪيشن قنبر

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ملهه: 150 روپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

- پتائي ڪتاب گهر، حيدرآباد. سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
- فڪشن هائوس، حيدرآباد، - ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد
- ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
- مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور
- سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر. تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس
- ڪنول ڪتاب گهر، ابراهيم شاهه محلو، قنبر

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

فن ۽ فڪر جي حوالي سان لاڙڪاڻي جي مهان ليکڪن جي نالي

---

''چانڊڪا اميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽي'' جي مهندار ۽ ناٽڪ نويس

**ڪشنچند بيوس**

''الهلال ڊرامٽڪ سوسائٽي'' جي باني مباني ۽ ڊرامہ نگار

**غلام عباس قادري**

جديد اسٽيج/ ٽي وي ڊرامہ رائيٽر ۽ سني ڪهاڻيڪار

**رزاق مهر**

## ٿورائتو

مان انهن سيني دوستن ۽ احبابن جو شڪرگذار آهيان، جن فالج جي بيماري دوران مونکي پنهنجائپ جو احساس ڏياريو ۽ منهنجي صحتمندي جي لاءِ دعاگو رهيا.

**منظور ڪوهيار**

# فهرست

**مهاڳ**

ڊرامو، ادب ۽ اڏوري تاريخ

## آرٽ ڊراما

- پريميڪا
- بادشاهه سلامت
- فرنگي
- شاهه بهارو

پس لفظ:

اداري پاران:

جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي صف اول ڪهاڻيڪار، ڪالمسٽ، نقاد، ڊرامانگار، **منظور ڪوهيار** جي نئين ڪتاب "**راڄ ڪرتـه**" (The King Makers) سنڌي اسٽيج آرٽ ڊرامن جي سيريز تحت لکيل چئن مختلف تاريخي اسٽيج ناٽڪن کي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ جو اولين مقصد، سنڌي آرٽ ڊرامي ۾ ٿيل انقلابي تبديلين کي نمايان ڪرڻ تہ آهي ئي آهي پر ادبي دنيا ۾ اسٽيج ڊرامي جي افاديت کي بہ اجاگر ڪرڻ آهي.

نئين ڪهاڻيءَ ۾ جديد گهرجن پٽاندڙ سهولتن جي اڻاٽ سبب، سنڌي اسٽيج ڊرامو زوال طرف تيزيءَ سان سفر ڪري رهيو آهي. بچي ويل ڪجھ روشنيءَ کي نام نهاد سنڌي چينلز جي غير تخليقي پيشڪارن بہ مُنهن ڏيکارڻ جهڙو ناهي ڇڏيو. اهڙي ابتڙ صورتحال ۾ جيڪڏهن ڪو قسمتي خوبصورت تخيل منظر عام تي اچي ٿو تہ اهو پنهنجي حصي جي ڀرپور مڃتا ماڻي ٿو.

'**راڄ ڪرتـه**' بہ ان حسناڪ حصي جو رهيل پاسو آهي، جنهن ۾ منظور ڪوهيار جي سليس ٻوليءَ جو جلوو هر ڊرامي جي جدا ڪهاڻيءَ ۾ الڳ انداز سان نمايان آهي. 'راڄ ڪرتـه' نہ رڳو اسٽيج ناٽڪ جي فن جو شاهڪار نمونو آهي بلڪ اتهاسڪ ورقن تي وڪريل، اڌ وسري ويل ڪهاڻين کي نئين دؤر جي تناظر ۾ پيش ڪرڻ جو اعليٰ فن بہ آهي. 'پريميڪا' جي ڪلاڪار هجي يا 'بادشاه سلامت' جو ڪردار، 'فرنگي' / 'شاهہ بهارو' پارا سڀ ڪردار پنهنجي فني فريم ۾ پختا ۽ ذهن ۽ دل کي متاثر ڪن ٿا، ڇو جو اهي ساڳيا ئي ڪردار نئين وقت ۾ نئين شناخت سان شامل ٿي اسان جي اڳيان رهن ٿا.

سنڌي ۾ ڀهرين صوفي ڪهاڻي جي ڪتاب 'فراق جي منزل' کان مختصر مختصر ڪهاڻي جي مجموعي 'پوئرن جي انتظار ۾' تائين، منظور ڪوهيار هر دفعي نئين رنگ ڍنگ جي تخليق کي پيئي پڌرو ڪيو آهي، ان بهترين سفر جو تسلسل 'راڄ ڪرتـه' پيش ڪندي، ڪنول پبليڪيشن سرهائي محسوس ڪري ٿي.

سعيد سومرو
ڪنول پبليڪيشن قنبر
Cell: 0333-7523132
Saeedsoomro4@yahoo.Com

مهاڳ :

# ڊرامو، ادب ۽ اڌوري تاريخ

فلمن يا ٽي وي ڊرامن جي اچڻ ڪانپوءِ چيو ويو، تہ هاڻي اسٽيج ڊرامي يا ٿيئٽر جو دؤر ختم ٿي ويو. پر هن وقت بہ دنيا ۾ اسٽيج ڊرامي يا ٿيئٽر جي حيثيت ۽ قدر ۾ گهٽتائي ناهي آئي. ڇو تہ اسٽيج ڊرامي يا ٿيئٽر ۾ جهڙي ريت انساني جذبن، امنگن ۽ احساسن کي پيش ڪيو ويجي ٿو. ان جو سحر ڏسندڙن تي نهايت گهرائي سان ٿئي ٿو. جيڪو ٽي وي ڊرامي يا فلم جي اثر کان وڌيڪ طاقتور ۽ سنئون سڌو آهي. جنهن کي ارسطو "ڪئٿارسس" جو نالو ڏنو هيو.

جيئن تہ اسان زوال پذير معاشري ۾ رهون ٿا. انڪري اسان وٽ جمالياتي حس بہ گهٽ آهي ۽ بدذوقي پنهنجي بام عروج تي پهتل آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ اسٽيج ڊرامي کي اها اهميت ناهي ملي، جيڪا ترقي يافتہ معاشرن ۾ مليل آهي.

اسان وٽ تہ اڃا اسٽيج ڊرامي جي سٽي اسڪرپٽ کي بہ ادب جو حصو ئي نٿو سمجهيو وڃي. ان حوالي سان، هڪڙو واقعو اوهان کي ٻڌائيندو هلان ، تہ هڪ ڏينهن هڪ ادبي ميگزين جو معتبر ايڊيٽر صاحب مون وٽ آيو ۽ مونکان کهاڻي گهريائين.

مون وراڻيو، "اڄڪلهہ طبعيت ناساز آهي انڪري لکڻ نٿو ٿئي. باقي اڻ ڇپيل اسٽيج آرٽ ڊرامن جا اسڪرپٽ پيا آهن. انهن کي پڙهي ڏس...! جيڪو وڻئي، اهو کڻي ڇاپي ڇڏ."

ٺهڪ ڏيندي چيائين، "اسٽيج ڊرامن جا اسڪرپٽ ڪڏهن کان ادب جو حصو ٿيا آهن؟"

مون کيس حيرت مان ڏٺو ۽ پوءِ پڇيو: "واقعي ...!؟"

جواب ڏيندي، سوال ڪيائين، "توکي اها بہ خبر ڪونهي ڇا؟"

مون وراڻيو، "مونکي تہ صرف اها ڄاڻ آهي، تہ عظيم فلاسفر افلاطون ادب کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي. ان ۾ شاعري، ڊرامو ۽ نثري مضمون شامل آهن. ادب جي حوالي سان انگريزي ۾ لٽريچر جي معنيٰ بہ اها آهي:

"Literature means art of written work."

يعني ادب لکت واري ڪم جو فن آهي."

”نہ نہ ايئن ناهي ، ائين ناهي! اوهان پٽر جي دؤر جي ڳالهہ ٿا ڪيو. !“
هن طنزيہ انداز ۾ وراڻيو ۽ پوءِ اٿي ويو.

ان ڪانپوءِ مون جڳ مشهور شاعر ۽ مضمون نگار گوئٽي جو هڪ مضمون ناول ۽ ڊرامي جي تقابلي جائزي جي حوالي سان وري پڙهيو، جنهن ۾ چاڻايل آهي :

**”ڊرامي ۽ ناول ٻنهي ۾ اسان کي انساني فطرت ۽ انساني عمل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙي قسم جي افسانوي ادب ۾ نہ صرف اهو ظاهري فرق آهي، پر هڪ ۾ ڪردارن کي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي ڏيکاريو وڃي ٿو. جڏهن تہ ٻئي ۾ ان جي سوانح ۽ تاريخ بيان ڪئي وڃي ٿي. ناول ۾ جذبن ۽ واقعن کي پيش ڪيو وڃي ٿو، ناول آهستي آهستي اڳتي وڌي ٿو. هيرو جا جذبا ڪنهن نہ ڪنهن ذريعي سان ڪلي سامهون اچڻ ۽ اختتام تائين پهچڻ واري رجحان کي روڪيندا رهن ٿا... جڏهن تہ ڊرامي ۾ ان جي برخلاف تيز رفتاري ٿئي ٿي ۽ هيرو جي ڪردار کي پنهنجي منطقي انجام تائين پهچڻ لازم ٿئي ٿو. ڊرامو رڪبو ناهي، پر ان کي روڪيو ويندو آهي.“**

پر ائين بہ ناهي، تہ ڪو سڀ ايڊيٽر اهڙا آهن. ڪافي ايڊيٽر گهڻ پڙهيا نہ سهي، پر سڄاڻ ضرور آهن. هڪ دفعي مواد وٺڻ جي حوالي سان مون وٽ ”سڳنڌ“ مئگزين جو ايڊيٽر ”زاهد چاڻڊو“ بہ آيو. ان بہ مواد جي گهر ڪئي. مون ڪيس ڊرامن جا اسڪرپٽ ڇاپڻ لاءِ ڇيو. هن اسٽيج ڊرامي ”پريميڪا“جو اسڪرپٽ پڙهيو ۽ چيائين ، ”سائين ، ضرور ڇاپيندس ..!“ ۽ پوءِ پنهنجي رسالي ”سڳنڌ“ جي جولاءِ 2013ع واري پرچي ۾ ڇاپي ڇڏيائين.

منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي، تہ جڏهن ڪلاسيڪل فلاسافر ۽ موجوده دؤر جا عالم ۽ سڄاڻ بہ اسٽيج ڊرامي جي تحرير کي افسانوي ادب جو حصو سمجهن ٿا، تہ اسان کي بہ انهن تحريرن کي عزت وتوقير ڏيڻ گهرجي ۽ سندن حفاظت ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان ڪلاسيڪل ڊرامن جي تحريرن تي ادبي حوالي سان ناقدانہ نظر ڦيرايون تہ خبر پوندي، تہ اهي تحريرون ٻولي، خيال، ڪردار نگاري، منظر نگاري ۽ مقصديت جي حوالي سان لازوال آهن.

مثلن سنسڪرت ٻولي ۾ چار صديون قبل مسيح لکيل ڊراما، ادب ۽ مقصديت جي لحاظ کان املهہ هيا ۽ آهن. ڪاليداس جا لکيل ڊرامہ ”شڪنتلا، وڪرم اروسي، مالوي ڪاگني متر“ وڏا حوالا آهن. انهن منجهان خاص ڪري

"شڪنتلا" ڪلاسيڪل ڊرامن جي حوالي سان نهايت اهم آهي. گوئٽي، گوتير، سر وليم جونس ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن ان ڊرامي کي هڪ بهترين ادبي تخليق سڏيو آهي. ڇو تہ هن ۾ خوبصورت تشبيهن، استعارن جي امتزاج سان گڏوگڏ فڪر جي بلندي، ٻولي جي نزاڪت ۽ گهرو مشاهدو موجود آهي.

دل ڇوي ٿي تہ اوهان کي بہ هن ڊرامي جو مرڪزي خيال ٻڌائي ڇڏيان، تہ شڪنتلا نالي هڪ خوبصورت ناري جيڪا هڪ ٻن ۾ "ڪڻو" نالي رشيءَ پالي تاني وڏي ڪئي هئي. ان ڪري هو سندس ڌرم پتا ٻڻيو. هڪ ڏينهن هستناپور جو راجا "دشينت" شڪار سانگي ان ٻن ۾ پهچي ٿو. شڪنتلا جي سونهن ۽ سوڀيا کي ڏسي متاثر عاشق ٿي پوي ٿو ۽ پوءِ ٻئي هڪٻئي کي پسند ڪري "گانڌرو وواهہ" (پيءُ ماءُ کي ٻڌائڻ کان سواءِ پسند جي شادي) ڪن ٿا. رشي ڪڻو کي جڏهن خبر پوي ٿي تہ هو ان شادي کي تسليم ڪري ٿو. راجا دشينت، شڪنتلا سان اهو وچن ڪندي موڪلائي ٿو، تہ جڏهن هو راڄڌاني هستناپور پهچندو تہ کيس گهرائي وٺندو. هو اتي پهچي شڪنتلا کي وساري ويهي ٿو. جڏهن شڪنتلا پيٽ سان ٿئي ٿي تہ سندس ڌرم پتا ڪڻو کيس پنهنجي مڙس دشينت ڏانهن پنهنجن چيلن "شارنگرو" ، "شاردوت" ۽ "گوتمي" کي ساڻ ڪري موڪلي ٿو. شڪنتلا جڏهن پنهنجن سهائڪن سان گڏ راڄ محل ۾ پهچي ٿي، تہ راجا دشينت کيس سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ٿو. باوجود انهي جي تہ ڪڻو جا چيلا راجا کي سمجهائن ٿا، پر راجا تي ڪو اثر نٿو ٿئي. آخر ۾ شڪنتلا مجبور ٿي، راجا جي ضمير کي جهنجهوڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر ناڪام وڃي ٿي. آخرڪار هو محل مان بي عزت ٿي نڪري ٿي ۽ کيس ڪڻو جا چيلا پڻ ڌڪاري ڇڏين ٿا. نتيجي ۾ کيس سندس ماءُ اپسرا "منيڪا" رشي ڪشيپ وٽ پهچائي ٿي. جتي کيس پٽ سرودمن (چڪروتي راجا ڀرت جنهن جي پٺيان ملڪ ڀارت سڏجڻ ۾ آيو) ڄمي ٿو. شڪنتلا جي وڃڻ کانپوءِ راجا دشينت کي پنهنجو ضمير ڏنگيندو رهي ٿو ۽ هو ديوتا "اندر" جي رٿبان "ماتلي" جي سهاري سان رشي ڪشيپ وٽ پهچي ٿو ۽ اتي شڪنتلا کان معافي وٺي پنهنجي ضمير کي مطمئن ڪري ٿو.

ڪاليداس جو لکيل هي ڊرامو جهڙوڪر اڄ جي پريمي جوڙن جي ڪهاڻي آهي. اڄ بہ اسان جي سماج ۾ ڪيترين ئي شڪنتلائن سان دشينت جهڙا مرد ڌوڪو ڪن ٿا ۽ هميشہ لاءِ کين تباهہ و برباد ڪري ڇڏين ٿا. اهڙي

قسم جون سچيون ڪهاڻيون اسان جي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي اينديون رهن ٿيون. اسان جي سماج ۾ ڪلهه جو دشينت مرد تہ ڪجهه حياءُ ۽ شرم وارو هيو، پر اڄ جو دشينت وڏو بي حياءُ ۽ نڪ نرجو آهي.

اهو اوهان ڪي ٻڌائيندو هلان تہ سنڌي ٻولي ۾ مرحوم "رشيد احمد لاشاري"، شڪنتلا ڊرامي جو ترجمو ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ ڪيو هيو ۽ ان جي تصحيح "شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي" جهڙي علمي قدآور شخصيت ڪئي هئي. هي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ 1958ع ۾ ڇپايو هيو. اچو تہ اوهان کي ان خوبصورت ڊرامي جي خوبصورت ترجمي جي ڪجهه حصن جو حظ وٺرايان. هيٺيون حصو اهو آهي جڏهن راجا دشينت ۽ شڪنتلا جي وچ ۾ پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ٻن ۾ هلن ٿيون:

**راجا:** گهبراءِ نہ. تنهنجي شيوا ڪرڻ لاءِ هي ٻانهو حاضر آهي! ڇئين تہ هن ڪنول جي پاٽي ۾ پسيل وڃڻي سان ويهي هوا هٽانءِ، جيئن تڪ لهي وڃيئي. يا ڇئين تہ هنن ڪنول جهڙن ڳاڙهن پيرن کي پنهنجي هنج ۾ رکي ويهي زور ڏيانءِ!

**شڪنتلا:** شرمسار نہ ڪريو. ڇا آءٌ ڪا اهڙي نيچ آهيان جو اوهان جهڙي هڪ بلند هستيءَ کان پنهنجي خذمت ڪرايان؟

**راجا:** روپ وٽني، اڃا اس تيز آهي، ۽ ان سان گڏ تنهنجو هيءُ حال! تنهنڪري تون هنن گلن جي سيج ڇڏي، هن ڏرتتيءَ جو ڪيڏانهن وڃڻ چاهين ٿي؟ ڪجهه ويچار تہ ڪر. تون ڪيتري نہ ڪمزور ٿي ويئي آهين؟

(زبردستي روڪيس ٿو)

**شڪنتلا:** پروءَ جا اولاد: منهنجو سيل نہ ڀڃ! برابر آءٌ ڪامديو جي ستايل آهيان. مگر ڇا ڪريان؟ آءٌ پنهنجي هٿ وس نہ آهيان!

**راجا:** تون ڪيتري نہ ڊڄڻي آهين! جهور پوڙهن جو ڊپ ڪيستائين؟...... تنهنجو پتا تہ شاسترن جو ڄاڻو آهي، تنهنڪري هو جڏهن تنهنجي هن حال مان واقف ٿيندو، تڏهن توتي ڪنهن بہ قسم جو الزام ڪو نہ ڌريندو. ڪيترين ئي راجائن جي نياڻين، پنهنجي اِڇا سان گانڌرو شادي ڪئي آهي، پر سندن مائٽن اپراڌ نہ سمجهيو.

**شڪنتلا:** مون کي ڪجهه مهلت ڏيو. گهٽ ۾ گهٽ آءٌ پنهنجن ساهيڙين کان تہ پڇي وٺان!

**راجا:** دِج نہ، ڇڏي ڏيندوسانءِ!

**شڪنتلا:** پر ڪڏهن؟

**راجا:** جهڙيءَ طرح ڀونر تازن ٽڙيل گلن جي رس ڍڪ ڍڪ ڪري پيئندو آهي، تهڙيءَ طرح تنهنجن چاهہ ڀريل چپن جي رس هوريان هوريان چوسي وٺان تنهن کان پوءِ آءٌ توکي پاڻ ئي ڇڏي ڏيندس.

[هي اهو ڏيک آهي جڏهن شڪنتلا بن مان نڪري، رشي ڪٽو جي چيلن سان گڏجي راڄ محل ۾ پهچي ٿي. اتي ڇا ٿو ٿئي؟ ملاحظہ ڪيو.]

**راجا:** او سنتو، مون انهيءَ باري ۾ گهڻو ڪجهہ سوچيو! پر اوهان جي ڳالهہ منهنجي دل سان هرگز نٿي لڳي. جنهن صورت ۾ هيءَ ديوي گرڀ وتي آهي، تہ پوءِ آءٌ ان کي ڪيئن ٿو پنهنجو بنائي سگهان؟ ڇاڪاڻ تہ آءٌ جيڪڏهن ڪنهن پرائيءَ زال کي پنهنجي گهر رهائيندس، تہ منهنجو اندر هميشہ لاءِ ضرور ڪاڙل رهندو

**شڪنتلا:** (پاڻ سان ڳالهائيندي) هاءِ ڙي قسمت، هيءَ تہ شاديءَ جي ڳالهہ کان ئي صفا نابري واريو بيٺو آهي! افسوس، منهنجي اميدن جو محل ئي صفا ڊهي پيو!

**شارنگرو:** ائين تہ نہ چئو مهاراج! ڇا اوهان اها ڳالهہ چڱي ٿا سمجهو تہ انهيءَ رشيءَ کي اهڙيءَ طرح ذليل ڪيو وڃي، جنهن جي ڌيءَ کي توهان ڌوڪو ڏنو ۽ ان کي اَپوتر بنايو! تنهن هوندي بہ هن پنهنجي پيشانيءَ ۾ گهنج نہ آندو ۽ اوهان سان هن جي شادي ڪرڻ قبول ڪيائين. اوهان ڪجهہ پاڻ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ انهيءَ رشيءَ جي سچائيءَ ۽ صفائيءَ کي بہ ڏسو، جنهن جو اوهان ڌن چورائي آيا آهيو. ڇا انهيءَ رشيءَ اوهان ڏانهن پنهنجو اهو ڌن رڳو انهيءَ لاءِ موڪلي ڏنو آهي تہ اوهان پاڻ کي چور نہ سڏايو. پر اٽلندو پاڻ وٽ قبائي دنيا ۾ ساڌ بنجي رهو.

**شاردوت:** منهنجا ڀاءُ، تون هاڻي ماٺ ڪر!... شڪنتلا، اسان کي جو ڪجهہ چوڻو هو، سو چئي ڏنوسين، ۽ مهاراج جيڪو جواب ڏنو، سو بہ اوهان سيني ٻڌو. هاڻي توکي گهرجي تہ تون پاڻ پنهنجي سچائي ثابت ڪري ڏيکار!

**شڪنتلا:** (پاڻ سان ڳالهائيندي) هاءِ انهيءَ محبت کي ياد ڏيارڻ منجهان ڇا ورندو؟ انهيءَ جو تہ جيڪو نتيجو نڪرڻو هو سو نڪري

چڪو، پر ساڳئي وقت هرويرو پاڻ کي تڪو نہ لڳي، تنهن جي بچاءَ لاءِ ڪجھہ نہ ڪجھہ ضرور چوڻو پوندو.(بلند آواز سان چوڻ لڳي) پراڻ ناٿ، (ائين چوندي چوندي ڪجھہ هٻڪي ٿي) جڏهن اوهان شاديءَ کان ئي صفا انڪار ڪري رهيا آهيو، تہ پوءِ آءُ ائين چو نہ چوان تہ مهاراج، آشرم ۾ ڪوڙا وچن ڪري، جنهن ابوجھہ کي اوهان هڪڙو ڀيرو ڏوکو ڏيئي چڪا آهيو، چا ان کي اهڙيءَ بيدرديءَ سان ٺڪرائي ڇڏڻ اوهان جي شان مان وٽان آهي؟"

**راجا:** (ڪنن تي هٿ ڏيئي) توبهہ توبهہ ڪر او ڇوڪري! تو پنهنجي سڄي خاندان کي تہ بدنام ڪيو، پر ساڳئي وقت مون غريب کي پاڻ سان گڏ ڇو ٿي ٻوڙي ۾ وجهين؟ تنهنجو اهو مثال بلڪل انهيءَ نديءَ جهڙو آهي، جا پنهنجي ڪناري کي پائيندي آهي، پر ان تي بيٺل وڻن ٻوٽن کي بہ پاڙون پٽي برباد ڪري ڇڏيندي آهي. نہ رڳو ايترو، پر اها خود پنهنجي پاڻيءَ کي بہ لڙو ڪري ڇڏيندي آهي.

(شڪنتلا منهن تي پلاند ڏيئي روئي ٿي)

**شارنگرو:** ٻڌ، نفس کي ڇڙواڳ ڇڏڻ جي ڪري اجهو اهو نتيجو نڪري ٿو، ۽ اهو ڏک سهڻو پوي ٿو. جيستائين ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي چڱيءَ طرح نہ ڏسي وائسي، تيستائين ان کي شل پنهنجي دل ۾ ڪڏهن بہ جاءِ نہ ڏئي! جيڪڏهن سواءِ ڏسڻ وائسڻ جي ڪنهن سان پريم ڪبو، تہ هڪ نہ ٻئي ڏينهن ضرور نراسائيءَ جو منهن ڏسڻو پوندو.

سورهين سترهين صدي ۾ استيج ڊرامن جي حوالي سان انگلينڊ ۾ "وليم شيڪسپيئر" اهڙا خوبصورت ڊراما لکيا، جن کي اڄ ڪلاسڪ جو درجو حاصل آهي. انگريزي ڊرامي کي مذهبي موضوعن جي پنجوڙ مان ڪڍي، انساني جذبن ۽ احساسن کي بيان ڪرڻ وارو شيڪسپيئر هيو. جنهن جي ڊرامن ۾ الميہ ۽ مزاحيہ عنصر مليل جليل هيا. هن انساني زندگي جو مطالعو ان بنياد تي رکيو تہ انساني زندگي روئڻ ۽ کلڻ جو امتزاج آهي. هن انساني متضاد جذبن کي پيش ڪري جهڙوڪر انساني نفسيات کي گهرائي سان سمجهيو. ان حوالي سان سندس ڊراما جن ۾ "هيمليٽ" جنهن ۾ غم ۽ مسرت، "روميو جيوليٽ" ۽ "اوٿيلو" ۾ محبت ۽ نفرت جهڙن جذبن کي بيان ڪري ڪمال

ڪري ڇڏيو. سندس ڊرامو "ميڪ بٿ" نہ انساني خوف ۽ بي خوفي کي بيان ڪرڻ جو اعليٰ مثال آهي. سندس ڊرامو king lear جنهن جو ترجمو شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ "شاه ايليا" جي نالي سان ڪيو. جنهن ۾ انساني رشتن جي بي حسي کي نروار ڪيو ويو آهي۽ سچن رشتن جي بي قدري کي عيان ڪيو ويو آهي. ان جو ترجمو دنيا جي گهڻين ٻولين ۾ ٿيو آهي. اڄ تائين اهو ڊرامو برطانيہ ۽ دنيا جي ٿيٽرن جي زينت بڻيل آهي. هي ڊرامو منهنجي پٽ روحل جان پنهنجي پڙهائي دوران جولاءِ 2013ع ۾ لنڊن جي لسٽر اسڪوائر ۾ لڳل 'پاپ اپ ٿيٽر' ۾ ڏٺو هو، پر اسان جي ٿيٽرن ۾اهو ڊرامو ڪو ورلي ٿيو هوندو.ان جو هڪ ٽڪرو هتي پيش ڪجي ٿو:

شاه ايليا (king lear) جڏهن پنهنجين ڌيئن ۽ پنهنجن ڪان ڌوڪا کائي چريائپ واري حالت ۾ پهچي ٿو، تہ ڪيئن نہ اهڙين عورتن لاءِ ڌڪار وارا جملا ڳالهائي ٿو، ملاحظہ ڪيو:

> "چيلهہ کان مٿي زالون آهن. باقي هيٺ رڳو گڏهيون ۽ ڪتيون آهن ڪمر تائين ملائڪن جي حوالي آهن. هيٺ رڳو شيطان جي حوالي آهن. دوزخ بہ اتي جهنم بہ اتي. باه، گرمي، بدبوءِ، بيماري، عذاب ، سڀ وجي اتي گڏ ٿيا آهن...هاءِ هاءِ، گهوڙا، گهوڙا ...!"

ويهين ۽ اڻويهين صدي ۾ ڊراما سماجي تبديلي جي بنياد تي لکيا ويا. ڇو تہ اهي صديون نظرياتي ۽ ٽيڪنالاجي جي حوالي سان انساني سماج جي تبديلي واريون صديون سمجهيون وڃن ٿيون. انهن صدين ڪيترائي عظيم سياستدان، سائنسدان، فلاسافر، محقق ۽ اديب پيدا ڪيا، جن انساني سماج ۾ اهم تبديليون آنديون. مان صرف هتي اديبن جي ڳالهہ ڪندس سو بہ صرف ڊرامي جي حوالي سان. ڊرامن جي حوالي سان جن اديبن مقصدي آرٽ ڊراما لکيا انهن منجهان روس جو چيخوف ۽ ميڪسم گورڪي قابل ذڪر آهن. جيڪڏهن انهن تي ويهي راءِ زني ڪجي تہ هي مهاڳ طوالت جو شڪار ٿي ويندو. مان هتي جرمني جو مشهور اديب "بريخت" جيڪو ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، شاعر ۽ ڊراما نگار هيو. صرف ان جو ذڪر ڪندس، ڇو تہ هن اڻويهين صدي ۾ آرٽ ڊرامن جي حوالي سان نهايت قابل قدر ڪم ڪيو. جنهن جا بہ ڊراما مشهور تاريخدان مبارڪ علي اردو ۾ ترجمہ ڪيا هيا. "بريخت" جي هڪڙي ڊرامي جا چند ٽڪرا پيش ڪ ي اوهان کي لطف وٺرائجي ٿو:

# فقيرءِ مئل ڪتو

[هڪ دروازو. ان جي سڄي پاسي ڪان قاتل ڪپڙن ۾ ملبوس هڪ فقير ويٺو آهي. جنهن جا متي جا وار سفيد ٿي چڪا آهن. سندس پراڻي گندي ۾ هڪ باجو ٻڌل آهي. صبوح جو وقت آهي. توپ جي ڇٽڻ جو آواز اچي ٿو. اسٽيج تي بادشاهه پنهنجن سپاهين سان گڏ داخل ٿئي ٿو. اهو ارغواني لباس پهريل آهي. خوشيءَ جون گهنڊڙيون وڄڻ لڳن ٿيون.]

**بادشاهه:** مان پنهنجي سڀ کان وڏي دشمن کي فتح ڪرڻ جي خوشي ملهائڻ لاءِ وڃان ٿو. هن وقت سڄي ملڪ ۾ خوشبوءِ سان گڏ. منهنجو نالو مهڪي رهيو آهي. هن وقت هي بدبودار فقير منهنجي دروازي تي ويٺو آهي... بهرحال پنهنجي مصروفيتن جي باوجود، هن شخص سان جنهن جي ڪا به حيثيت ناهي، ڪجهه به ٿي ڳالهيون ڪري وٺان. (سپاهي پنتي هٽي وڃن ٿا) اوه بدنصيب! توکي خبر آهي ته هي گهنڊڙيون ڇو ٿيون وڄن؟

**فقير:** ها. منهنجو ڪتو مري ويو آهي، ان لاءِ.

**بادشاهه:** اها ڪهڙي بي حيائي آهي.

**فقير:** نه. ڪراڙپ جي ڪري مري ويو آهي. ان آخري وقت تائين موت سان مقابلو ڪيو. جڏهن هن جون ٽنگون ڏڪن پيون، ته مان سوچيو هيو ته ائين ڇو آهي؟ هن پنهنجيون به اڳيون ٽنگون منهنجي سيني تي رکيون... ۽ اهڙي طرح اسان پوري رات گذاري. جيتوڻيڪ رات سردي وڏي هئي. صبوح ٿيندي ئي هو مري چڪو هو. مان ان کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو. هاڻي مان گهر به نٿو وڃي سگهان. ڇو ته هن ڳرڻ ۽ سڙڻ شروع ڪيو آهي ۽ ان سان بدبو به اچڻ لڳي آهي.

**بادشاهه:** تون ان کي اڇلين ڇو نه ٿو؟

**فقير:** ان جو تو سان ڇا. تنهنجو سينو ته ايتروئي خالي لڳي ٿو جيئن نلڪئي جو سوراخ.

مٿيون ٽڪرو مونکي ته جڻ احساساتي ادب جو لازوال حصو ٿو لڳي.

موجوده دؤر جي ليڪ ۽ مشهور ڊرامي نويس هيرالڊ پنٽر جنهن کي 2005ع ۾ سندس لکيل ڊرامن جي حوالي سان ادب جو نوبل انعام ڏنو ويو هو. هن جا ڪيترا ئي مشهور ڊراما هيا ، جن ۾ (1) برٿ ڊي پارٽي، (2) دي روم، (3) سائلينس نائٽ (4) مون لائٽ (5) اولڊ ٽائمس وغيره . هن ٽوٽل اوڻٽيهه ڊراما ۽ پندرهن خاڪا لکيا.

هيرالڊ پنٽر 31 ڊسمبر 2008 تي وفات ڪئي. هن جي تدفين اڏ ڪلاڪ جي اندر ڪينسل گرين سيميٽري ۾ ڏاڍي انوکي انداز ۾ ٿي. سندس وصيت مطابق سندس قبر تي اٺ مختلف پيراگراف پڙهيا ويا. جنهن مان ست سندس لکتن مان هيا. هڪڙو پيراگراف جيمس جوائس جي ڪهاڻي "دي ڊيڊ" تان ورتل هيو، جيڪا مشهور اداڪاره پينيلوپ ولٽن پڙهيو. آخر ۾ سندس زال انتونيا فراسر شيڪسپيئر جي ڊرامي "هيمليٽ" جو اهو ڊائلاگ پڙهيو:

"شب بخير پيارا شهزادا! ۽ فرشتن جا ولر ڳائيندا تنهنجي لاءِ جيسين تائين تون آرامي هوندين."

اهي آهن، حقيقي سيڪيولر ليڪ جيڪي مرندي گهڙيءَ تائين سيڪيولر رهيا. بيشڪ انهن لاءِ ئي لطيف سائينءَ چيو آهي:

"سچو تون مَ ڪفر سين، ڪافر م ڪوٺاءِ
هندو هڏ نه آهين، جٺيو تو مَ جڳاءِ
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي ڪفر سين."

اسان جي نام نهاد سيڪيولر اديبن وانگر نه، جيڪي پهريائين پاڻ کي سيڪيولر نظرئي سان سلهاڙن ۽ آخر ۾ بنياد پرست تي مرن. سچ پچ ته اسان جي منافق معاشري ۾ منافقت ئي وڏو معراج آهي. خير ڳالهه هلي پئي آرٽ ڊرامي جي ته آرٽ ڊرامو بنيادي طور تي مقصدي ڊرامو هوندو آهي ۽ ان جي وصف به اها آهي، ته

> **"نثر يا نظم ۾ اها لکت، جيڪا ڪنهن سنجيده ۽ با مقصد ڪهاڻي کي ڪردارن جي ذريعي گفتگو ۾ بيان ڪري، جنهن کي اداڪار ڪردارن جي نقالي ڪندي گفتگو ۽ عمل جي ذريعي بهترين انداز ۾ ادا ڪن ۽ ڏسندڙن يا ٻڌندڙن مٿان ڪهاڻي جي حوالي سان اهڙو تاثر ڇڏين، جو ٻڌندڙ يا ڏسندڙ سوچڻ تي مجبور ٿين."**

هاڻي، اهم ۽ بنيادي سوال اهو آهي، تہ ڇا سڀ آرٽ ڊرامہ يا پيا ڊرامہ ادب جو حصو ٿي سگهن ٿا؟..ان سوال جو جواب اهو آهي، تہ جيئن سڀ مضمون، ڪالم، خط، ڊائري جا ورق، افسانہ، ناول، سوانح عمريون ادب جا حصا ٿي نہ ٿا سگهن. تيئن ضروري ناهي تہ سڀئي ڊرامہ ادب جو حصو ٿين. ڇو تہ جيڪا تحرير ادبي تقاضائن واري ڪسوٽي تي پوري نہ ٿي لهي، ان کي ادب جو حصو نہ ٿو بڻائي سگهجي. وري جواب در سوال اهو ٿو اٿي، تہ ادبي تقاضائن واري ڪسوٽي ڇا آهي ...؟سادي انداز ۾ ادبي تقاضا واري ڪسوٽي جي وصف اها آهي، تہ ڪا بہ تحرير جيڪا لفظن جي اهڙي ترتيب تي مشتمل هجي، جنهن جي ستاء ۾ گرامر جي غلطين جي گنجائش گهٽ هجي. لفظن جي چونڊ، مناسب تشبيهن، استعارن، پهاڪن ۽ حوالن سان گڏوگڏ منجهس خيالن ۽ احساسن جوخوبصورت امتزاج هجي، تہ اهڙي تحرير کي ادب جي ضمري ۾ آڻي سگهجي ٿو. عمومن ڊرامن جي تحريرن کي بہ ان بنياد تي پرکيو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو ڊرامن جي تحريرن کي بہ ادبي حيثيت ملي ٿي ۽ انهيء بنياد تي ڊرامہ نويسن کي ادبي ايوارڊ يا پرائز مليا آهن. مثلن هيرالڊ پنٽر کي 2002 ۾ نوبل پرائز مليو. هن29 مڪمل ڊرامہ ۽ 15 خاڪا لکيا. هن جو هڪ هڪ ڊرامو ادبي حيثيت ٿو رکي.

"يوجين او نيل" مشهور آمريڪي ڊرامہ نويس هيو، جنهن 1936 ۾ ڊرامہ نويس جي حيثيت سان ادب جو نوبل پرائز کنيو هيو. هن ڊرامن جي حوالي سان چار دفعا مشهور آمريڪي "پلٽرز" ادبي ايوارڊ کنيا. هن جا مڪمل 32 ۽ 16 ڪن ون ايڪٽ ڊرامہ لکيل آهن.

20 صديء جو، "ٽي ايس ايلٽ" نہ صرف عظيم شاعر هيو، پر عظيم ڊرامہ نويس پڻ هيو. هن جا هڙيئي ڊرامہ ادبي شاهڪار آهن. اهڙيء طرح "انتوني چيخوف" جا سڀ اسٽيج ڊرامہ ادب جا شاهپارہ آهن.

جارج برنارڊ شا 63 اسٽيج ڊرامہ لکيا. 1925 ۾ کيس ادب جي حوالي سان نوبل پرائز مليو."ساميوئل بيڪٽ" 1969 ۾ ڊرامہ نگار جي حيثيت سان نوبل پرائز کنيو. هن جو خاص ڪري ڊرامو waiting for godot (گودات لاء انتظار) مشهور ٿيو، جيڪو 1953 ۾ شايع ٿيو. اهو ڊرامو الميہ مزاح ۾ جديديت جي حوالي سان 20 صديء جو هڪ بهترين ڊرامو آهي.

بهرحال پڌائڻ جو مقصد اهو آهي، تہ هڪ سٺي ڊرامي جي تحرير ادب جو حصو آهي. ان ڪري ان کي نظر انداز ڪرڻ پنهنجي ئي ٻوليءَ جي ادب کي نظر انداز ڪرڻ جي برابر آهي.اهڙي روش سان اسان جي ٻولي شاهوڪار ٿيڻ بجاءِ غريب تر ٿيندي. دراصل ٻوليءَ جو غريب ٿيڻ ثقافت جو زوال آهي. ڇو تہ ٻولي ثقافت جي ترجمان آهي ۽ ادب ٻوليءَ جو بهترين نمائندو آهي.

لاڙڪاڻي ۾ ڊرامي جي حوالي سان پهريون دور 20 صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ چانڊڪا اميچوئر ڊرامڪ سوسائٽي جي قيام سان شروع ٿيو. جنهن جو باني ڪشنچند بيوس هيو. جنهن جي پليٽ فارم تان ڪيترائي سنڌي ڊراما پيش ٿيا. ٻيو دور ميان غلام عباس قادري جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، جنهن الهلال ڊرامڪ سوسائٽي جو بنياد رکيو. بقول سندس پوٽي، سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ آتم ڪٿا لکندڙ ذوالفقار علي قادري جي تہ، اهو دور غالبن 1943ع کان شروع ٿيو آهي. انهن ٻنهي دؤرن تي ڪڏهن تفصيل سان لکبو. في الحال مان هتي لاڙڪاڻي ۾ ڊرامن جي ٽئين دور جي حوالي سان ڳالهہ ڪيان ٿو، جنهن جو مان اکين ڏٺو شاهد آهيان. انهيءَ دور۾ لاڙڪاڻي ۾ 30 کان وڌيڪ ناٽڪ منڊليون وجود ۾ آيون. جيڪي مختلف قسم جا ڊراما پيش ڪنديون هيون. جن جو تفصيلي ذڪر تاج شيخ پنهنجي ڪتابچي "لاڙڪاڻي ۾ ناٽڪ منڊليون" ۾ ڪيو آهي. 1970 کان پوءِ آرٽ ڊرامي کي فروغ ڏيڻ ۾ جن ماڻهن پيشرفت ڪئي هئي، انهن ۾ هدايتڪاري جي حوالي سان ممتاز ابڙو ، لکڻ جي حوالي سان رزاق مهر ۽ ماحول ناهڻ ۾ قدير شيخ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو. قدير شيخ ، "مئسيج گروپ" جي پليٽ فارم تان ڊرامي جي مختلف موضوعن تي ليڪچر ڏيندو رهيو. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ، تہ هڪ ليڪچر ڊرامي جي فن جي حوالي سان بہ هن ڏنو هيو، جنهن جي صدارت مونکان ڪرائي وئي هئي. منهنجا جيئن تہ مٿين ڄاڻايل دوستن سان ادبي ۽ علمي واسطا هيا. ان ڪري هڪ ٻئي جي ادبي تخليقن ، سرگرمين ۽ ڪمن تي نظر رهندي هئي. اسان جو هڪ ٻئي جي همت افزائي ۽ عزت افزائي ڪرڻ، ادبي رواداري ۽ فرض ۾ بہ شامل هيو.1991 ۾ رزاق مهر جي آرٽ ڊرامي"ايف آءِ آر" لاڙڪاڻي ۾ ادبي ۽ علمي حلقن کي متوجهہ ۽ گرويده ڪيو.

مون متاثر ٿي، رزاق مهر کي چيو، "يار، منهنجي دل بہ چوي ٿي ، تہ هاڻي آرٽ ڊرامو لکان ." رزاق مهر، ممتاز ابڙي کي ڏسندي وراڻيو، "منظور جو موڊ

نهيو ٿي .... وارو ڪر! ڪانئس آرٽ ڊرامو لکرائي وٺ!“ 1991 کان ممتاز ابڙو چوندو ۽ پنڊي پارينڊورهيو، ”سائين! ڪڏهن ٿا آرٽ ڊرامو لکي ڏيو ....؟“ اچ سياڻي ڪندي اٺ سال گذري ويا. آخرڪار هڪ ڏينهن ٽوڪيندي چيائين، ”سائين لڳي ٿو اوهان ڪو نہ لکي ڏيندءَ...!“

انهي عرصي دؤران دنيا جي اوائلي قانونن مثلن ”منو ڌرم شاستر“، ”حمورابيءَ جو قانون“، ”آشوري قانون“، ”موسوي شريعت“ کي پڙهندي احساس ٿيو، تہ هنن قانونن ۾ عورت ذات جي حوالي سان باقاعده تعصب روا رکيو ويو آهي. تاريخ جي حوالي سان مون جڏهن ڊاڪٽر مبارڪ علي جا ڪتاب ’آخري عهد مغليہ ڪا هندوستان“ ۽ صوفي سرمد ، شاه عنايت شهيد، مخدوم بلاول شهيد وغيره جا داستان پڙهيا، تہ مون کي شهنشاهن ۽ بادشاهن جي جبر و استبداد جي خلاف نفرت ۽ انهن عظيم صوفين ۽ فن ڪارن سان محبت ٿي، جن انهن جي خلاف هٿين خالي جدوجهد ڪئي هئي.

اهڙي ريت انگريزن جي دؤر جي تاريخ جي حوالي سان جيڪي مون مختلف ڪتاب پڙهيا، تہ خبر پئي تہ انهن ڪيئن نہ بر صغير ۾ ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ جي پاليسي تحت ماڻهن کي ورهائي ڇڏيو، جو ورهاڱي وقت 20 لک ماڻهو قتل ٿي ويا. ان کان پوءِ پنهنجن ديسي حاڪمن ڪهڙا ڪارنامہ ۽ ڪلور ڪيا. ان حوالي سان هر دؤر ٿي، تاريخي تناظر ۾، ناقدانہ نظر تحت، ”راج ڪرتهہ“ سيريز جي حوالي سان مون ڇهہ ڊراما لکيا. (1) پريميڪا (2) بادشاه سلامت (3) فرنگي (4) ديسي حاڪم (5) نظريہ ضرورت (6) سياسي سوداگر. انهن مان مون جڏهن پهريان چار ڊرامہ ”ممتاز ابڙي“ کي پڙهڻ لاءِ ڏنا، تہ حيرت مان ڏنائين، ڇڻ چوندو هجي، ”يڪ نہ شد، چار شد ...!؟“ هن اهي چارئي ڊرامہ ”مئسيج گروپ“ جي پليٽ فارم تان ، ”لبرل فورم پاڪستان لاڙڪاڻو چيپٽر“ جي صدر ”ذوالفقار راهوجو“ جي تعاون سان 1999ع ۽ 2000ع ۾ پيش ڪيا. ان کانپوءِ لاڙڪاڻي جي مشهور سياسي ۽ سماجي شخصيت ايڊوڪيٽ ”ڪلپنا ديوي“ ، نارين جي جاڳرتا جي حوالي سان پيهر ”پريميڪا“ ڊرامو ديوالي جي موقعي تي پيش ڪيو هيو. جنهن تي محترم تبصره نگار ”سترام مهيشوري“ جو تبصرو پڻ ”ڪاوش“ اخبار ۾ ڇپيو هيو. انهن ڊرامن ۾ لاڙڪاڻي جي مشهور اسٽيج اداڪارن ۽ اداڪارائن ڪم ڪيو هو. جن ۾ استاد اڪبر بلوچ، تاج شيخ، عبدالهادي بگٽي، بينش، صنوبر ۽ منهنجي

پٽ بالاچ حسين "فرنگي" ڊرامي ۾ صحافي ڪرشناڪمار جوڪردار ادا ڪيو هيو. هن ڪتاب ۾آيل ٽي ڊرامہ (1) پريميڪا (2) بادشاه سلامت(3) فرنگي انهيءَ "راج ڪرتھ" سيريز جا آهن. جڏهن تہ شامل، چوٿون ڊرامو "شاه بهارو" هڪ "هيروئڪ ڊرامو" آهي.

"هيروئڪ ڊرامہ" جو اصطلاح ڪلاسيڪل ڊرامہ نگار 'ڊرائيڊن" گهڙيو هو، جڏهن هن 1670 ۾ پنهنجي مشهور ڊرامي "غرناطہ جي فتح" لکيو. سنڌيءَ ۾ان کي"سورهيہ ڊرامہ" بہ چئي سگهجي ٿو. مون بہ سوچيو هو، تہ ڊرامي جي ان صنف جي حوالي سان ڌرتي جي اهڙن سورهين کي سارجي، جن تي اڳ ۾ نہ لکيو ويو آهي. ان ڪري مون پهريائين "شاه بهارو" جي چونڊ ڪئي. اهو ڊرامو اڃا استيج نہ ٿيو آهي، پر "مطالعاتي ڊرامي" جي حيثيت سان هن کي پڙهي سگهجي ٿو ۽ ادبي لطف ماڻي سگهجي ٿو. مطالعاتي يا پڙهجندڙ ڊرامي جي حوالي سان مختصر ذڪر ڪندو هلان، تہ هي ڊرامو ٻي مها ٻاري لڙائيءَ کان پوءِ مقبول ٿيو، چو تہ ڊرامي کي پيش ڪرڻ لاءِ وسيلا گهٽ هيا. ان ڪري ڊرامي جي تحرير کي اداڪار، حاضرين جي سامهون ويهي پڙهندا هيا. ان ۾ وڌ ۾ وڌ ڪجهہ ڪرسين، هلڪي سلڪي سامان ۽ لباس جو انتظام هوندو هيو.اهڙن ٿيٽرن کي پڙهندڙن جو ٿيٽر(Readers theatre or chamber theatre) سڏيو ويو. پر اهڙو ٿيٽر اڳتي هلي تدريسي عمل ۾ نهايت ڪارگر ثابت ٿيو. ان تي ڊاڪٽر ڪوگر ۽ ڊاڪٽر ليسلي، ميسوري اسٽيٽ يونيورسٽي ۾ قابل قدر ڪم ڪيو. ڊاڪٽر ڪوگر هڪڙو ڪتاب لکيو، dramatic approach in literature يعني "ڊرامائي انداز ۾ ادب تائين رسائي."

جي ووڙ ڪبي تہ سنڌ ۾ مختلف ناٽڪ منڊلين مختلف موضوعن تي آرٽ ڊراما ضرور پيش ڪيا هوندا، پر لاڙڪاڻي ۾ هدايتڪار، ليکڪ ۽ پيشڪار ممتاز ابڙي باقاعده ان کي هڪ تحريڪ ڪري ڪنيو. جيئن 'اجوڪا ٿيٽر' وارن جو نعرو هيو، "ٿيٽر، سماجي تبديليءَ لاءِ." هن بہ ساڳئي جذبي سان ڊرامي جي فيلڊ ۾ پير پاتو. 1970 ۾ "الشهباز آرٽ سرڪل"، 1976 ۾ "مارئي آرٽ ڪلب"، ۽ پوءِ 1991ع "مئسيج گروپ" جي نالي سان ناٽڪ منڊلين جو بنياد رکيائين. انهن جي پليٽ فارم تان اهڙا ڊرامہ پيش ٿيا، جيڪي روايتي ڊرامن کان بالڪل مختلف هيا. مثلن هن توفيق الحڪيم جو ڊرامو، "جيڪا تنهنجي مرضي"، صفدر هاشمي جو "تماشو"، علي بابا جو سائنس فڪشن تي لکيل

ڊرامو "موت تي قبضو"، آغا سليم جو ڊرامو "سک جي وستي"، ايم ڪمل جو "ميونسپل ڪائونسلر"، رزاق مهر جا ڊراما "ايف آءِ آر" ۽ "بد حواس هيڊ ڪلارڪ"، قدير شيخ جا ڊراما "راتاهو"، "احتجاج"، ۽ "ڪلاڪار"، ممتاز ابڙي پنهنجا لکيل ڊراما "رات جو مسافر" ۽ "پايل" پيش ڪيا. پر پين ليڪن به سنا آرٽ ڊرامه لکيا ۽ مختلف ناٽڪ منڊلين طرفان پيش ٿيا. جن ۾ نظير شيخ جا ڊراما "اڄ جو انسان" ۽ "پڳت ڪنور رام". اڪبر بلوچ جو "پيغام". نثار آگاڻي جو "شيطان" ۽ ملڪ آگاڻي جو "ڪوڙڪي" هيا.

پر ڇا آهي، ته "جنگل ۾ مور ناچا ڪس ني ديکا.....؟" اسان وٽ الميو اهو آهي، ته ڪراچي واري جي حيدرآباد واري تي نظر نه ٿي پوي. حيدرآباد واري جي لاڙڪاڻي واري تي اک نه ٿي پڏي. لاڙڪاڻي وارو قمبر واري کي ليکي ئي نه ٿو ... عجيب قسم جي نام نهاد وڏائي، معتبرائپ ۽ آڪڙ، ادب ۽ فن ۾ ڪاهي پئي آهي! نتيجي ۾ نام نهاد محقق سنڌي ڊرامي/ادب جي ڪوڙي ۽ اڌوري تاريخ پيا لکن. لاشڪ ته تحقيق، عرق ريزيءَ جي مثل آهي. عرق ريزي ماڪيءَ جي مک کندي آهي، نه ڪي عام مک. تحقيق لاءِ نور نچوئڻ جو اصطلاح به استعمال ٿيندو آهي. نور به اهو نچوئيندو، جيڪو نورسان هوندو، بي نور ته هٿوراڙيون ئي ڏيندو...!!

قابل قدر ليکڪ ۽ پبلشر سعيد سومري ۽ مان اهو سوچي هنن ڊرامن جي تحريرن کي اوهان سڄاڻ پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو آهي، ته جيئن سنڌي پڙهندڙ پاڻ اهو فيصلو ڪن، ته ڇا اسان پنهنجي ٻوليءَ جي انهيءَ ڊرامي واري اهم صنف کي نظر انداز ڪري ڇڏيون يا ڪيس سمانو ۽ باعزت سمجهي ادبي حيثيت ڏيون!؟

**منظور ڪوهيار**

A_3056 فيز 2
گلشن حديد ڪراچي.
Cell: 0333_7534610



# پریمیکا

## ڪردار

| | |
|---|---|
| **مَنُو:** | راجا |
| **چنچل:** | چوڌري |
| **وسڻ:** | وڏيرو |
| **بلونت:** | سيناپتي |
| **ڌرم پال:** | آچاريہ |
| **پريميڪا:** | نرتڪي |
| **روپ ونت:** | بانسري نواز |

**اتهاس ڪار**

**رعايا جا ماڻهو**

**ڪلاڪار**

[پس پردہ بانسريءَ جي ڌن وڄي رهي آهي. اتهاس ڪار جو آواز بلند ٿئي ٿو ۽ بانسريءَ جو آواز گهٽجي وڃي ٿو.]

**اتهاس ڪار جو آواز:** جڏهن انساني سماج ۾ لالچ ۽ لوڀ گهر ڪري ويئي. ماڻهو ان، ڌن ۽ استرين تي وڙهڻ لڳا. تڏهن سماج جا مکيہ ماڻهو گڏ ٿيا ۽ فيصلو ڪيائون تہ جيڪو هڪ ٻئي جو اَنُ ، ڌن ۽ عورتن کي زوري ڪڍندو يا هٿ ڪس ڪندو. تنهن جو هو گڏجي مقابلو ڪندا ۽ کين سزا ڏيندا.

پهريان اِهو ڪم چڱي نموني سان هليو پئي. پر پوءِ هڪ ٻئي جي حسد ۽ ساڙ ڪري بدانتظامي ڦهلجي وئي. تڏهن اُنهن پاڻ مان هڪ ٻلوان، سيبتي ۽ سمجهدار "مَنُو" کي چونڊي راج گدي تي ويهاري راجا بڻايو، تہ جيئن اُهو راڄن جي سار سنڀال ڪري. اِهو فيصلو پڻ ڪيائيون، تہ جيئن پؤنر گلن مان رس چوسيندو آهي، کين چڪ پائي ڪائيندو ناهي. جيئن گابو گانءِ جي ٿڻن مان کير پيئندو آهي، پر ٿڻن کي چباڙيندو ناهي. تيئن راڄن کي نقصان پهچائڻ ڪانسواءِ رکيا جي بدلي راجا کي اَن، ڌن ۽ سون جي پتي ڏيندا، تہ جيئن راجا ۽ سندس سهيوڳي سور وير رکيا جي ڪم سان رڌل رهن. پر پوري هڪ ورهيہ ڪانپوءِ ڇا ٿيو..؟

## پردو ڪلي ٿو

# ڏيک پهريون

[آهستي آهستي اسٽيج تي روشني ٿئي ٿي. اسٽيج جي وچ تي راج گدي پئي آهي. راجا مَنوُ مُڪٽ پهريون راج گديءَ آڏو پريشان ۽ ڪاوڙ وچان اچ وڃ ڪري ٿو. هڪ سؤرويَر بلونت ڪمان هٿ ۾ جهليون، ڪلهي ۾ ترڪش لڙڪايون، اندر داخل ٿي ڪورنش بجا آڻي ٿو.]

**بلونت:** راجا مَنوُ! اوهان جي سڏ تي سڄي سماج جا مکيہ ماڻهو آيا آهن، لوڪ سڀ ٻاهر اچڻ جي آگيا گهرن ٿا؟

**منو:** (گديءَ تي ويهندي) آگيا آهي، بلونت!

[تي ماڻهو اندر داخل ٿين ٿا ۽ راجا کي ڪورنش بجا آڻين ٿا. راجا سين تي سرسري نگاهه وجهي پوءِ اُٿي ٿو.]

**منو:** (هڪ چوٿين همراهه جو هينان ڪان مٿي تائين جائزو وٺندي) ڌرم پال...! توکي تہ ياد هوندو، تہ جڏهن تون مون کي ٽيڪران ڏئي، هن راج گديءَ تي ويهاريو هيو، ڪرپا ڪري پنهنجا شبد تہ ورجايو؟

**ڌرم پال:** (ياد ڪري ٻڌائيندي) ها، مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي. مون چيو هو، اسان جي وچ ۾ اچي، اِندر ديوتا وانگر پختا ٿي ويهو. جيئن آڪاش استر آهي. جيئن جبل استر آهن. ائين اوهان بہ استر هجو، راجن ۾...

**منو:** تو هڪ ٻيو بہ وچن ڪيو هو... ياد ڪر...! جي ياد نہ هجئي تہ مان ورجايان؟

**ڌرم پال:** ها، مون کي ياد آهي... مون چيو هو، اهڙي ڌرم پڳتي ڪندس جو ڌرم جي نانءُ تي، وستين ۽ واهڻن جا ماڻهو، بنا چوڻ آکڻ جي اوهان کي ڏن ڏئي ويندا.

**منو:** (طنزيہ انداز ۾ پڇندي) پوءِ اُن وچن جو ڇا ٿيو، راج ڀڳت...؟

**ڌرم پال:** (شرمندگيءَ وچان) راجا، مان ڏوهي...! پر ڇا ڪيان نرجي ۽ بي نڪي لوڪ کي سمجهائڻ ڏکيو آهي.

**منو:** (ڪنڌ ڦيرائي پڳ پهريل شخص سان مخاطب ٿيندي) وڏيرا وسڻ...! اوهان جو هي مون کي راجائي مُڪٽ (پنهنجي مُڪٽ ڏانهن اشارو ڪندي) پهرائي هليا ويئہ. پوءِ ڪڏهن اچي پڇيئہ، تہ مون سان ڪهڙي ويڌن ٿي آهي؟

**وسڻ:** (هٻڪندي) مُڪٽ تہ ماڻهوءَ جو مان آهي. مون تہ اوهان کي راجائي مُڪٽ پهرائي مان ڏنو هو.

**منو:** (طنزيہ ٽهڪ ڏيندي) هہ...هہ...ها...! مانُ...!؟ وڏيرا وسڻ! توکي ڪهڙي ڪَلَ تہ هي راجائي مُڪٽَ ناهي، پر ڪنڊن جو تاج آهي...

**وسڻ:** (حيرت وچان) ڪنڊن جو تاج!؟

**منو:** ها، ڪنڊن جو تاج... اوهان تہ رات جو لٽ ڏئي پئو ٿا سمهي. مان ۽ بلونت چمڙا پوش ڪري رُلئون ٿا. نگر نگر، وستي وستي ۽ واهڻ واهڻ... پوءِ آن چور بہ اسان پڪڙيون، ڏن چور بہ اسان، تہ رن چور بہ اسان...

**وسڻ:** (شڪي ٿيندي) لڄپال آهيو... اسان اوهان جا ٿورائتا آهيون.

**منو:** (وڏيري جي ويجهو ٿي مخاطب ٿيندي) وڏيرا وسڻ توکي بہ ياد ناهي تہ تو ڇا چيو هيو...؟ مان ٿو ياد ڏياريانءِ، تہ تو ئي سيني تي هٿ هڻي هام هنئي هئي، تہ رکيا جي بدلي تون آن جي پيدائش جي ڏهين پتي، سون جي پنجاهين پتي، وسندين وارن کان وٺي ڏيندين... پوءِ ڇا ٿيو اُن وچن جو...؟

**وسڻ:** (هٿ جوڙيندي) ها چيو هيم راجا...! پر جنهن کان گهريم، تنهن ابتي ورندي ڏني تہ اڳ بہ ايئن ٿيو آهي جو اسان ڏيون.

**منو:** (ڪاوڙ وچان راج گديءَ کي ٺڏيندي، پڳڙي پهريل شخص سان مخاطب ٿيندي) چؤڌري چنچل...! تون بہ هيءَ راج گدي نهرائي ڪٽي آيو هئين ۽ چيو هيئي تہ اُن تي ويهڻ سان سُک سهنج ملندو. پر هيءَ تہ سوُرن جي سيج آهي، ڏکن جو ڏاج آهي، ڪڻ پنهنجي راج گدي...! مان اهڙي راج گديءَ کي ٻن ڏيان، جيڪا مون کي ڪنگال ڪري... هاٽي وچو ۽ پنهنجي رکيا پاڻ ڪري ڏيکاريو تہ خبر پويو...!

**چنچل:** (خوشامد ڪندي) اوهان کو شنڪ نہ ڪيو، مان اوهان کي مالا مال ڪندس.

**منو:** (طنزيہ انداز ۾ ٽهڪ ڏيندي) مالا مال.!؟ چؤڌري...! چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي.

**چنچل:** (هام هٽندي) ها، مان ڪري ڏيکاريندس، اوهان رڳو آشيرواد ڏئي ڏن منتري ڪيو.

**منو:** سمجهہ تہ توکي آشيرواد ملي ويو... پُٺاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺندين؟

**چنچل:** مان نگرين ۽ وستين مٿان سار سنڀال ڏن لاڳو ڪندس.

**منو:** مُورک، پر تون اُهو اوڳاڙيندين ڪيئن؟

**چنچل:** (ڌرم پال ۽ وڏيري ڏانهن اشارو ڪندي) سادن لوڪن کي ڌرم پال جا ڌرمي دهمان ۽ وڏيري جا بڇڙا پوءِ هجن تہ لوڪ نوائڻ سهنجو آهي، راجن!

**منو:** پر جي ڌرمي دهمان ۽ بڇڙا پوءِ اثر نہ ڪن تہ؟

**چنچل:** (بلونت ڏانهن اشارو ڪندي) تہ پوءِ بلونت جي ٻل سان سڃي لوڪ کي سڌو ڪري ڇڏبو.

**منو:** اسان اڄ کان وٺي توکي پنهنجو ڏن منتري ڪري ڇڏيو... جيئن وڻئي تيئن ڪر...! (ڌرم پال، بلونت ۽ وسڻ ڏانهن اشارو ڪندي) تنهنجا هي سڀ سهيوڳي آهن.

**سيٺي:** (گڏيل انداز ۾) ها، راجا...! اڄ کان وٺي اسان سڀ ڏن منتري جا سهيوڳي آهيون.

**چنچل:** ڌنيہ واد، راجن!

[ائين چئي سيٺي ٻاهر هليا وڃن ٿا.]

**منو:** (پنهنجي منهن ڳالهائيندي) چؤڌري جي گيان جا گفتا بہ عجيب آهن... ڪجهہ سمجهڻ جا ۽ ڪجهہ نہ سمجهڻ جا...

[منو اسٽيج تي پريشانيءَ ۾ اڪيلو ڦرندو رهي ٿو.]

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک ٻيو

[لوک سيا جو ساڳيو منظر. منو اسٽيج تي اچ وچ ڪندو رهي ٿو. بلونت، چنچل ۽ وسڻ ٽن عام ماڻهن کي ڳتڙ ڪان جهليون اندر اچن ٿا. پنيان ڌرم پال بہ داخل ٿئي ٿو.]

**پهريون ماڻهو:** (دانهيندي) راجا، هي پنهنجي راڄ سان اوهان جو انياءُ آهي.

**منو:** (بي پرواهيءَ سان) اِهو اسان جو نياءُ آهي.

**ٻيو ماڻهو:** هي سار سنڀال جي نانءَ تي، اسان جا گهر ٻهارڻ چاهين ٿا.

**منو:** (گهمنڊ سان چوندي) اوهان جي گهرن کي ٻُهارڻ ضروري آهي.

**ٽيون ماڻهو:** (هٿ جوڙيندي) راجن...! اوهان پتا سمان آهيو ۽ اسان اوهان جا ٻچا آهيون... ديا ڌرم جو مول آهي.

**ڌرم پال:** (کلندي) اڄ ڪان وٺي ديا ڌرم جو مول ناهي، پر ڏن ڌرم جو مول آهي.

**منو:** مور کئو! ٻڌوءَ اُتر؟

**پهريون ماڻهو:** راجا، اسان سمجهي وياسي.

**ٻيون ماڻهو:** راجا، اسان ڏنُ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.

**ٽيون ماڻهو:** زور اڳيان زاري آهي. اوهان جيئن چوندوءَ، ائين ئي ڪنداسين. اسان مان رڳو هٿ ڪڍيا وڃن.

**منو:** (ٺهڪ ڏيندي) چنچل چؤڌري، سور وير بلونت، وڏيرا وسڻ...! هنن کان ڏنُ وٺي، پوءِ هٿ ڪڍيا وڃن.

**سيئي:** (گڏيل آواز ۾) آوس ائين ئي ٿيندو.

[وسڻ، چنچل، ڌرم پال ۽ بلونت ماڻهن کي وٺيون ٻاهر وڃن ٿا.]

**منو:** (ٻتا ٺهڪ ڏيندي) راڄن جا چڱا مڙس بہ جي لڱا تي پون، تہ اؤلا ڪم بہ سؤلا ٿي وڃن ٿا... (کلندي) ھ ...ها...ھ ...ها، ها....!

[راجا منو تي جڻ کل جو دؤرو پئجي ويجي ٿو. سورويِر بلونت، چؤڌري چنچل، وڏيرو وسڻ ۽ ڌرم پال هڪ ٻئي پٺيان داخل ٿين ٿا.]

**چنچل:** (ٻڌائيندي) راجا ...! ٻاهر پيتين ۾ سون، چاندي، هيرا ۽ موتي سٿجي ويا آهن.

**وسڻ:** نہ صرف اُهي پر آن جا ڀانڊا بہ ڀرپور ٿي ويا آهن. ڳاين ۽ گهوڙن جو تہ ڪو حساب ئي ڪونهي.

**ڌرم پال:** شما ڪجو...! اِهو سڀ ڪجهہ منهنجي ڌرمي ڌهمانن جي ڪري ئي ٿيو آهي. جڏهن مان ڌرم ڪي آڌرم ۽ آڌرم ڪي ڌرم ڄاڻائي راڄن جون متيون منجهايون.

**بلونت:** ڌرمي ڌهمان پنهنجي جاءِ تي (ڏورن تي هٿ هڻندي) پر اصل ڳالهہ ٻل جي آهي.

**چنچل:** وڙهو نہ، اسان سڀن ڪي پنهنجين پنهنجين ڪاوشن جو ڦل آوس ملندو... (خوشامندي انداز ۾ راجا منو ڪي ڏسندي) اسان جو راجا ديالو ۽ داني آهي.

**منو:** (چؤڌري جي پرسان ايندي ۽ سندس پٺي ٿپيندي) چؤڌري! تون ڏيکارڻ ۾ تہ ڪُبو ۽ گُڪو آهين، پر تنهنجا ڪم سَروُپي ۽ خيال اُوچا آهن.

**چنچل:** راجا، اوچائي تہ پد سان هوندي آهي، نہ ڪي قد سان.

**منو:** (ٺمڪ ڏيندي) چؤڌري...! توکي تہ راڄ چئن ڌرن واري ڪٽ تي ويهاري، پاڻ هيٺ پٽ تي ويهندو آهي. توکي اڃا ڪهڙو پد کپي...؟ تون تہ چاليهن ڳوٺن جو چؤڌري آهين ۽ اُن سان گڏوگڏ هاڻي تہ منتري بہ...!؟

**چنچل:** جي اوهان مهاراج ٻڌجي پنهنجو پد اوچو ڪندءِ، تہ مان مها منتري ٿي ويندس ۽ بلونت سورويِر مان سينا پتي ٿي ويندو.

**وسڻ:** راجا! مون سان بہ ڪو ڀال ڀلايو... مون ڪي راڄ وارا ٿورڙو پاڻ کان مٿيرو يا وڏيرو سڏيندا آهن... مون ڪي بہ منتري شنتري ڪيو نہ؟

**منو:** وڏيرا، اسان تہ توکي وڏو راءِ ۽ شتپتي سمجهندا آهيون ... خير، جي تون اِنهن پدن مان بہ پرسن ناهين، تہ پوءِ توکي مُک منتري ڪيون ٿا.

**ڌرم پال:** ۽ مون ڪي ڪهڙو پد ملندو...؟ ڪرپا ڪري اِهو تہ ٻڌايو؟

**منو:** تون آچاريہ ڌرم پال سڏائيندي... اُستادن جو اُستاد، گُرن جو گُرو...!

**ڌرم پال:** بس تہ پوءِ پيد پاؤ جي بنياد تي مان اهڙو منو ڌرم شاستر لکندس، جنهن کي لاڳو ڪرڻ سان هزارن سالن تائين انساني سماج وساري نہ سگهندو.

**منو:** تہ پوءِ مان بہ وچن ٿو ڪيان، تہ اِهڙي ڌرم شاستر کي منش جاتيءَ مٿان زوري لاڳو ڪندس. (بلونت کي ڏسندي) سينا پتي! تون منهنجي لاءِ ڪهڙو ڪاريہ ڪندي؟

**بلونت:** مهاراج...! جي اوهان مون کي سينا پتي بڻايو آهي، تہ پوءِ اڄ کانوٺي آزاد راڄ، اوهان جي پرجا آهي ۽ لوڪ سڀ مان مهاسپا بڻجي ويندي، جنهن ۾ عام پرجا کي اچڻ جي اجازت نہ هوندي.

**منو:** تہ پوءِ هتي ڪير ايندو...؟ ڇا اسان اڪيلا نہ ٿي ويندا سين؟

**چنچل:** (خوشامندي انداز ۾ڪلندي) صرف اهڙا ماڻهو هتي ايندا، جيڪي اوهان کي رڳو سُک ۽ آنند رسائيندا. جن کي ڏسڻ سان اوهان جون اکيون ٺرنديون ۽ من شانت رهندو.

**منو:** (ٺڏو ساهہ ڀريندي) اهڙا ماڻهو ڪٿي آهن، جيڪي منهنجي سک جو سبب بڻجن. جن کي ڏسي نيڻ ٺرن ۽ هرديي کي سُڪون ملي؟

**چنچل:** مهاراج...! اهڙا ماڻهو پريم نگر ۾ رهن ٿا.

**منو:** ها، ٻڌو آهي، پريم نگر جي باري ۾... جتي مايا جو موہ ناهي، جتي دل جي دنيا آباد آهي.

**چنچل:** اوهان صحيح ٿا چئو، مهاراج...! اتان جي هڪ مشهور ڪلاڪار پريميڪا اسان جي نگر ۾ پنهنجي ڪلا پيش ڪرڻ لاءِ پهتل آهي... جي اوهان چئو، تہ اُن کي وٺي اچون؟

**منو:** ضرور وٺي اچو، جو هاڻي منهنجو اُتساهہ وڌندو ٿو وڃي.

[چنچل، بلونت، وسڻ ۽ ڌرم پال ٻاهر نڪري وڃن ٿا.]

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک ٽيون

[مها سڀا جو منظر. منو گديءَ تان اٿي انتظار واري ڪيفيت ۾ آهستي آهستي اسٽيج تي هلندو رهي ٿو.]

**منو:** (پنهنجي منهن ڳالهائيندي) ٻڌو آهي، ته پريم نگر جا ماڻهو عجيب آهن. جيڪي ڪلا سان پنهنجي جان کان وڌيڪ پيار ڪن ٿا... ڪلا لاءِ جيئن ٿا ۽ ڪلا لاءِ مرن ٿا. اُتي چوري ۽ سينه زوريءَ جي ڪا سمسيا ڪونهي. شايد ان ڪري هو اسان جي راڄ جو حصو اڃا ناهن بڻيا...!؟

[چنچل، بلونت، وسڻ ۽ ڌرم پال، پريميڪا کي ساڻ ڪري اندر داخل ٿين ٿا. پريميڪا چاڳ ڪندي، اچي مَنو جي سامهون بيهي ٿي.]

**منو:** (پريميڪا جي خوبصورتي کي ڏسي اُتي ئو ۽ بيخودي وچان سندس ساراهه ڪرڻ لڳي ٿو) پريميڪا...! تون ته روپ جي راڻي آهين... سونهن جو ساگر آهين... ٻن جو اُهو قول آهين، جنهن کي ڪنهن ناهي سنگهيو، ڪنهن ناهي ڇهيو... اهڙو سوم رس آهين، جنهن کي ڪنهن ناهي چکيو...

**پريميڪا:** (منو جي ڳالهه ڪٽيندي) ڪلا پيش ڪرڻ جي آگيا گهرجي، مهاراج ...؟!

**منو:** (خيالن مان نڪرندي) هان...!؟ (آهستگيءَ سان) آ... گ ... يا ... آهي!

[پريميڪا مهاسڀا ۾ جهمر تال جي ٻولن تي نرت وجهي ٿي.]

**جهمرتال:**

ڌن ڌا ترڪتا
ڌِن ڌِن ڌاگ ترڪتا
تن تا ترڪتا
ڌِن ڌِن ڌاگ ترڪتا

[منو، چنچل، وسڻ، بلونت ۽ ڌرم پال جهومن ٿا.]

**منو:** (نرت ختم ٿيڻ کانپوءِ ساراهه ڪندي) پريميڪا...! ڪلا ته تنهنجي پيرن جي داسي آهي. تون ته ڌرتيءَ تي ڪلا جو انت آهين. اسان شبدن ۾ تنهنجي ڪلا کي بيان نٿا ڪري سگهون... اڄ جيڪو گهرڻو تي سو گُهر!

**پريميڪا:** مهاراج...! اوهان داني آهيو، نہ تہ ڪلا ۾ مان ...؟ پريم نگر ۾ هڪ ڪان هڪ ڪلاڪار پيو آهي.

**منو:** پريميڪا...! تون راڄڌاني ۾ رهي پئہ... تون اسان جي سڀا جي لائق آهين ... توکي ايتري تہ مايا ۾ مان ملندو، جنهن جو تون تصور بہ نہ ڪيو هوندو.

**پريميڪا:** مهاراج...! اوهان جي قدر داني ۾ ڪو سنديهہ ناهي، پر ڇا ڪجي جو پريم نگر کان پرتي رهي زندهہ نہ رهي سگهندس.

**منو:** (پڇندي) پريم نگر ۾ آخر اُها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا هتي ناهي؟

**پريميڪا:** جيئن پاڻيءَ کانسواءِ مڇي زندهہ نٿي رهي سگهي ... تيئن ڪو بہ ڪلاڪار، پريم نگر کان پرتي رهي جيوت نٿو رهي سگهي... مهاراج...! اوهان وشواس ڪيو تہ جڏهن بہ اوهان جو سنديش ملندو، پريميڪا حاضر ٿي ويندي.

**منو:** (ٿڌو ساهہ ڀريندي) نيڪ آهي، پريميڪا! (چوڌري کي مخاطب ٿيندي)... مها منتري..! پريميڪا کي سونن سڪن جي ڏاند گاڏي ڀري ڏني وڃي، تہ جيئن پريم نگر ۾ رهندڙن کي اسان جي داني هئڻ جو سنديهہ نہ رهي.

**چنچل:** آوس ائين ئي ٿيندو...!

**منو:** (پريميڪا کي مخاطب ٿيندي) پريميڪا...! جڏهن بہ پريم نگر مان اُداس يا نراس ٿئين تہ اسان وٽ بي ڌڙڪ هلي اچجانءِ، تو لاءِ اسان جي دل جا دوار سدائين کليل رهندا.

**پريميڪا:** ڌنيواد، مهاراج!

[**پريميڪا سر نوائي، هٿ جوڙي مهاسڀا مان نڪري وڃي ٿي. منو اداسي وچان ڪيس تڪيندو رهجي وڃي ٿو.**]

**منو:** (پڇندي) مهامنتري....! تون ڪو اندازو ڪري سگهين ٿو، تہ پريميڪا اسان جي آڇ ڇو نڪرائي؟

**چنچل:** مهاراج.! اندازو نہ، پر خبر آهي تہ پريميڪا، پريم نگر جي هڪ چوري روپ ونت سان لڳل آهي.

**منو:** (پريشاني وچان هٿ مهٽيندي) اُهو ڇورو ڇا ڪندو آهي؟

**چنچل:** هڪ متي ڦريو ڪلاڪار آهي.

**منو:** (عجب کائيندي) هڪ ڪلاڪار آهي ... پر هن ۾ اُها ڪهڙي شئي آهي، جيڪا اسان وٽ ناهي؟

**چنچل:** اوهان ماڻهن جا ڏٺي آهيو ... اوهان وٽ سڀ ڪجهہ آهي... ماڻهو جنهن جو مال، تنهن کي ڪهڙو ڪال... جڏهن تہ هن وٽ صرف هڪ بانسري آهي.

**منو:** مهامنتري ...! پوءِ هن ڪنگال وٽ اُهو ڪهڙو جادو آهي، جنهن تي پريميڪا موهت آهي؟

**چنچل:** بانسريءَ جي آواز جو جادو!

**منو:** (بي چين ٿيندي) مان روپ ونت کي ٻڌڻ تو چاهيان... ڏسڻ تو چاهيان ... هن کي هتي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان گهرايو وڃي.

**چنچل:** اوهان جي حڪم جي دير آهي. روپ ونت بہ اسان جي نگر جي آسپاس نگرين ۽ وستين ۾ پنهنجي ڪلا ڏيکارڻ لاءِ آيل آهي. چئو تہ ڪيس وٺي اچئون؟

**منو:** ڪيس وٺي اچڻ ۾ بلڪل دير نہ ٿي...!

[**چنچل ۽ بلونت ٻاهر هليا وڃن ٿا.**]

**منو:** (وسڻ ۽ ڏرمپال کان پڇندي) ٻڌايو، ڇا هڪ ساز جو آواز، پل ۾ ڏن جي آواز کان بہ وڌيڪ شڪتيوان آهي ...؟ ڇا هڪ بانسريءَ جو مول سون ۽ هيرن کان بہ مٿي آهي؟

**وسڻ ۽ ڏرمپال:** (گڏيل آواز ۾) بلڪل نہ...! بلڪل نہ...!

[**چنچل ۽ بلونت، روپ ونت کي ساڻ ڪيون اندر اچن ٿا. روپ ونت کي هٿ ۾ بانسري آهي.**]

**روپ ونت:** (نمسڪار ڪندي) نمستي، مهاراج!

**منو:** او پريم نگر جا باسي...! توکي پنهنجي مها سڀا ۾ ڀليڪار چئون ٿا.

**روپ ونت:** مان اوهان جو ٿورائتو آهيان.

**منو:** تنهنجي ڪلا جي ڏاڍي هاڪ آهي. ڇا سچ پچ، تون ايڏو وڏو ڪلاڪار آهين؟

**روپ ونت:** اِها اوهان جي مهتا آهي. مان تہ پريم نگر جو هڪ ننڍڙو ڪلاڪار آهيان.

**منو:** (طنزيہ انداز ۾) جنهن ڪلاڪار جي پريميڪا سراهنا ڪري، اُهو ڪلاڪار تہ مها ڪلاڪار چئبو نہ؟

**روپ ونت:** اِها تہ پريميڪا جي پريم پاونا آهي، نہ تہ مان هن جي آڏو ڪجھ بہ ناهيان.

**منو:** (اُڻ تڻ وچان) توکي پريميڪا سان ڪيترو پيار آهي؟

**روپ ونت:** جيترو هن کي مون سان آهي.

**منو:** هن کي توسان ڪيترو پريم آهي؟

**روپ ونت:** جيترو مون کي هن سان آهي.

**منو:** (ڳالھ ڦيرائيندي) اسان هن سمئہ تنهنجي ساز جي آواز کي ٻڌڻ چاهيون ٿا.

**روپ ونت:** آوس ٻڌائيبو!

**[روپ ونت بانسري وڄائي ٿو. بانسري جو مڌر آواز مهاسڀا ۾ ويڙهلن مٿان سڪتو طاري ڪري ڇڏي ٿو.]**

**سيئي:** (بي خوديءَ وچان گڏيل آواز ۾) واھ...! واھ...! (جهومندي) ڇا تہ مڌر آواز آهي... بانسريءَ جو...!

**روپ ونت:** مگر اڌورو آهي.

**منو:** (حيرانگيءَ وچان)... اڌورو!؟

**روپ ونت:** جي منهنجي ساز سان گڏ سُپت سين جو سُر ۽ پريميڪا جو نرت هجي ها، تہ سر سنگيت جي تڪميل ٿي وڃي ها... اِن ڪري مون اِن کي اڌورو چيو.

**منو:** جي اسان اُن مڪمل سر سنگيت کي پنهنجي سڀا ۾ جڳھ ڏيون تہ؟

**روپ ونت:** اوهان داني آهيو، پر اسان کي مها سڀا اُهو ڪجھ نہ ڏئي سگهندي، جنهن جي اسان کي تلاش هوندي آهي.

**منو:** اسان اوهان کي ايترو، ڌنُ ۽ آنُ ڏينداسي، جو اوهان جا سڀ ڏک درد دور ٿي ويندا.

**روپ ونت:** راجا...! ڇا اسان کي اوهان جي مهاسڀا بادلن جي گرج، بارش جي رم جهم، هوا جا گهوُگهٽ، پپيهي جي پي!پي...! ڪوئل جي ڪوُ.! ڪوُ! ڏئي سگهندي...؟ ڇا اوهان جي مهاسڀا اسان کي اُهو پريم رس پياري سگهندي. جيڪا پريم نگر ۾ اڻ مئي ۽ عام جام ملندي آهي؟

**چنچل:** (حيرت وچان) ڇا اوهان ڪلاڪارن کي ڪائڻ لاءِ ڪجھ نہ کپي؟

**روپ ونت:** صرف زندھ رهڻ جيترو کپي.

**منو:** (گهرائيءَ سان سوچيندي) مان سمجهي ويس... تون وڃي سگهين ٿو، روپ ونت...! (چنچل ڏانهن منهن ڪندي) مهامنتري...! هي جيڪو ڪجهه گهري، هن کي ڏئي ڇڏجانءِ...!

**چنچل:** جي مهاراج...!

[روپ ونت ڪورنش ڀريندي چنچل سان گڏ ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

## پردو ڪري ٿو

## ڏيک چوٿون

[مها سڀا جو ساڳيو منظر. منوڪنت جهڪائي ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ ويٺو آهي. وسڻ، ڏرم پال ۽ بلونت سندس پير ۾ ويٺا آهن. اندروني ڪشمڪش جي ڪري سندس ساهه تيز ڪڄڻ لڳن ٿا.]

**منو:** (بيچيني مان اُٿي رڙيون ڪندي) مون کي ڪنهن به قيمت تي پريميڪا کپي...! مان اِيرڪا جي آنچ ۾ جلان ٿو، پچان ٿو، پڄران ٿو...! مان اِهو سهي نه سگهندس، ته پريميڪا ڪنهن ڪنگال ڪلاڪار جي سنگ رهي...! جنهن وٽ صرف هڪ بانسري هجي، آهي ڪو اُپاءُ ٻڌائڻ وارو...!؟

**بلونت:** (وڏي اڳتي اچي ٿو) مهاراج...! مون وٽ هڪ اُپاءُ آهي...!

**منو:** ڪهڙو اُپاءُ آهي، تو وٽ؟

**بلونت:** ٻل جو اُپاءُ...!

**منو:** (حيرانگيءَ وچان) ٻل جو اُپاءُ ...!؟

**بلونت:** ها، ٻل جو اُپاءُ ...! جيڪو ڏاڍو شڪتي شالي ٿئي ٿو... اُن جي آڏو دنيا جا سڀ تيز، مڌم ۽ ڪومل سُرَ بي وس هوندا آهن.

**منو:** ته پوءِ ٻل جي آواز کي ايڏو اوچو ڪر، جو هر ڪلا جو آواز دٻجي وڃي، ختم ٿي وڃي.

**بلونت:** اوهان ڪا پرواهه نه ڪيو... نه رهندو بانس، نه وڄندي بانسري...

[بلونت ٻاهر نڪري وڃي ٿو.]

**منو:** (پريشاني وچان پڇندي) مک منتري وسڻ، اِهو تہ ٻڌاءِ ٻل جو اُپاءُ ڪجھ ڪري سگھڻ جي شڪتي بہ رکي ٿو يا نہ ...؟

**وسڻ:** مها راج، اِهو تہ وقت ئي ٻڌائي سگھي ٿو.

**[منو چرين وانگر ڪڏهن راج گديءَ تي ويهي ٿو ۽ ڪڏهن اٿي ٿو. وسڻ ۽ ڏرم پال کيس حيرت ۾ تڪيندا رهن ٿا، تہ اوچتو پريميڪا رڙيون ڪندي هٿ ۾ بانسري ڪنيون مها سيا ۾ داخل ٿئي ٿي.]**

**پريميڪا:** مهاراج...! مهاراج...! انياءُ ٿي ويو انياءُ...!

**منو:** (حيران ٿيندي) ڇا ٿيو پريميڪا...؟ ڇا ٿيو؟

**پريميڪا:** ڪنهن دشت هن ڪي ماري ڇڏيو... ڪو بہ نہ ٿو ٻڌائي، تہ ڪنهن ماريو آهي، منهنجي روپ ونت ڪي...؟ نياءُ ڪيو وڃي، نياءُ!

**منو:** (مڪاري واري انداز سان) پڪ سان اِهي سنگدل ڪلاڪار هوندا، جيڪي روپ ونت جي ڪلا کان جلندا هوندا، سڙندا هوندا، پچندا هوندا ۽ پچرندا هوندا... (سڏيندي) مک منتري وسڻ...! آچاريہ ڏرم پال...!

**وسڻ ۽ ڏرم پال:** (گڏيل آواز ۾ جواب ڏيندي) جي مهاراج...؟ آديش ڪپي!

**منو:** (مڪاري وچان ڏکارو ٿي ٻڌائيندي) پريم نگر جي ڪوڙن ڪلاڪارن ويچاري روپ ونت ڪي ماري ڇڏيو آهي... (غصي وچان) اِهو منهنجو آديش آهي، تہ اوهان مها منتري ۽ سيناپتي سان گڏجي، نہ ڇڏيو اهڙن ڪوڙن ڪلاڪارن ڪي... ساڙي ڇڏيو سندن پريم نگر ڪي... اجاڙي ڇڏيو سندن ناٽڪ منڊلين ڪي، تہ جيئن ڏرتي جا ڪلاڪار در در جون ٺوڪرون کائن ۽ ذلت جو جيون گهارين.

**پريميڪا:** (ٻانهون ٻڌي روڪيندي) نہ...! نہ...! مهاراج نہ...! نہ ڪيو وڃي ايئن...!

**[پريميڪا ڪشمڪش جي حالت ۾ منو کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي، گوڏا کوڙي سندن پيرن تي ڪري پئي ٿي. وسڻ ۽ ڏرم پال تيزيءَ سان نڪري وڃن ٿا. پس منظر ۾ رڙين ۽ شور جا گڏيل آواز اچن ٿا ۽ شرناءِ جي ڏکوئيندڙ ڌن هلندي رهي ٿي. آهستي آهستي اسٽيج تي روشني گل ٿي وڃي ٿي.]**

**پردو ڪري ٿو**

# ڏيک پنجون

**[ٿوري وقفي کان پوءِ اسٽيج تي ٻيهر روشني ٿئي ٿي. ساڳيو ئي مها سيا جو منظر. پريميڪا ڏک ۽ درد جي مورتي بڻي منو جي پيرن ۾ ويٺي آهي. ]**

**منو:** (پريميڪا کي سرچائيندي اُٿاري ٿو) پريميڪا! ڇيو ويندو آهي، تہ چنتا چتا سمان آهي. ڇو تون اُنهن جي چنتا ڪري، پنهنجي سونهن جو ستيا ناس ڪرين ٿي ۽ اُنهن لاءِ رودن ڪرين ٿي، جن جي توکي ڪا خبر ڪونهي. منهنجي توکي اها وينتي آهي تہ اُتي نرت وجهہ... پنهنجي دل بهلاءِ ۽ اُنهن جي بہ، جيڪي تنهنجي روپ ۽ ڪلا جا ديوانہ آهن.

**پريميڪا:** (ڏکويل انداز ۾) ڇا ڪو پنهنجي ڦٽن تي لوڻ هاري ٿمڪ ڏئي سگهي ٿو...؟ جنهن جي آتما زخمي هجي، اُهو خوش ٿي سگهي ٿو؟

**منو:** جيڪي توکي پنهنجو ڌن ۽ تن آڇن، ڇا تون اُنهن جي دل ٽوڙيندءِ...؟ اُنهن جي خوشي کي پنهنجي خوشي نہ سمجهندئين...؟

**پريميڪا:** ڇا خوشيءَ کي بہ ڪو خريد ڪري سگهي ٿو...؟ مهاراج، مون وٽ تہ رڳو ڏک آهن... مان ڏک ئي ورهائي سگهان ٿي، مون کي اڪيلو ڇڏيو وڃي تہ بهتر آهي.

**منو:** (اڪيون ڦيرائيندي) پريميڪا...! مان اِهي سڀ جتن توکي اڪيلي ڇڏڻ لاءِ ناهن ڪيا. جيئن ماٽڪ ۽ موتي سانڍي رکبا آهن... جيئن ان جي ڀنڊران جي رکيا ڪبي آهي... جيئن پلين ڳاين ۽ مينهن جي پالنا ڪبي آهي، تيئن اسان توکي پنهنجي مهاسڀا ۾ ڏسڻ ۽ رکڻ چاهيون ٿا.

**پريميڪا:** (غصي وچان) اِن جو ارٿ اِهو ٿيو تہ مان ڇڻ اوهان جي ملڪيت آهيان. ڇا توهان کان اِهو وسري ويو تہ مان ناري آهيان.... اها ناري جنهن جي ڪيئي ڪال اڳ ديوي ماتا جي حيثيت سان پوڄا ٿيندي هئي ۽ ڇا هاڻي منش جاتيءَ جي برابر جي حصيدار بہ ناهيان رهي؟

**ڌرم پال:** (هٿ ۾ وٺو جهليون اندر داخل ٿئي ٿو ۽ پوءِ طنزيہ ٺهڪ ڏيندي) مان منو ڌرم شاستر لکي رهيو آهيان، اُن ۾ ڄاڻايو آهي تہ هاڻي ناري منش جاتيءَ ۾ برابر جي حصيدار نہ هوندي، پر هاڻي مرد جي داسي ٿي رهندي.

**پريميڪا:** آچاريہ ڏرم پال...! اوهان منش جاتيءَ جو اپمان ڪري رهيا آهيو. لڳي ٿو تہ اوهان ڪلا، سياٽپ ۽ سمجھہ جا دشمن ٿي ويا آهيو... لڳي ٿو اوهان سڀ پاکنڊي ۽ ڏوڪيباز ٿي ويا آهيو... مان سماج جي سچاڻ ڪلاڪارن ۽ ساڃاهوند ساٿين کي اوهان جي خلاف گڏ ڪري مقابلو ڪندس...!

**وسڻ:** (چيلھہ ۾ رنگين رسو ٻڌل، ٺهڪ ڏيندي اندر داخل ٿئي ٿو) تون مقابلو ڪنديئين...؟ تون...!؟ تنهنجا ڪي سُپيلي ساٿي تہ مري ويا آهن، تہ ڪي پڇڙ ۾ پورا آهن! هہ ...ها ... ها.

**بلونت:** (هٿ ۾ ڳٽ جهليون اندر داخل ٿيندي سينو تاڻيندي چوي ٿو) پر تون گهبراءِ نہ... اسان اُنهن کي ڳولي ڳولي، پنهنجين نگرين ۽ وستين مان ائين ڪڍي ڇڏيندا سي، جيئن ڪو پنهنجن پيرن ۾ لڳل ڪنڊن کي ڪڍي ڇڏيندو آهي.

**چنچل:** (هٿ ۾ ڏاڻ جهليون داخل ٿي سمجهائيندي) آبلا ناري، تنهنجو هٺ اجايو آهي. پر جي تون پنهنجي هٺ تي قائم رهندئين تہ پوءِ توکي مرد ذات جو دشمن ڄاڻائي، تنهنجو ايڏو اپمان ڪنداسي، جو تون ڪڏهن بہ ڪنڌ کڻي نہ سگهندئين... (ڏرم پال ڏانهن ڏسندي) ڪيئن آچاريہ ڏرم پال؟

**ڏرم پال:** آوس، ائين ئي ٿيندو، جيئن اوهان چاهيندءِ...

**پريميڪا:** اوهان هرگز ائين نٿا ڪري سگهو... انساني سماج ۾ ايڏو بہ آنڌير ڪونهي، جو اوهان انساني سماج کي صرف مرداڻي سماج ۾ بدلائي ڇڏيو...!

**منو:** (آهستي آهستي هلندي) هن گهمنڊي، ڪروڌي ۽ اگيان جي سندر مورتيءَ کي اوهان واري واري سان سمجهايو ۽ نہ سمجهڻ جي صورت ۾ ڪيس اهڙي سزا ڏيو، جو انساني سماج ۾ ناري هزارن سالن تائين مرد جي داسي ۽ باندي ٿي رهي.

[منو ڪاوڙ وچان پريميڪا کي ڏسندي ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

**وسڻ:** (مڇن کي تاءُ ڏيندي) ناري!مان توکان پڇان ٿو تہ تون راجا کي ريجهائيندئين يا نہ؟

**پريميڪا:** تون تہ وڏيرو آهين، سؤ ڳوٺن جو سرموڙ ۽ ان سان گڏوگڏ مک منتري بہ ...

**وسڻ:** (گھمنڊ وچان) اِن ۾ تہ ڪو شڪ ڪونهي...!

**پريميڪا:** تہ پوءِ تنهنجي سچائي ۾ سُرت ڪيڏانهن وئي...؟ هڪ نردوش ناريءَ کي مجبور ڪرين ٿو، رڳو راجا ريجهائڻ لاءِ...؟ (غصي ۾ ايندي) وڏيرا...! اِهو تنهنجي وڏيرپ تي وڏو ڪلنڪ لڳندو... تنهنجي اِن حرڪت ڪري، اڳتي ڪو بہ وڏيرو وڏ ڏٽي نہ رهندو، پر پل جو پانهو ۾ دلال تي رهندو.

**وسڻ:** (ڪاوڙ وچان) پريميڪا...! مون کي اِهي پاشڻ ۾ سراپ نہ ڏي... هڪ ها...! ٻي نہ...! (چيلهہ سان ٻڌل رسو کولي ڏيکاريندي) نہ تہ هي رسمن جو رنگين رسو ڏسين ٿي...؟ مان تنهنجا اهي ٻئي هٿ انهن سان اهڙا ٻڌي ڇڏيندس، جو ڪيئي ڪالن تائين نہ کلي سگهندا.

**پريميڪا:** ڪجهہ بہ ٿي پئي... مان اوهان جي زور ۾ ظلم آڏو هرگز نہ جهڪندس!

[وسڻ زبردستي پريميڪا جا ٻئي هٿ رسي سان ٻڌي ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

**پريميڪا:** (پنهنجا ٻئي هٿ ٻڌل ڏسي رڙيون ڪندي) آهي ڪو نردوش ناريءَ جا هٿ کولي ۾ مون کي هن ڏاڍ ۾ انياءَ کان بچائي؟

**چنچل:** (پريميڪا جي ويجهو ايندي ۾ مصنوعي انداز ۾ رحم کائيندي) چ...چ... اي نردوش ناري...! واقعي توسان وڏو انياءَ ٿيو آهي... پر ڇا ڪجي، جو تون بہ وڏي مورک آهين... تون منش جاتيءَ جي ڀرين مهاراجا سان مهاڏو اٽڪائي وڏي غلطي ڪئي آهي.

**پريميڪا:** مورک تہ راجا آهي، جنهن ناريءَ کي نبل سمجهي مهاڏو اٽڪايو آهي.

**چنچل:** ڇا ڪڏهن ٻڪري بہ شينهن سان مقابلو ڪيو آهي...؟ جي هاڻ بہ تون هار مڃي تہ اِن سزا کان بچي سگهين ٿي. (هٿ ۾ جهليل ڏاڻ ڏيکاريندي) نہ تہ ٻي صورت ۾ مان تنهنجي پيرن ۾ سخت رواجن جا اهڙا ڏاڻ وجهندس، جو تون هزارن سالن تائين هلڻ کان هلاڪ رهندئين.

**پريميڪا:** (طنزيہ ٽهڪ ڏيندي) مهامنتري چنچل...! جڏهن تون منش جاتيءَ جي اڌ کي شينهن ۾ اڌ کي ٻڪري ڪوٺيو تہ مون کي وڏو مورک لڳين... ڇا ڪڏهن شينهن ۾ ٻڪري گڏجي پنهنجو نسل وڌائي سگهن ٿا...؟ تون

شبدن جو غلط استعمال ڪري وڏو انياءُ ڪيو آهي، هڪ نہ هڪ ڏينهن تون، پنهنجي ڪئي جي سزا ڀوڳيندين.

**چنچل:** پريميڪا، لڳي ٿو تہ اياڳ تنهنجي سِر تي سوار آهي ۽ تون ايئن آڻ نہ مڃيندينءَ، جيستائين تنهنجي پيرن ۾ هي ڏاڻ نہ وڌا ويندا .

**[چنچل ڏاڻ جو ونگ ناهي، پريميڪا جي پيرن ڪي قابو ڪري نڪري وڃي ٿو.]**

**پريميڪا:** (رڙيون ڪندي) ياد رکي ڇڏ، مهامنتري...! تون منش جاتيءَ جي سراسر اڌ سان وڏي ويساهہ گهاتي ڪري رهيو آهين ۽ اِها ويساهہ گهاتي ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ تي آوشواس کي جنم ڏيندو.

**بلونت:** (هٿ ۾ ڳچيءَ وارو ڳٽ جهليون، پريميڪا جي ويجهو اچي ٿو) ڀل انساني سماج ۾ آوشواس جو جنم ٿئي. پر اسان تو ناريءَ کي ايترو ذليل ۽ رسوا ڪنداسين، جو نہ تنهنجو شمار ماڻهن ۾ هوندو ۽ نہ وري جانورن ۾...

**پريميڪا:** (ڏڪاري ٿيندي) ناريءَ جو آخرڪار دوش ڪهڙو آهي، اِهو تہ ٻڌايو؟

**بلونت:** ڇا اِهو دوش گهٽ آهي، جو تو ناري اسان مردن جي اشارن تي هلڻ کان انڪار ڪيو آهي؟

**پريميڪا:** مون اوهان جي آپيشاهي ۽ پاڻ پٺي واري ڌرم آڏو هلڻ کان انڪار ڪيو آهي، جيڪو انساني آدرش جي خلاف آهي.

**بلونت:** (ٺمڪ ڏيندي ۽ هٿ ۾ جهليل ڳٽ ڏيکاريندي) مان توکي هي ڳٽ هار ڪري پارائيندس ۽ هي ڳٽ تنهنجو ڪنڌ ايترو جهڪائي ڇڏيندو، جو تون انساني سماج ۾ ڪنڌ ڪڍڻ جهڙي نہ رهنديئن.

**پريميڪا:** پر جنهن وقت مان ڪنڌ ڪڍڻ جهڙي ٿيس، سينا پتي بلونت...! تون ڪنڌ ڪڍڻ لائق نہ رهندين.

**بلونت:** (ڏوري تي هٿ هڻندي) مان وڏو ٻلوان آهيان. منهنجو ڪنڌ ڪير بہ جهڪائي نٿو سگهي. ٻل ئي دنيا جو وڏو ڌرم آهي. ٻل سان ئي سڀ سوارٿ پورا ڪري سگهجن ٿا. اڳتي ٻل جي ئي پوڄا ٿيندي رهندي.

**پريميڪا:** جي ٻل جي ڳالهہ آهي، تہ هن پرٿوي تي هاٿي سڀ کان ٻلوان آهي، پوءِ تہ صرف اُن جي پوڄا ٿيڻ گهرجي.

**بلونت:** مان توسان بحث نہ ڪندس، جو ناري وڏي چَتر ۽ چالاڪ ٿئي ٿي. پر توکي پنھنجي ٻل جي شڪتي ضرور ڏيکاريندس.

**پريميڪا:** جي ايئن ٿيو تہ پوءِ انساني سماج ۾ وري انڌ انڌڪار مچي ويندو، مان اِن ٻل جي شڪتيءَ جي نندا ڪيان ٿي ۽ ڪندي رھندس.

[بلونت، پريميڪا کي ٻچيءَ ۾ زوري ٻٽ پارائي بي وس ڪري نڪري وجي ٿو.]

**پريميڪا:** (زور سان سڏيندي) ڪٿي آھن، منھنجا سڀُلي ۽ ساچاھوند ساٿي...؟ جيڪي مون کي ھن آپدا مان آجو ڪن... ڪٿي آھن...؟

**ڌرم پال:** (ھٿ ۾ جھليل پيالو ڪٽي پريميڪا جي پرسان اچي بيھي ٿو) آبلا ناري...! اچا تون پنھنجن ساٿين کي سارين ٿي...؟ (ٺھڪ ڏيندي) ھا....ھ ....ھا! ... ھا! تنھنجا سڀ ساٿي ھن پرٿويءَ تان گم ٿي ويا... ھاڻي تہ تون تنھا آھين... نہ صرف تون ھڪ ناري، پر ھن پرٿويءَ جون سڀ ناريون ھاڻي تنھا ٿينديون.

**پريميڪا:** اِھو نا ممڪن آھي...!

**ڌرم پال:** اِھو ممڪن آھي، آبلا ناري... تو اِھا ڪٿا تہ ٻُڌي ھوندي تہ ديوتائن ۽ ديئتن گڏجي ورش ولوڙيو ھيو؟ (وٽو آڏو جھليندي) ھي ورش، سماج جي سيني راج راھو مردن گڏجي ولوڙيو آھي ۽ توکي اسان جي آدرشن انوسار پيئڻو پوندو... جنھن جي پيئڻ ڪانپوءِ نہ تون ڪجھي ۽ نہ لُچي سگھنديئن.

**پريميڪا:** مان اِھو ورش ھرگز ھرگز نہ پيئندس...!

**ڌرم پال:** چ.....چ ... ابلا ناري...! تون ڪيئن نہ پيئندين...!؟ تون روڪي بہ نٿي سگھين، جو تنھنجا ھٿ ٻڌل آھن. تون ڀڄي بہ نہ ٿي سگھين، جو تنھنجا پير ٻڌل آھن. تون منھن موڙي بہ نہ ٿي سگھين، جو تُنھنجي ٻچيءَ ۾ ٻٽ پيل آھي.

**پريميڪا:** تون پاڻ کي آچاريہ ۽ رشي سڏائين ٿو. ڇا اِھو مناسب آھي تہ تون اُن ناريءَ سان ظلم ڪرين، جنھن جي پيٽ مان تو جنم ورتو آھي؟

**ڌرم پال:** تو مردن جي ڌرم جو پالن نہ ڪيو، ناري... ان ڪري ھاڻي توکي ھي ورش پنھنجو ڪرم سمجھي پيئڻ گھرجي.

**پريميڪا:** جنهن کي تون ڏرم چوين ٿو، اُهو آڏرم آهي. جنهن کي تون ڪرم سڏين ٿو، اُهو ڪُڪَرم آهي... تون ظالم آهين، ظالم...!

**[ڏرم پال ٺهڪ ڏيندي، پريميڪا کي زوري ورش پياري ٿو ۽ پوءِ تيزيءَ سان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.]**

**پريميڪا:** (نيم بيهوشي واري حالت ۾) ڏرم پال...! تون...اِهو... ورش... مونکي... نٿو پيارين، پر انساني سماج جي...اڏ کي... پياري رهيو آهين.. ان جي پيٽ .... سان انساني سماج .... جو نسل... هزارن سالن تائين...اڏ رنگي جو.... شڪار رهندو...! هه ... زا ... رن ... سا ... ل ... ن .. تا .... ئين ....

**[پريميڪا آهستي آهستي ڍري ٿي هيٺ ڪري پئي ٿي. اسٽيج تي روشني گل ٿي وڃي ٿي. پس منظر ۾ غمگين ڌن وڄندي رهي ٿي.]**

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک ڇهون

[مها سيا جو ساڳيو منظر. پريميڪا هيٺ بيهوش لڳي پئي آهي. اسٽيج تي روشنيءَ جا مختلف رنگ بدلبا رهن ٿا. جيڪي زمان ۽ مڪان جي تبديلي جا اهڃاڻ بڻجن ٿا. پوءِ هڪ زوردار گهنڊ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. پس پرده اتهاس ڪار جو آواز گونجي ٿو.]

**اتهاس ڪار:** (پريميڪا کي مخاطب ٿيندي) پرٿوي جي ڪلاڪار ناري...! هڪ هزار ورهيہ گذري ويا آهن. ڇا اڃا مردن جي پياريل ورش جو اثر توتان ختم ناهي ٿيو؟

[جواب نٿو اچي ... گهنڊ جو آواز ٻہ دفعا ٻرڻ لڳي ٿو... اسٽيج تي روشني جا رنگ مٽبا رهن ٿا.]

**اتهاس ڪار:** ناري...! ٻہ هزار ورهيہ گذري ويا آهن... ڇا تون اڃا تائين ننڊ ۾ آهين؟

[جواب نٿو اچي ... گهنڊ جو آواز ٽي دفعا ٿئي ٿو... اسٽيج تي روشني جا رنگ مٽبا رهن ٿا.]

**اتهاس ڪار:** ٻاليڪا...! ٽي هزار ورهيہ گذري ويا آهن، ڇا تون اڃا ڪُهر ۾ آهين؟

[جواب نٿو اچي... چار دفعا گهنڊ وڄڻ جو آواز اچي ٿو... اسٽيج تي روشني جا رنگ مٽبا رهن ٿا.]

**اتهاس ڪار:** ماتا...! چار هزار ورهيہ گذري ويا آهن... ڇا تو اڃا آرس ناهي ڀڳو؟

[جواب نہ اچڻ تي گهنڊ جو آواز پنج دفعا اچي ٿو... اسٽيج تي روشني جا رنگ مٽبا رهن ٿا.]

**اتهاس ڪار:** منش جاتيءَ جي پوري اڌ جي حصيدار ناري! ڇا تنهنجي ديهہ سان گڏ تنهنجي آتما بہ مري وئي آهي...؟ تون زنده بہ آهين يا نہ؟

[استيج تي مڪمل روشني ٿئي ٿي.]

**پريميڪا:** (اکيون کولي ، آهستي آهستي اُٿندي) ها، مان زنده آهيان. (آرس پڇندي) مون تان ڳهر لٿو آهي... مون آرس پڳو آهي... مان وري جاڳي آهيان... پر توهان ڪير آهيو، جو مون کان بار بار پڇو ٿا؟

**اتهاس ڪار:** (جواب ڏيندي) مان اتهاس ڪار آهيان.

**پريميڪا:** (پڇندي) اوهان ڇو مون کي آواز ڏنو...؟ اوهان جو مون ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟

**اتهاس ڪار:** مون پورا پنج هزار ورهيہ توکي سڏيو ۽ تنهنجي اُٿڻ جو انتظار ڪيو آهي، تہ جيئن پُرش ۽ ناريءَ جي وچ ۾ لڳل يُڌ جي انت کي لکي سگهان.

**پريميڪا:** مان اوهان جي ٿورائتي آهيان، جو اوهان مون کي سڏيو. اِهو ضرور لکجو تہ ناري ڪنهن بہ راجا منو، سيناپتي بلونت، مهامنتري چنچل، مک منتري وڏيري وسڻ يا ڪنهن ڌرمي ڌوتي ڌرم پال جي داسي ڪونهي، پر انساني سماج جو اڌ ۽ مرد جي برابر آهي.

**اتهاس ڪار:** ناري، تون اُٿي ضرور آهين، پر تنهنجا هٿ تہ اجا رسمن جي رسيءَ سان ٻڌل آهن.

**پريميڪا:** (هٿن کي رسن کان آجو ڪندي) اجهو...! مون پنهنجا هٿ آزاد ڪري ڇڏيا.

**اتهاس ڪار:** رواجن جي ڏاڻ ۾ تنهنجا پير تہ اجا قابو آهن، ناري؟

**پريميڪا:** (پيرن مان ڏاڻ ڪيندي) هي ڏسو... مان رواجن جي ڏاڻ کان آزاد ٿي ويس.

**اتهاس ڪار:** تنهنجي ڳچيءَ ۾ تہ اجا بہ غلاميءَ جو ڳٽ پيل آهي؟

**پريميڪا:** (ڳچيءَ مان ڳٽ ڪيي اڇلائيندي) هي ڏسو...! مان ڏاڍ ۽ جبر جي ڳٽ کي ڪيي هميشہ هميشہ لاءِ اڇلائي ڇڏيو.

**اتهاس ڪار:** هاڻي مان خوش آهيان، تہ تون آزاد آهين. پر پنهنجي آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ توکي اجا بہ وڏي ويڙهاند ڪرڻي پوندي.

[اوچتو منو، بلونت، چنچل، وسڻ ۽ ڌرم پال اندر داخل ٿين ٿا.]

**ڏرم پال:** (حيران ٿيندي) هي ڇا...؟ ناري جاڳي پئي ...!؟ ڇا منهنجي پياريل ورش جو اثر ختم ٿي ويو...؟

**وسڻ:** (پريشان ٿيندي) ڇا هيءَ ناري منهنجي وڏل رسمن جو رسو ڇڏائي وئي!؟

**چنچل:** ڇا منهنجي سخت رواجن جو ڏاڍ نڪري ويو!؟

**بلونت:** (هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي) منهنجو وڏل ڳت ڪيڏانهن ويو!؟

**منو:** (ڪاوڙ وچان) اسان ناريءَ کي دنيا جا مرد ڪنهن بہ صورت ۾ آزاد نہ ڇڏيندا اسين. هر صورت ۾ هن کي پنهنجي ٻانهي بڻائيندا اسين.

**[ڏرم پال، وسڻ، چنچل، بلونت ۽ منو، پريميڪا ڏانهن خوفناڪ انداز ۾ وڌن ٿا. پريميڪا پوءَ وچان آهستي پٺتي هٽڻ لڳي ٿي.]**

**اتهاس ڪار:** پرٿويءَ جي ناري....! تون گهبراءِ نہ...! هيءُ دؤر تنهنجو آهي... تون پنهنجن سهيلين ساٿين ۽ ڪلاڪارن کي دل سان سڏينديئين تہ هو ضرور تنهنجي مدد لاءِ ايندا.

**پريميڪا:** (سڏيندي) روپ ونت....! سهوجهہ ساٿيو ...! ڪُندار ڪلاڪارو...! اچو، مون سان ساٿ ڏيو... ۽ هن دلالن، داداگيرن ۽ بدمعاشن کان نجات ڏياريو...! اچو ساٿيو...! ساٿ ڏيو!

**[روپ ونت ۽ ٻيا ڪلاڪار اندر داخل ٿين ٿا. نرت وجهندي وسڻ، چنچل، ڏرم پال، بلونت ۽ منوءَ سان چنبا چنبن ۾ اٽڪائي ويڙهاند ڪن ٿا ۽ کين پڇڻ تي مجبور ڪن ٿا.]**

**اتهاس ڪار:** شاباس ڌرتيءَ جا ڪلاڪارو...! شاباس...! توهان هن ڌرتيءَ تي ڏاڍ ۽ ڏمر وارن ڪمينن ڪردارن کي پڇائي ڪڍيو... هاڻي پنهنجي ڪلا، ڏاهپ سان انساني سماج کي ماڻهپي جو سبق ڏئي پنهنجي پريم نگر کي پيهر آباد ڪريو! ۽ شاد رهو....!

**[پوءِ روپ ونت بانسريءَ تي خوشيءَ جي ڌن وڄائي ٿو. پريميڪا ۽ ٻيا ڪلاڪار زبردست نرت ڪندي پنهنجي ڪلا ڏيکارين ٿا.]**

## پردو ڪري ٿو

**راج ڪرتهہ**



# بادشاہ سلامت

# ڪردار

| | |
|---|---|
| **جهان خان:** | بادشاهہ |
| **اعتماد خان:** | وزير اعظم |
| **جنگو خان:** | سالاراعظم/ سپاهہ سالار |
| **غضب خان:** | فوجدار |
| **ملان اعتقاد:** | وزير انصاف |
| **شائستہ دِل:** | خواجہ سرا / اميرمجلس |
| **سوپيا:** | عوامي فنڪاره |
| **دولت بيگ:** | وزيرخزانہ/ ميربخشي |
| **صوفي لا ڪوفي:** | صوفي |
| **باغ وبهار:** | درٻاري فنڪاره |
| **فرحت بخش :** | شاهي سپاهي |
| **آرام بخش:** | شاهي سپاهي |

**شاهي مخبر**
**شاهي نديم**
**چوبدار وغيره**

[ستار تي ڏن تيز ٿي پوءِ آهستي ٿئي ٿي ۽ راويءَ جو آواز گونجي ٿو.]

**راوي:** راجائن جڏهن پنهنجي ديس مان پريم نگر پسم ڪرائي ڇڏيو. تہ ڇڻ احساسن ۽ جذبن جي دنيا جو مرتيہ ٿي ويو. نرم ۽ نازڪ جذبن جي جڳهہ تي سخت گير روين جنم ورتو.

هر طرف انڌير نگري مچي وئي. چرپٽ راجائن جنم وٺڻ شروع ڪيو. عدل ۽ انصاف موڪلائي ويو. ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ تي پروسو ختم ٿي ويو. ويساهہ گهاتين جو رواج عام ٿي ويو. جهڙو راجا تهڙي پرجا ٿي وئي.

اڻين پنهنجي ئي ڪوتيل ڪڏ ۾ هڪ هڪ ٿي راجا ڪرندو پنهنجي انجام ڪي پهتو ۽ پوءِ اوچتو زور آور بادشاهہ ۽ شهنشاهہ تلوارون لهرائيندا آيا. سندن دؤر شان، مان، دبدبي، فتح، عيش ۽ عشرت جو دؤر ليکجڻ لڳو.

# پردو کڇي ٿو

## ڏيک پهريون

[اسٽيج تي روشني ٿئي ٿي. بادشاهي درٻار جو منظر. اسٽيج تي سامهون شاهي تخت رکيل. ٻه ماڻهو تخت جي پٺيان مورڇل کنيون بيٺا آهن. اسٽيج جي داخلي دروازي تي ٻه چاڪ و چوبند هٿياربند سپاهي بيٺا آهن. پس پرده گهوڙن جون هڻڪارون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون ۽ شاهي نديم جو آواز گونجڻ لڳي ٿو.]

**شاهي نديم:** (منادي ڏيندي) با ادب....! با ملاحظہ....!. هوشيار....!
ظِلِ الاهي....! صاحب عالم...! حضورِ معظم...!
بادشاه وقت.! جهان خان...! تشريف فرما ٿي رهيا آهن...!

[شاهي طبل ۽ تُوتارا وڄن ٿا. وقت جو بادشاهه جهان خان وڏي طمطراق سان داخل ٿئي ٿو. پٺيان وزير، سپاه سالار، امير امراءَ، خواجہ سرا ۽ درٻاري اچن ٿا. جهان خان وڏي شان ۽ مان سان تخت نشين ٿئي ٿو. پاسن کان پنهنجي حيثيت ۽ مرتبي تحت وزير، سپاهه سالار ۽ ٻيا قطارون ٺاهي بيهن ٿا.]

**جهان خان:** ( مخاطب ٿيندي) وزير اعظم، اعتماد خان...!
**اعتماد خان:** جي، جهان خان...!
**جهان خان:** اسان کي اڃا هڪ ملڪ فتح ڪرڻو آهي.
**اعتماد خان:** جهان خان...! اوهان ڪجهہ آرام بہ ڪيو، هاڻي هاڻي تہ اوهان جنگ کان موٽيا آهيو.
**جهان خان:** (تخت تان اُٿي جوش ۾ ايندي) اسان نٿا چاهيون، تہ اسان جي تلوارن تي لڳل دشمنن جو رت سُڪي وڃي. اسان نٿا چاهيون، تہ ڪو پاڙيسري سک جو ساهہ کڻي. اسان نٿا چاهيون، تہ اسان جي تلوارن کي ڪَٽُ لڳي.
**اعتماد خان:** جهان خان، آخر اُهو ڪهڙو دشمن آهي، جنهن اوهان جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي آهي؟
**جهان خان:** (ٿڌو ساهہ ڀريندي) رياست پرسُڪون جي خود مختيار والي امين الدولہ!

**اعتماد خان:** منهنجي ناقص معلومات مطابق، تہ هن ڪڏهن بہ اسان سان ڪؤنس نہ ڪئي آهي.

**جهان خان:** مگر هن جي پيڻ گلبدن بيگم تہ اسان جي دل سان ڪؤنس ڪئي آهي.

**اعتماد خان:** جهان خان، اِهو تہ شهنشاهن جو شان آهي، تہ هو پراين عورتن تي پرپٺ عاشق ٿي پون... اوهان حڪم ڪيو تہ پيغام اماڻيون؟

**جهان خان:** شاهي مخبرن ٻڌايو آهي، تہ هن اسان جي پيغام اماڻڻ کان اڳ پنهنجي پيڻ جي شادي هڪ اميرزادي خورشيد پاشا سان ڪرائي ڇڏي آهي.

**اعتماد خان:** جهان خان، اوهان جا تہ پنج سؤ کان وڌيڪ حرم آهن... اوهان صرف هڪ گلبدن بيگم جي ڪري....؟

**جهان خان:** (ڪتيندي) بحث جي ڪا گنجائش ناهي، هي دل جو معاملو آهي. هڪ دم هڪ لک فوج جي لاءِ تازه دم گهوڙا ۽ نون هٿيارن جو انتظام ڪيو وڃي!

**اعتماد خان:** بالڪل حڪم جي بجا آوري ٿيندي، پر پهريان خزاني جي صورت حال وزير خزانہ دولت بيگ کان معلوم ڪئي وڃي.

**جهان خان:** (سواليہ نگاهن سان ڏسندي) وزيرخزانہ دولت بيگ....!؟

**دولت بيگ:** (ٻڌائيندي) عالم پناهہ !سچي ڳالهہ اها آهي، تہ خزاني ۾ ايترو بہ ڪونهي جو هڪ لک گڏهن جو انتظام ٿي سگهي.

**جهان خان:** (ڪاوڙ وچان) هيءَ ڪهڙي بڪواس ٿو ڪرين......؟ مال غنيمت ۾ آيل هيرا جواهر، سونيون سرون، مهرون، اشرفيون ۽ چانديءَ جا ڍير ڪيڏانهن ويا؟

**دولت بيگ:** منهنجي وات ۾ خاڪ جا ٻُڪ والي جاهہ ...! هڙ جو هڙ اوهان جي حرم گڏ ڪرڻ ۽ جنگين ڪرڻ جي شوق ۾ ٻڏي ويا.

**جهان خان:** مان ڪجهہ بہ ٻڌڻ نٿو چاهيان، بنان ڪنهن حيل وحجت جي خزاني کي پريو وڃي.

**دولت بيگ:** حضور معظم، تہ پوءِ رعايا تي لگان هڻڻ گهرجي.

**جهان خان:** اُهي تہ اڳيئي سارسنڀال ڏن ڏيندا ٿا اچن؟

**دولت بيگ:** هاڻي سر بچاءُ لگان لڳندو، جيڪو نہ ڏيندو، اُهو حُضور معظم جي بادشاهي ۾ سُک جو ساهہ نہ کڻي سگهندو.

**اعتماد خان:** پر اُن جي اڳاڙي ڪيئن ٿيندي؟

**جهان خان:** (غضب خان ڏانهن اشارو ڪندي) اڳاڙي فوجدار غضب خان جا ڪوڙا ڪندا.

**جهان خان:** (سڏيندي) فوجدار، غضب خان!

**غضب خان:** عالم پناھ !

**جهان خان:** (حڪم ڏيندي) سر بچاءِ لڳان وصول ڪرڻ لاءِ، رعايا ڪي بي دريغ ڪوڙا هنيا وڃن.

**غضب خان:** عالم پناھ، حڪم جي تعميل ٿيندي (سپاهين ڪي سختيءَ سان حڪم ڏيندي) سپاهيو...! اڄو تہ پنهنجي رعايا ڪي صبوح و شام ڪوڙا هڻي لڳان وصول ڪيون.

[غضب خان سپاهي وٺي ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

**جهان خان:** (سپاھ سالار ڪي ڏسندي) سپاھ سالار جنگو خان!

**جنگو خان:** (ڪنڌ جهڪائيندي) جي، صاحب عالم!

**جهان خان:** جيئن ئي شاهي سلطنت جو خزانو پرجي وڃي. تون پوري طاقت سان، پرسُڪون رياست مٿان شاهي قهر ٻڻجي ٽٽي پئہ ۽ پرسڪون رياست جي ماڻهن ڪي ٻڌائي ڇڏ، تہ شاهي سلطنت جو ظلم واستبداد ڇا ٿيندو آهي.

**جنگو خان:** صاحب عالم! اسان اوهان جي حڪم جي پوري پوري پوئيواري ڪنداسين. پرسڪون رياست جي ماڻهن ڪي نہ صرف لٽي ڪنگال ڪنداسين، پر اهڙي تباهي ۽ بربادي آڻينداسين جو پر سُڪون رياست، پرُ خون ۽ پرُآشام ٿي ويندي.

**جهان خان:** اسان ڪي پنهنجي سپاھ سالار مان اِهائي اُميد آهي.

**دولت بيگ:** غضب خان جيڪڏهن خزاني ڪي پرڻ جو ڪارنامو سرانجام ڏنو، تہ پوءِ سپاھ سالار جنگو خان ڪي پرسڪون رياست ڪي فتح ڪرڻ ۾ ڪا دقت نہ ٿيڻ گهرجي.

**جهان خان:** دولت بيگ...! ڇا هن وقت تائين شاهي خزانو پرجي نہ ويو هوندو؟

**دولت بيگ:** عالم پناھ...! جي اجازت هجي تہ ڏسي اچان؟

**جهان خان:** اجازت آهي...!

[دولت بيگ تکڙو ٻاهر وڃي ٿو ۽ ٿوري دير کان پوءِ غضب خان سان گڏ موٽي ٿو.]

**دولت بيگ:** (ٻڏائيندي) عالم پناه...! خزانو بالڪل ڀرپور آهي... غضب خان تہ غضب ڪري ڇڏيو آهي.

**جهان خان:** اسان غضب خان کي فوجدار سان گڏ ديوان عارضِ بہ بڻايون ٿا.

**غضب خان:** (کلندي) حضور معظم...! هاڻي تہ رعايا کي نہ صرف ڪوڙن سان پر تيرو تفنگ سان بہ منهن ڏيڻو پوندو.

**جهان خان:** (رڙ ڪندي) جنگو خان!

**جنگوخان:** صاحب عالم!

**جهان خان:** پنهنجي پاڙيسري ملڪ تي هڪدم زوردار حملو ڪري، گلبدن بيگم کي جلدازجلد پيش ڪيو وڃي، جو اسان جي صبر جو پيمانو ڇلڪي رهيو آهي.

**جنگو خان:** جي، صاحب عالم!

[جنگو خان سيني تي هٿ رکي، ڪنڌ جهڪائي ۽ پوءِ ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک پيو

[ساڳيو منظر. جهان خان تخت تي ويٺو آهي. وزير، امير ۽ درٻاري باادب لڳا بيٺا آهن. جهان خان ڏاڍو خوش ۽ هشاش بشاش لڳو پيو آهي.]

**جهان خان:** (ٺمڪ ڏيندي) وزير خزانہ دولت بيگ...! اڄ اسان ڀريل خزاني جو ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا آهيون. پر هڪ ڳالهہ ڪن کولي ٻڌي ڇڏ، تہ جيڪڏهن اڳتي اسان کي خالي خزاني جو ٻڌايو ويو، تہ اسان توکي زنده در گور ڪري ڇڏينداسي.

**دولت بيگ:** (ڪلندي) حضور معظم...! جيڪڏهن اوهان جو اقتدار هجي، وزير اعظم جو تدبر هجي ۽ غضب خان جي دهشت هجي تہ بادشاهہ سلامت جو خزانو ڪڏهن بہ خالي ٿي نٿو سگهي.

**شائستہ دل:** (زنانہ ڪپڙا پهريل درٻار جو خواجہ سرا تاڙي وڄائي عرض ڪندي) شاهہ قدردان، اڄ ڇو نہ جشنِ صحتِ خزانہ ملهايو وڃي؟

**جهان خان:** اميرِ مجلس، خواجہ سرا...! تنهنجي تجويز تہ معقول آهي. هڪدم شاهي فنڪاره عمر دراز کي گهرايو وڃي.

**شائستہ دل:** شاهِ قدردان! افسوس صد افسوس، جو شاهي فنڪاره ڪجهہ عرصو ٿيو تہ عمر ڪوتاه ٿي وئي.

**جهان خان:** (حيرانگيءَ وچان) ڇا عمر دراز کي ڪائڻ نہ ملندو هو؟

**شائستہ دل:** شاهہ قدردان...! ڪيس هر روز پندرنهن سير ڪاڏو موڪليو ويندو هو. جنهن ۾ ستن پلائن جا قسم، قورمي جا ٻہ ٿي ڊونگا، پنج سير باقرخاني، شيرين و نمڪين ايراني وافغاني نان وغيره ..... اِن کان علاوه ميوه جات ۽ مٺايون الڳ....

**جهان خان:** تہ پوءِ مرڻ جو سبب؟

**شائستہ دل:** اِها شاهي درٻار جي روايت آهي، تہ ان جا ماڻهو گهٽي ڪائڻ ڪري مرندا آهن.

**جهان خان:** (خوش ٿيندي) والله! اِهو شاهي درٻار جو شان آهي. مگر اسان کي اِهو ٻڌايو وڃي تہ اڄ اسان جي محفل ۾ ڪير رونق افروز ٿيندو؟

**شائستہ دل:** جي اجازت هجي، تہ اج ڪنهن عوامي فنڪاره کي وٺي شمع محفل بڻائجي؟

**جهان خان:** بالڪل آندو وڃي اُن کي... ڏسئون تہ اُها ڪيئن ٿي جلي اسان جي محفل ۾ ...

**شائستہ دل:** تہ پوءِ بادشاهہ سلامت، چند گهڙين جي انتظار ڪرڻ جي زحمت فرمايو....آءٌ اِنهيءَ پير تي ڪيس وٺي پيش ڪيان ٿي.

[شائستہ دل تيزيءَ سان شاهي دربار مان ٻاهر نڪري وڃي ٿي.]

**جهان خان:** (اعتماد خان کان پڇندي) وزير اعظم...! ڇا عوامي فنڪاره اسان جي شاهي دربار جي ماڻهن ڪانسواءِ ٻين جي آڳرين تي بہ نچندي ۽ ڳائيندي آهي؟

**اعتماد خان:** بادشاهہ سلامت! عوام بي دماغ ضرور هوندو آهي، پر بي دل نہ هوندو آهي. عوام پنهنجن فنڪارن کي آڱرين تي نہ، پر دل سان نچائيندو ۽ ڳارائيندو آهي.

[شائستہ دل، عوامي فنڪاره سوپيا کي وٺي اندر داخل ٿئي ٿي ۽ سوپيا، جهان خان کي فرشي سلام ڪري ٿي.]

**سوپيا:** (جهڪندي ۽ سلام ڪندي) آداب...! بادشاهہ سلامت!

**جهان خان:** (گهوريندي) چئبو تہ عوام ۾ سونهن اچا رونق افروز آهي؟

**سوپيا:** سونهن منهنجي وڏي پيڙ آهي، حُضور...! اوهان جي بادشاهي ۾ مسڪينيءَ ۽ غربت جي ڪري اُها ڪجهہ ناساز هئي، اِن ڪري اچي نہ سگهي.

**جهان خان:** ما بدولت پڇن ٿا، تہ تنهنجو اسمِ گرامي ڇا آهي؟

**سوپيا:** (ٻڌائيندي) منهنجو نانءُ سوپيا آهي.

**جهان خان :** (ورجائيندي) سوپيا...!

**سوپيا:** عوامي فنڪاره پنهنجي فن پيش ڪرڻ جي اجازت ٿي گهري؟

**جهان خان:** اجازت آهي...!

[سوپيا امير خسرو جو ڪلام ڳائيندي، ڀرپور رقص ڪري ٿي.]

زحال مسکين مکن تغافل، دورائي نينان بنائي بتيان
ڪہ تاب هجران ندارم اي جان، نہ لي هو ڪاهي لگائي چتيان

شبان هجران دراز چون زلف، و روز وصلت چو عمر ڪوتاه
سکي پيا ڪو جو مين نہ ديکون، تو ڪيسي ڪاٽون انڌيري رتيان

يڪايڪ ازدل دو چشم جادو، بصد فريبم ببرد تسڪين
ڪسي پڙي هئي جو جا سناوي، پياري پي ڪو هماري بتيان

چون شمع سوزان چو ذره حيران، هميشہ گريان بہ عشق آن ما
نہ نيند نينان نہ انگ چينان، نہ آپ آوين نہ ڀيجي پتيان

بحق روز وصال دلبر، ڪہ داد مارا غريب خسرو
سپت من ڪي ورائي راکون، جو جائي پائون پيا ڪي کتيان.

[بادشاهہ ۽ درباري سوپيا ڪي حيرت وچان تڪن ٿا. جڏهن راڳ ۽ رقص ختم ٿئي ٿو، تہ جهان خان ۽ درباري دنگ رهجي وڃن ٿا.]

**جهان خان:** (خوش ٿيندي) بيشڪ...! اي عوامي فنڪاره! تون پري پيڪر، ماهہ جبين، ناهيد نواز، زمزمہ پرواز آهين.... اڄ جيڪو گهرڻو ٿي سو گُهر...!

**سوپيا:** بادشاهہ سلامت...!آءٌ پنهنجي لاءِ ڪجهہ نٿي گهران....بس اِهو عرض رکان ٿي، تہ عوام مٿان لڳل لگان ختم ڪيو وڃي.

**جهان خان:** اي عوامي فنڪارہ تون غريب عوام ڪي ڇڏ. مابدولت توکان اِهو پڇن ٿا، تہ ڇا تون درباري فنڪاره ٿيڻ پسند ڪندئين؟

**سوپيا:** بادشاهہ سلامت...! هڪ تہ مون ڪي شاهي آدابن جي خبر ناهي، ٻيو تہ اسان ٻن جا پنهنجي سونن پڃرن ۾ نہ رهي سگهنداسي.

**جهان خان:** بيوقوف عوامي فنڪاره...! توکي عوام ڇا ڏيندو ...؟ هڪ ڏينهن تون عوام سان گڏ بکن ۾ پاهہ ٿي مري ويندينءَ.

**سوپيا:** بادشاهه سلامت...! ڪو گهڻي ڪاڻ ڪري مري وڃي، ڪو ٿوري ڪاڻ ڪري......مرڻو تہ هرحال ۾ آهي. پوءِ انهن سان ڇو نہ مرجي، جيڪي ڏک سک جا ساٿي آهن.

**جهان خان:** (چڙنديءَ) تو اسان تي طنز جا تير وسايا آهن. والله! سڀ فنڪار ۽ رقاص نيچ هوندا آهن.

**سوپيا:** (وڏي آواز سان) گستاخي معاف! بادشاهه سلامت... رقاص تہ ڌرتيءَ جي بہ آهي، سچ بہ آهي، چنڊ بہ آهي. تنهنجي منهنجي جسم ۾ رقص ڪندڙ خون بہ آهي. رقص تہ وحدانيت جو اظهار آهي، پوءِ رقص ڪندڙ ڪيئن نيچ ٿي سگهن ٿا؟

**جهان خان:** (غصي ۾ ايندي) گستاخ! بدتميز! (غضب خان ڏانهن ڏسندي) هن عوامي فنڪاره مان بغاوت جي بوءِ اچي ٿي. هن جي چپ تارونءَ مان ڪڍي وڃي. هن سان گڏ هن جي پيڻ سونهن کي بہ قيد و بند ۾ رکيو وڃي، تہ جئين عوام پنهنجي سونهن ۽ سوپيا جي حالتِ زار کي ڏسي عبرت حاصل ڪن.

**سوپيا:** اي بادشاهه وقت...! توکي جيڪو وڻي سو ڪر.... پر هڪ ڳالهہ ذهن نشين ڪري ڇڏ تہ آواز خلق، نقارئي خدا.... هاڻي هن ڌرتيءَ تان تنهنجي ظلم ۽ استبداد جو راڄ ختم ٿيڻ وارو آهي. هڪ ڏينهن اِهو تنهنجو تخت ۽ تاج اجڙي ويندو...! تون دربدر خاڪ بسر ٿيندين...!

[سوپيا کي غضب خان ۽ سپاهي گهليندي ٻاهر هليا وڃن ٿا.]

# پردو ڪري ٿو

# ڏيک ٽيون

[شاهي دربار جو ساڳيو منظر. جهان خان نهايت سنجيده لڳو ويٺو آهي. وزير، امير ۽ درباري سندس خوشامد ۽ چاپلوسي ۾ رڌل آهن.]

**ملان اعتقاد:** (خوشامد ڪندي) ظل الاهي.! اوهان جي انصاف تہ انگشت بدندان ڪري ڇڏيو.لا شڪ تہ اوهان نوشيروان عادل کي بہ مات ڏئي ڇڏي. جي اجازت هجي تہ شاهي دربار جي ٻاهران عدل جو سونو گهنڊ لڙڪائجي تہ جيئن عام و خاص ان کي وڄائي اوهان جي عدل ۽ انصاف کان هر وقت مستفيض ٿيندو رهي.

**جهان خان:** بلڪل! معقول تجويز آهي، انڪري اسان توکي اڄ وزيرِ انصاف جو عهدو عطا ڪيون ٿا.

**ملان اعتقاد:** (پنهنجي سيني تي هٿ رکي جهڪندي) اوهان ظل الاهي آهيو، اوهان پنهنجن خاص ماڻهن تي خطائن جي باوجود بہ عطائون ڪرڻ ۾ دير ناهيو ڪندا.

[ملان اعتقاد خان ٻاهر وڃي ٿو ۽ غضب خان سپاهين کي وٺي اندر اچي ٿو.]

**غضب خان:** (ٻڏائيندي) حضور معظم، عوامي فنڪاره جي ڇپ ڪيڏي ڪيس شاهي قلعي جي ٻُٺي کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيوسي. ۽ سندس پيڙ سونهن کي بہ پابند سلاسل ڪري ڇڏيوسي.

**جهان خان:** غضب خان، توکي اڄا هڪ ٻي ماڻهوءَ کي بہ پنهنجي غضب جو نشانو بڻائڻو آهي. جنهن هڪ بدتميز عوامي فنڪاره کي شاهي دربار ۾ آڻي فاش غلطي ڪئي.

**غضب خان:** حضور معظم، ڇا اوهان جو اشارو امير مجلس خواجہ سرا شائستہ دِل ڏانهن آهي ؟

**جهان خان:** (شائستہ دل کي ڏسندي) بلڪل! تو صحيح سڃاتو آهي ....

[شائستہ دل ڀوءَ وچان ڏڪندي، جهان خان جي پيرن تي ڪري پوي ٿي.]

**شائستہ دل:** شاهه قدردان، غضب خان نهايت ڪمينو انسان آهي. هن وٽ سزائن جا سوين طريقہ آهن. شائستہ دل کي طاقت ڪونهي جو انهن جا سور سهي سگهي.

**جهان خان:** تہ پوءِ وزير انصاف ملان اعتقاد کي چونداسي، تہ هو تنهنجي لاءِ ڪا سهڻي سزا تجويز ڪري.

**شائستہ دل:** ملان اعتقاد تہ صفا انڌو آهي. مون کي ذاتي خبر آهي تہ اِنهيءَ انڌ ۾ اچي هن ڪهڙا ڪڏا ڪم ڪيا آهن. اوهان کي پنهنجي پٽ راڻي ممتاز محل جو قسم...! حسين ۽ خوبصورت عمده بيگم جو قسم...! زرق برق لباس زيب تن ڪندڙ ۽ قاتل ادائن واري سرفراز بيگم جو قسم...!

**جهان خان:** (شائستہ دل کي ڏسندي) امير مجلس اسان جا فيصلا اٽل ۽ پٿر تي لڪير هوندا آهن.

**شائستہ دل:** جان جي امان گهرجي، عاليجاه...!جان جي امان.! . اوهان کي پنهنجي اڻ ڏٺي معشوقہ گل بدن بيگم جو قسم!

**جهان خان:** (شوڪارو پريندي) شائستہ دل! تو اسان جي ڏکيل رڳ تي هٿ رکي، اسان جي پٿر واري لڪير جي فيصلي کي، پاڻي تي لڪير ڪري ڇڏيو... وڃ! اسان توکي جان جي امان ڏئي ڇڏي، پر هاڻي تون شاهي دربار جي امير مجلس نہ رهندين.

**شائستہ دل:** عاليجاه...! توهان منهنجي جان بخشي مون تي احسان ڪيو. مان اوهان جي عيش محل جو خواجہ سرا ٿي ئي رهڻ چاهيان ٿي... جيڪا پهريان هيس، اُها ئي ٿيڻ چاهيان ٿي.

[شائستہ دل فرشي سلام ڪندي، پوئين پير ٻاهر هلي وڃي ٿي.]

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک چوٿون

[ساڳيو شاهي دربار جو منظر. جهان خان پراعتماد ۽ رعب تاب سان تخت نشين آهي. سڀ درباري اُيي پير بيٺا آهن. ملان اعتقاد تيزي سان اندر اچي ٿو.]

**ملان اعتقاد:** (جهان خان کي ٻڌائيندي) حضور پُر نور...! ٻاهر عدل و انصاف جو سونو گھنڊ ٹنگجي ويو آهي. (تمڪ ڏيندي) هاڻي ڏسئون تہ ڪنهن کي ٿي ڪتي ڪٽي؟

[اوچتو زور زور سان گھنڊ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.]

**گھنڊ جو آواز:** ڊڙنگ...! ڊڙنگ...! ڊڙنگ!

**ملان اعتقاد:** اِهو ڪنهن کي ڪُتي ڪنيو آهي، جو گھنڊ لڳو ناهي ۽ وڳو ناهي...!؟

**غضب خان:** (تمڪ ڏيندي) ماڻهن کي مرڻ جو شوق آهي، تہ ان ۾ ڪنهن جو ڏوہ تہ ناهي .

**دولت بيگ:** (طنزيہ انداز ۾جواب ڏيندي) شايد انڪري جوعالم پناہ جي خوشحال سلطنت ۾ ماڻهن جو پيٽ ڀرجي ويو آهي.

**جهان خان:** (حڪم ڏيندي) فريادي کي هڪدم حاضر ڪيو وڃي!

[سپاهي ٻاهر وڃن ٿا. هڪ سادي سودي صوفي کي وٺي اچن ٿا. اُهو جهان خان کي فرشي سلام ڪرڻ بجاءِ عام انداز ۾ سلام ڪري ٿو.]

**صوفي:** السلام عليڪم!

**اعتماد خان:** (حيرانگي وچان) فريادي کي شايد شاهي دربار جي آدابن جي خبر ڪونهي...(حڪم ڏيندي) سجدهِ تعظيم ٿئي...!

**صوفي:** (لاپرواهي سان جواب ڏيندي) سجدو صرف خدا جي ذات لاءِ آهي. مان اوهان سيني تي خدا جي سلامتي موڪلي، شايد اُها اوهان کي پسند نہ آئي.

**اعتماد خان:** فريادي پنهنجو تعارف ڪرائيندي، پنهنجي فرياد پيش ڪري.

**صوفي:** تعارف صرف خدا جو آهي، جنهن جو نانءُ وڏو ۽ ذات لامحدود آهي. توهان مون کي صوفي لاکوفي چئي سگهو ٿا. (جهان خان ۽ درٻارين کي ڏسندي) مان پنهنجي فرياد ناهيان کڻي آيو، پر اُنهن لکن ۽ ڪروڙن انسانن جي فرياد کڻي آيو آهيان، جن کي اوهان جي ظلم ۽ ستم بي يار و مددگار بڻائي ڇڏيو آهي. ان سان گڏ اُنهيءَ مظلوم عوامي فنڪارائن جي حوالي سان پڻ فرياد کڻي آيو آهيان. جن کي اوهان نا حق قيد و بند ۾ رکيو آهي. بادشاهه وقت! عوام جي سونهن ۽ سوڀيا کي قيد ڪرڻ جمالياتي بي حسي آهي، جيڪا خدا کي سخت ناپسند آهي...!

**اعتماد خان:** صوفي لا ڪوفي...! تنهنجي عوامي فنڪارائن سان ڪهڙي رشتيداري آهي؟

**صوفي:** جيڪا هڪ انسان جي ٻين انسانن سان هوندي آهي.

**اعتماد خان:** صوفي لاڪوفي...! سڀ انسان هڪجهڙا ناهن هوندا.... ڪي اوچ، ڪي نيچ، ڪي اشراف، ڪي ڪمينا، ڪي برتر، ڪي بدتر، ڪي دور ۽ ڪي قريب تر. ان ڪري فرق واضح ڪيو وڃي.

**صوفي:** اسان جي صوفي سرواڻ سعدي شيرازيؒ فرمايو آهي:

بني آدم اعضا يک ديگرند
ڪ درآفرينش زيک گوهرند
جو عضوبہ درد آورد روزگار
دگر عضو ها را نماند قرار
توکز محنت ديگران بي غمي
نشايد ڪ نامت نهند آدمي

ان جو مطلب آهي، تہ بني آدم هڪ ٻئي جي جسم جا حصا آهن ۽ ساڳئي مٽي مان نهيل آهن. ڪنهن بہ عضوي ۾ جيڪڏهن درد ٿئي ٿو تہ ٻيا عضوا بہ درد محسوس ڪن ٿا. جيڪڏهن تون ٻين جي درد کان بيخبر آهين، تہ پوءِ ماڻهو سڏائڻ جي لائق ناهين.

**اعتماد خان:** اِهو اسان جو نظريو آهي، تہ هر انسان کي نسل جي بنياد تي پرکجي...

**صوفي:** اِها ئي تہ اوهان جي ڀُل آهي.

**جهان خان:** صوفي لاڪوفي...! تون جيتوڻيڪ گستاخي جو مرتڪب ٿيو آهين پر اسان توکي معاف ڪيون ٿا. ڇو، تہ تون عوامي فنڪارائن جو عاشق آهين ۽ اسان گل بدن بيگم جا .... پنهي جي عشق جو غم ساڳيو آهي. بحيثيت هڪ عاشق جي، تون اسان کي التجا ڪندين، تہ توکي عوامي فنڪارائون بخش ڪري سگهون ٿا.

**صوفي** : (طنزيہ ٺهڪ ڏيندي) بادشاهہ وقت...! اسان جي هڪ صوفي مرشد، سرمد شهيد فرمايو آهي:

**سرمد غم عشق بوالهوس را نہ دهند**
**سوزِ دل پروانہ مگس را نہ دِهند**
**عمر بايد کہ يار آيد بکنار**
**اين دولتِ سرمد هم کس رانہ دهند**

اِن جو مطلب آهي: سرمد عشق جو غم بوالهوس کي نٿو ملي...پرواني وارو سوز دل ماکي جي مک کي حاصل نٿو ٿئي... عمر گذرڻ کان پوءِ يار ويجهو ٿو ٿئي... اِها سرمدي دولت هر ڪنهن کي نصيب ۾ ناهي...

**جهان خان:** (درٻارين ڏانهن تفخر سان ڏسندي) درٻاريو...! توهان کي خبر آهي، تہ اسان کي پنج سؤ حرم آهن. پنج سؤ حرمن سان ئي اسان عشق ڪيو آهي. پر پوءِ بہ اجا تائين نہ ڍاپيا آهيون. ڇا اسان کان وڌيڪ هن دنيا ۾ ڪو عاشق موجود آهي؟

**سڀ درٻاري:** هرگز نہ...! هرگز نہ...! عالي مرتبت بادشاهہ ئي هن دنيا جو وڏي ۾ وڏو عاشق آهي...!

**صوفي:** وقت جا بادشاهہ ...! ڀڳت ڪبير فرمائي ٿو، تہ

**پريم نہ باڙي اُوپجي، پريم نہ هاٽ بڪائي**
**راجا پرجا جيهہ رچي، سيس دئي لي جائي**

اِن جو مطلب آهي، تہ پريم نہ واڙيءَ ۾ ٿو ڦٽي، نہ هٽ تي ٿو وڪامي، راجا رعيت جنهن کي کپي، سِرُ ڏئي وٺي وڃي.

**جهان خان:** (ڪاوڙ ۾ ايندي) ملان اعتقاد...! هن گستاخ صوفيءَ جي سزا ڇا هجڻ گهرجي؟

**ملان اعتقاد:** سزا تهي نکي پئي آهي... اُهائي سزا جيڪا حسين بن منصور حلاج کي ڏني وئي هئي يعني مثلہ

**جهان خان:** وضاحت ٿئي...؟

**ملان اعتقاد:** ظل الاهي، پهريان هن جا پير، پوءِ پانهون ڪپيون وينديون... اکيون ڪڍي سر ڪٽيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ ڪيس ساڙي رک ڪري درياهہ برد ڪيو ويندو.

**صوفي:** (ٽهڪ ڏيندي) ملان اعتقاد...! صوفين جي هڪ سرواڻ شاهہ لطيف فرمايو آهي

**سُوريءَ سڏ ڪري، اصل عاشقن کي،**
**جي اٿئي سڌ سڪڻ جي تہ ڪڻ ۾ پير پري،**
**سسيءَ ڏار ڏري، پڇج پوءِ پريتڻو.**

**ملان اعتقاد:** صوفي لا ڪوفي! لڳي ٿو تہ توکي ڪُتي ڪنيو آهي. تون موت موت ڪندو ٿو وتين. ظل الاهي جي بي ادبي ڪري تون ڄڻ جبل سان متو هنيو آهي. اڄ توکي تنهنجي بيوقوفي جي سزا ضرور ملندي.

**صوفي:** (خطاب ڪندي) او درٻاريو...! الله تعالي دنيا جي سڄي مخلوق کي بغير ڪنهن ذات پات، مذهب، فرقي ۽ طبقي جي پنهنجي نعمتن سان نوازي ٿو... هي ظل الاهي نہ پر شيطان جو پاچو آهي، جنهن خدا جي مخلوق جو جيئڻ عذاب ڪري ڇڏيو آهي. ياد رکو، اي بادشاهہ گرو...! تہ هي دنيا دارالمڪافات آهي. توهان کي توهان جي بد ڪرداريءَ جي سزا ضرور ملندي. ڇو تہ اوهان جي ظلم جو پيمانو هاڻي لبريز ٿي چڪو آهي.

**ملان اعتقاد:** (غصي ۾ ايندي) اسان جي بادشاهہ جي بادشاهي تاقيامت برقرار رهندي ۽ اسان جي سلطنت سدائين شاد ۽ آباد رهندي. (نعرو هڻندي) باشاہ سلامت!

**درٻاري:** (جواب ڏيندي) زنده آباد...!

**صوفي:** (طنزيہ ٽهڪ ڏيندي) او خوشامديو ...! توهان شايد ڪنهن جهانديده شاعر جي هيءَ منادي ناهي ٻڌي

**گرگ مير و سگ وزير و موش ديوان مي شود**
**اي چنين ارڪان دولت ، ملک را ويران ڪنند**

اِن جو مطلب آهي، تہ جي بادشاهہ بگھڙ ، ڪتو وزير ۽ ڪوئو خزانچي ٿئي ، تہ اهي سيئي ملڪ کي تباهہ ۽ ويران ڪري ڇڏيندا. توهان جي هوندي، هن ملڪ جي نصيب ۾ ويراني ۽ بربادي لکيل آهي.

**جهان خان:** (انتهائي غصي ۾ حڪم ڏيندي) ملان اعتقاد ...! غضب خان...! هن صوفيءَ کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، تہ جيئن صدين تائين رعيت ان سزا کي ياد رکي ۽ حڪم عدولي جي جرئت نہ ڪري...!

**[ملان اعتقاد ۽ غضب خان، صوفيءَ کي ٻانهن کان پڪڙي ٻاهر وٺي وڃن ٿا.]**

# پردو ڪري ٿو

# ڏيک پنجون

**[شاهي دربار جو ساڳيو منظر. جهان خان بيزاري ۽ توائي ۾ ويٺو آهي. انکري سيئي درٻاري بت بڻيا ويٺا آهن. دربار ۾ مڪمل خاموشي ڇانيل آهي.]**

**جهان خان:** (بيزاريءَ وچان پڇندي) اعتماد خان...! ڇا اسان جا شب و روز ائين ئي توائيءَ ۽ پريشاني ۾ گذرندا....؟
**اعتماد خان:** جهان خان...! اسان سمجهي ويا آهيون، تہ اوهان عدل و انصاف ڪندي ڪندي ٿڪجي پيا آهيو. هاڻي اوهان کي آرام وسڪون جي سخت ضرورت آهي. جي اجازت هجي، تہ شائستہ دل کي حڪم ڪجي تہ ڪو اوهان جي دلجوئي ۽ دل بستگي جو بندوبست ڪري؟
**جهان خان:** جيئن توکي سمجهہ ۾ اچي اوئن ئي ڪر. بس اسان جي بي قرار دل کي ايستائين قرار ملڻ گهرجي، جيستائين گل بدن بيگم جو ديدار نصيب نٿو ٿئي.

**اعتماد خان:** (حڪم ڏيندي) شائسته دل کي شاهي پيغام پهچائي هڪدم حاضر ڪيو وڃي.

**[سپاهي ٻاهر وڃن ٿا. جهان خان تخت تان لهي بي قراريءَ وچان ڇهل قدمي ڪندو رهي ٿو. ٿوريءَ دير کان پوءِ سپاهي شائسته دل ۽ باغ و بهار کي وٺي اندر داخل ٿين ٿا.]**

**شائسته دل:** (فرشي سلام ڪندي).... شاهِ قدردان...! اسان غلامن لاءِ ڇا حڪم آهي؟

**اعتماد خان:** شائسته دل، اڄ بادشاهه سلامت جي بي قرار دل کي قرار ملڻ گهرجي، نه ته سڄي شاهي درٻار بي قراري ۽ بي آرامي جو شڪار ٿي ويندي.

**شائسته دل:** وزير اعظم کي ٻڌي اِها خوشي ٿيندي ته مرحوم شاهي فنڪاره عمر دراز جي ڌيءِ باغ و بهار گڏ آهي . ان کي پنهنجي فن پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، ته جيئن بيقرار دل کي قرار ملي .

**اعتماد خان:** (باغ و بهار کي ڏسندي ۽ شائسته دل کان پڇندي) ائين نه ٿئي ته باغ و بهار جي ڪم عمري جي ڪري فن پيش ڪرڻ وقت ڪا ڪمي رهجي وڃي؟

**شائسته دل:** وزير اعظم...! اوهان اعتماد رکو.... آخرڪار هُوءَ به ته درٻاري خون آهي، پنهنجي والده ماجده جيان ٻئي ڪلها نيائي ويندي.

**اعتماد خان:** ته پوءِ دير نه ٿيڻ گهرجي، جو بادشاهي دل بي چين آهي.

**باغ و بهار:** (جهان خان کي فرشي سلام ڪندي) فن پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي !؟

**جهان خان:** اجازت آهي...!

**[باغ و بهار امير خسرو جو ڪلام ڳائيندي رقص پيش ڪري ٿي.]**

**گفتم ڪه روشن ازقمر، گفته ڪه رخسار منست**

(پڇيم، ته چنڊ کان به وڌيڪ ڪو روشن آهي؟ چيائين، ته منهنجا رخسار.)

**گفتم ڪه شيرين از شڪر، گفته ڪه گفتار منست**

(پڇيم، تہ ڪنھن ڪان بہ وڌيڪ ڪومٺو آهي؟ چيائين، تہ منهنجي گفتار.)

**گفتم طريق عاشقان، گفتہ وفاداري بود**

(پڇيم، تہ عاشقن جو طريقو ڇا آهي؟ چيائين، تہ وفاداري ڪرڻ.)

**گفتم مڪن جوروجفا، گفتہ ڪہ اين ڪار منست**

(پڇيم، تہ جوروجفا ڇا آهي؟ چيائين، اهو ئي تہ منهنجو ڪم آ.)

**گفتم ڪہ مرگ عاشقان، گفتہ ڪہ درد هجر من**

(پڇيم، تہ عاشق جو موت ڇا آهي؟ وراڻيائين، تہ منهنجي هجر جو درد.)

**گفتم علاج زندگي، گفتہ ڪہ ديدار منست**

(پڇيم، تہ زندگيءَ جو علاج ڇا آهي؟ چيائين، تہ منهنجو ديدار.)

**گفتم ڪہ حوري يا پري، گفتہ ڪہ من شاه بتان**

(پڇيم، تہ تون حور آ يا پري؟ چيائين، تہ مان سڀڻن جوسردار.)

**گفتم ڪہ خسرو ناتوان، گفتہ ڪہ پرستار منست**

(چيم، تہ خسرو ناتوان آهي؟ چيائين، تہ منهنجو پرستار آ.)

**جهان خان:** (باغ و بهار کي داد ڏيندي) والله...! تو اسان جي دلجوئي ڪري شاهي فنڪاره عمردراز جي ياد ڏياري ڇڏي. (وزير خزانہ دولت بيگ کي ڏسندي) دولت بيگ! دل ڪولي باغ و بهار کي بخشش ڏني وڃي ۽ شائستہ دل کي بہ نہ وساريو وڃي.

**دولت بيگ:** جهان پناھ خزاني جي صورت حال ڪجھ بي حال آهي.

**شائستہ دل:** (دولت بيگ کي ڏسندي ۽ متائنس طنز ڪندي) بادشاهن جي ذره نوازي ۽ فنڪارن جي دلفريبي ۾ ڪڏهن بہ گهٽتائي ناهي ايندي. پر جي گهٽتائي هوندي آهي، تہ اُها ڪنجوس مڪي چوس وزير خزانہ جي دلنوازي ۾.

**جهان خان:** دولت بيگ...! اسان جي ذره نوازي ۾ گهٽتائي نہ ٿيڻ گهرجي!

**دولت بيگ:** عالم پناه...! بسرو چشم...! حڪم جي تعميل ٿيندي... توڙي جو خزانو خالي آهي.

**باغ و بهار:** ڪنيز، قدر دانيءَ لاءِ ممنون و مشڪور آهي.

[دولت بيگ ٻاهر وڃي ٿو. پنيان شائستہ دل ۽ باغ و بهار، پوئين پير فرشي سلام ڪندي نڪرن ٿيون.]

**پردو ڪري ٿو**

**راڄ ڪرتھ**

# ڏيک ڇهون

**[شاهي دربار جو ساڳيو منظر. ملان اعتقاد ۽ غضب خان سهڪندي اندر داخل ٿين ٿا.]**

**ملان اعتقاد:** (سهڪندي) ظل الاهي...! اج تہ اسان جان بچائي پهتا آهيون... خبر ناهي تہ سڀاڻي ڇا ٿيندو؟

**جهان خان:** ايڏي بي يقيني ۽ بزدلي...! ڇا صوفيءَ کي سزا نہ ملي؟

**غضب خان:** بالڪل ملي...! پهريان سندس هٿ پير ڪپيا ويا... سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي وئي... پوءِ ڪيس ساڙي درياھ برد ڪيوسي...

**ملان اعتقاد:** ائين ئي ٿيو ظل سبحاني! جيئن حسين بن منصور الحلاج سان ٿيو هيو... پر...

**جهان خان:** پر ڇا؟

**ملان اعتقاد:** رعيت مچرجي پئي... اُنهن اسان تي لعن طعن ڪئي. اوهان کي پاراتا ڏنا ۽ جهوليون ڪٽي پٽيو.

**جهان خان:** غضب خان جا بي دريغ ڪوڙا ڪيڏانهن ويا، جو رعيت ايڏي بدتميزي ۽ جرئت جو مظاهرو ڪيو؟

**غضب خان:** حضور معظم...! سچ تہ اهو آهي، ڪوڙا هڻندي هڻندي اسان جا هٿ ٿڪجي پيا، پر ماڻهون نہ ٿڪيا.

**جهان خان:** اِن جو مطلب تہ ماڻهن جي مٿن جو فصل تيار ٿي چڪو آهي، بس لڻڻ جي دير آهي.

**اعتماد خان:** اوهان صحيح ٿا چئو، جهان خان...!

**[جنگو خان پريشان حال اندر داخل ٿئي ٿو.]**

**جهان خان:** (جنگو خان کي ڏسي تخت تان اٿندي) ڇا گل بدن بيگم پهچي وئي؟

**جنگوخان:** نہ صاحبِ عالم...!

**جهان خان:** (ڪاوڙ وچان) تف هجي، تنهنجي جنگي صلاحيت تي جنگو...! ڇا تون هٿين خالي موٽي آئين؟

**جنگو خان:** صاحب عالم...! جڏهن پنهنجا ئي راهه جي رڪاوٽ بڻجي پيا، تہ اسان موٽڻ تي مجبور ٿي پياسين.

**جهان خان:** پڌايو وڃي، تہ اُهي بدبخت ڪير هيا؟

**جنگو خان:** هڪ اوهان جو شهزادو شاهہ رخ ۽ ٻيو اوهان جو برادر نسبتي خرم... جن اسان کي پنهنجن صوبن مان حملو ڪرڻ لاءِ رستو نہ ڏنو.

**جهان خان:** پوءِ تون اُنهن باغين کي شاهي گهوڙن جي سنبن هيٺان پائمال چو نہ ڪيو؟

**جنگوخان:** اُهي اوهان جي خون جي رشتي سان ڳنڍيل هيا، ان ڪري جرئت نہ ڪري سگهياسين.

**جهان خان:** جنگو خان، اهو ياد رکي ڇڏ، تہ شاهي اقتدار جي حوالي سان خون جي رشتي جي ڪا بہ اهميت ڪونهي. اهو اسان جو حڪم آهي، تہ ولي عهد شهزادي جي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري موڪلي وڃي ۽ برادر نسبتي کي انڌو ڪري شاهي دربار ۾ پيش ڪيو وڃي.

**جنگو خان:** حڪم جي تعميل ٿيندي، بشرطيڪ شاهي فوج کي پنجن مهينن جي رهيل پگهار ملي.

**جهان خان:** دولت بيگ کي هڪدم دربار ۾ پيش ڪيو وڃي.

**[سپاهي ٻاهر وڃن ٿا ۽ دولت بيگ کي وٺي اچن ٿا.]**

**جهان خان:** دولت بيگ...! شاهي فوج جي پنجن مهينن جي رهيل پگهار جو بندوبست ڪيو وڃي...!

**دولت بيگ:** عالم پناهہ...! شاهي خزاني ۾ ڪجهہ بہ ناهي بچيو... سالار اعظم کي چيو وڃي تہ حال في الحال لٽ مار تي گذران ڪري.

**جهان خان:** جنگو خان، ڇا اِها تجويز معقول ناهي؟

**جنگو خان:** بادشاهہ سلامت...! تجويز تہ معقول آهي، پر شاهي فوج سواءِ دارالسلطنت جي باقي ٻين شهرن ۾ ماڻهن جي گهرن جي ٺڪي بہ ناهي ڇڏي. اجازت هجي تہ پنهنجي ئي دارالحڪومت ۾ لٽ ڦر ڪري هدف حاصل ڪجي؟

**جهان خان:** اسان جي توکي اجازت آهي، پر ان ڪانپوءِ رياست پر سڪون جي والي امين الدولہ جو سر ۽ ان جي ڌيءَ گل بدن بيگم اسان جي قدمن ۾ هجڻ گهرجي.

**جنگو خان:** حضور معظم...! پهريان هڪڙي نيڪ ڪم مان فارغ ٿي، پوءِ پي حڪم جي تعميل ضرور ڪبي.

**[جنگو خان تيزيءَ سان ٻاهر هليو وڃي ٿو.]**

## پردو ڪري ٿو

## ڏيک ستون

**[شاهي درٻار جو ساڳيو منظر. جهان خان اُداسي ۽ نراسائي ۾ ويٺو آهي. پريشانيءَ منجهان تخت تي پاسا ورائيندو رهي ٿو.]**

**جهان خان:** (ٿڌو ساهہ ڀريندي ۽ اعتماد خان ڏانهن ڏسندي)... انتظار، بي قرار... چشم تر، آه سرد... وڏيڪ اسان کان سٺو نہ ٿو ٿئي... شائستہ دل کي شاهي درٻار ۾ گهرايو وڃي...!

**اعتماد خان:** (حڪم ڏيندي) خواجہ سرا، شائستہ دل کي آندو وڃي!

**[سپاهي ٻاهر نڪري وڃن ٿا. جهان خان تخت تان اٿي بيقراري منجهان ڇهل قدمي ڪرڻ لڳي ٿو. ٿوري دير کان پوءِ سپاهي شائستہ دل کي وٺي اچن ٿا.]**

**شائستہ دل:** (جهڪي سلام ڪندي) دشمن پائمال، بلائون رد... غلام حاضر آهي.

**جهان خان:** شائستہ دل... اسان واعدو ڪيو هيوسي، تہ جيستائين گل بدن بيگم جو ديدار نصيب نہ ٿيندو، تيستائين عيش محل ۾ پير نہ پائبو.

**شائستہ دل:** ها، عاليجاه... عيش محل جي بيگمات ۽ ڪنيزن اوهان جو ڏاڍو انتظار ڪيو، پر اوهان گلبدن واري عارضِ عشق ۾ مبتلا رهيو.

**جهان خان:** شائستہ دل...! ملڪ زمانيہ سرفراز بيگم کي اطلاع ڪيو وڃي، تہ اڄ سورنهن سينگار ڪري، اسان جو انتظار ڪري.

**شائستہ دل:** (زوردار ٽهڪ ڏيندي) والي جاه...! منهنجي زبان سڙي، جي سچ نہ ڳالهائي. ملڪ زمانيہ سرفراز بيگم کي تہ اوهان جو وزير اعظم اعتماد خان پڄائي پنهنجي محل ۾ ويهاريو آهي.

**جهان خان:** (ڪاوڙ وچان اعتماد خان کي ڏسي رڙ ڪندي) اعتماد خان...! تو مان هرگز اِها اُميد نہ هئي، تہ تون ايڏو ڪمينو ۽ بي اعتماد نڪرندين؟

**اعتماد خان:** (وڏي ڏڍائي سان) جهان خان...! ملڪ زمانيہ پنهنجي تنهائي ۽ اُداسي کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان جي محل ۾ اچي ويٺي آهي. مون نہ ڪيس پڄايو آهي ۽ نہ ورغلايو آهي.

**جهان خان:** اعتماد خان، تون پنهنجي نالي جو ڀرم نہ رکي ڪم ظرفي جو مظاهرو ڪيو آهي...!؟

**اعتماد خان:** عالي جاه...! شاهي درٻار ۾ ڪو بہ ماڻهو پنهنجي نالي جو ڀرم ناهي هوندو. ايستائين جو اوهان جو نالو جهان خان بہ اوهان جي شخصيت جو ڀرم ناهي.

**جهان خان:** اڄ اسان توکي پنهنجي عهدي تان فارغ ڪيون ٿا، تہ جيئن خس ڪم، جهان پاڪ ٿئي.

**اعتماد خان:** (ٽهڪ ڏيندي) جهان خان...!مان اڄ پاڻ اوهان جي وزارت عظميٰ کي ٺڪرائڻ ۽ اهو محاورو ورجائڻ وارو هيس... چڱو خدا حافظ...!

**[اعتماد خان شاهي درٻار مان تيزي سان هليو وڃي ٿو.]**

**جهان خان:** شائستہ دل...! شاهي درٻار جي معاملن کي تہ پوءِ ڏسي وٺبو... ملڪ جهانيہ، مبارڪ محل کي ڀڏايو وڃي، تہ اڄ اسان سندس گوشہ چمن ۾ شب گذاري ڪنداسين.

**شائستہ دل:** اُها تہ ڀلي ڪيو عالي جاه...! پر مبارڪ محل تہ غضب خان جي گهر ويٺي آتو.

**جهان خان:** (ڪاوڙ ۾ ايندي) غضب خان توکي اسان جي عيش محل سان هٿ چراند ڪرڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟

**غضب خان:** حضور معظم...! جڏهن کان اوهان اميرن ۽ شريفن جي گهرن ۾ هٿ چراند ڪرائڻ شروع ڪئي، تہ اسان جي دل بہ وڏي وئي.

**جهان خان:** ڇا توکي ايئن ڪندي شرم نہ آيو!؟

**غضب خان:** (بي حيائي سان ٺهڪ ڏيندي) جڏهن اوهان کي زور مارين عورتن کي ويهارڻ ۾ حياءُ ڪونہ آيو، تہ اسان کي ڪٿان ايندو.
**جهان خان:** اچ ڪان وٺي توکي بہ پنهنجي عهدي تان فارغ ڪيو ويجي ٿو.
**غضب خان:** نالي جا بادشاھ ...! ڪهڙي تون اسان کي پگهار ڏيندو آ، جو تنهنجي سڄي دربار ۾ ويهي وقت ضايع ڪندا سين... چڱو، الله حافظ!

[غضب خان غصي وچان ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

**جهان خان:** (ڇڪيندي) شائستہ دل...! اِهو تہ ٻڌاءِ ممتاز محل تہ بي وفا نہ ٿي هوندي نہ...؟
**شائستہ دل:** ڇا ٻڌايانوَ حضور فيض گنجور...! ملان اعتقاد اُن کي بہ جهاڙ رکڻ جي بهاني پنهنجي گهر وٺي ويو آهي، تہ اڃا ناهي موٽي.
**جهان خان:** (غصي وچان ملان اعتقاد کي ڏسندي) ملان اعتقاد...! ڇا تون بہ بي ايمان نڪتين؟
**ملان اعتقاد:** (ڏيرج سان جواب ڏيندي) دين ۾ ڪاوڙ حرام آهي، جهان پناھ... باقي خدا واحد شاهد آهي، تہ مون ممتاز محل کي نہ ڀڄايو آ، نہ ڀڄايو آ. هوءَ تہ صرف ٿن ڪپڙن ۾، اوهان جي محل مان نڪري منهنجي غريب خاني ۾ اچي ويٺي آهي. هوءَ پنهنجي وات وڪيل آهي. پوري هوش و حواس سان، هن مون سان نڪاح وڌو آهي.
**جهان خان:** اعتقاد خان! ان جو مطلب تہ تنهنجو اعتقاد بہ ڪمزور ٿي ويو؟
**اعتقاد خان:** اي بيپرواھ بادشاھ ...! منهنجو اعتقاد مضبوط هيو ۽ آهي. اعتقاد تہ اوهان جو ڪمزور آهي، جو بي نڪاحيون عورتون محلن ۾ رکيون ويٺا هيئہ...
**جهان خان:** (ڪاوڙ ۾ رڙ ڪندي تخت تان اٿي بيهندي) ملان اعتقاد ! زبان سنڀالي ڳالهاءِ...!؟
**اعتقاد خان:** چڱو، في امان الله!

[اعتقاد خان تڪڙو ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

**شائستہ دل:** ٻڌءِ، ظل الاهي...! هاڻي ٻچو عمده بيگم ڪٿي آهي؟
**جهان خان:** (ٿڌو ساھ ڀريندي) ها، ياد اچي وئي عمده بيگم...! اُها ڪٿي آهي؟

**شائستہ دل:** (دولت بيگ ڏانهن اشارو ڪندي) اُن ڪي هن چقمق وانگر چڪي ڪٽي پنهنجي لال حويلي ۾ ويهاريو آهي.

**جهان خان:** (ڪاوڙ مان) دولت بيگ...! نمڪ حرام!؟

**دولت بيگ:** عالم پناه...! جڏهن پناه ۾ آيل عورتون بکيون ۽ ڏکيون هجن، تہ اُهي پئسي وارن جي پناه ۾ اچي ويندیون آهن... چڱو مان هلان ٿو، عمده بيگم منهنجو انتظار ڪندي هوندي.

[دولت بيگ بہ شاهي دربار مان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.]

**جهان خان:** (پريشانيءَ واري انداز ۾پڇندي) شائستہ دل، چنچل بيگم تہ گوشہءِ عافيت ۾ هوندي نہ!؟

**شائستہ دل:** (ٺهڪ ڏيندي ۽ بي پرواهي واري انداز سان ٻڌائيندي) اُن کي تہ ڪڏهن جو جنگو خان ڪٽي ويو.

**جهان خان:** نفيسہ ۽ نزاڪت جان؟

**شائستہ دل:** (سپاهين ڏانهن اشارو ڪندي) اِهي سامهون جيڪي توهان جا شاهي سپاهي فرحت بخش ۽ آرام بخش هڪيا تڪيا بيٺا آهن، اِنهن ڪان پڇ تہ ڪيڏانهن ويون.

**جهان خان:** (ڪاوڙ ۾ سپاهين کي ڏسندي) نيچ ۽ ادنيٰ سپاهيو...! اوهان کي شاهي حرمن سان هٿ چراند ڪرڻ جي همت ڪيئن ٿي؟

**فرحت بخش:** نفيسہ ۽ نزاڪت جان کي بہ تہ اوهان جي چوڻ تي غريبن جي گهرن مان گهلي ڪٽي آيا هياسين...

**آرام بخش:** جڏهن اوهان پاڻ بہ ننينگ تي ويا، تہ اسان بہ اوهان سان ساڳي ڪار ڪئي سي.

**جهان خان:** تري وڃو بدمعاشو! منهنجين نظرن اڳيان...

**فرحت بخش:** عالي جاه ...! اسان ٻڌو آهي، تہ گورا حاڪم ڪاهيندا ٿا اچن... پگهارون بہ سنيون ٿا ڏين، هاڻي وڃي اُنهن جون نوڪريون ٿا ڪيون.

**آرام بخش:** اوهان جا ڏنل شاهي هتيار بہ هاڻي ڪنهجي بيڪار ٿي ويا آهن.

[آرام بخش ۽ فرحت بخش هتيار اڇلائي ٻاهر هليا وڃن ٿا.]

**جهان خان:** (اڻ تڻ وچان) شائستہ دل...! ڪجهہ تہ عيش محلّ ۾ بچيو هوندو يا نہ؟

**شائستہ دل:** شاهِ قدردان...! توهان جي سڏائڻ ڪان اڳ، اوهان جا شاهي سپاهي سڀ ڪجهہ لٽي ويا... هاڻي اُتي ڪاريءَ وارا ڪَک آهن.

[**شاهي مخبر ٽڪڙو ٽڪڙو اندر اچي ٿو.**]

**جهان خان:** (پڇندي) شاهي مخبر، ڇا خبر آهي؟

**شاهي مخبر:** (جُهڪي سلام ڪندي ۽ ٻڌائيندي) عاليجاه...! هر صوبي ۽ پرڳڻي ۾ بغاوت ٿي رهي آهي. فرنگي بہ دارالحڪومت طرف تيزيءَ سان ڪاهيندا پيا اچن.

**جهان خان:** جنگو خان کي اسان جي طرفان حڪم ڏنو وڃي، تہ پهريائين فرنگين سان مقابلو ڪري ڪين سيڪت ڏئي ۽ پوءِ هر صوبي ۽ پرڳڻي مان بغاوت کي سختيءَ سان ڪچلي ڇڏي.

**شاهي مخبر:** جنگو خان...! پنهنجي ئي ملڪ جون بستيون لٽيندو ڦريندو، پنڊاري ٻڄي پهاڙن ۾ هليو ويو آهي ۽ مان بہ هاڻي اوڏانهن وڃان ٿو.

[**شاهي مخبر تيزيءَ سان شاهي دربار مان نڪري وڃي ٿو. اهو ڏسندي مورڇل هڻڻ وارا بہ مورڇل اڇلي نڪرڻ لڳن ٿا ۽ جهان خان حيرت وچان ڪين تڪيندو رهجي وڃي ٿو.**]

**جهان خان:** (مورڇل هڻڻ وارن کي ٻاهر نڪرندو ڏسي) هي غلام ابن غلام، بہ بيوفا نڪتا...!؟. شائستہ دل، ڇا بادشاهن جي زندگي اهڙي ذلت سان گذرندي آهي، جهڙي منهنجي گذري رهي آهي؟

**شائستہ دل:** ها، جان جهان...! مون ٻڌو آهي، تہ جيڪو نظام ظلم و استبداد تي ٻڌل هوندو، اُن جو حشر ائين ئي ٿيندو آهي.

**جهان خان:** (پنهنجي ڪمر سان ٻڌل خنجر ڪڍندي) شائستہ دل...! تون، مون کي هن شاهي خنجر سان ماري ڇڏ!

**شائستہ دل:** (پرتي ٿيندي) حضور فيض گنجور...! مان اِهو ڏوهہ نہ ڪندس... اِهو نيڪ ڪم توهان پاڻ ڪريو. مون کي تہ باغ و بهار سان گڏ پيار پيري زندگي گذارڻي آهي. هونئن تہ مان نالي ۾ خواجہ سرا آهيان، باقي تہ توڪان بہ وڏيڪ مڙس ماڻهو آهيان.

**جهان خان:** ان جو مطلب تہ شائستہ دل! تون بہ ناشائستہ نڪتيئن؟

**شائستہ دل:** حضور پرنور! جتي مطلب ۽ غرض جي دنيا هوندي آهي، اتي هر ماڻهو مطلبي ۽ خودغرض هوندو آهي.

[شائستہ دل ٻاهر نڪري وڃي ٿي، **جهان خان کي عوامي فنڪاره جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.**]

**عوامي فنڪاره جو آواز:** اي بادشاهہ وقت...! توکي جيڪو وڻي سو ڪر...! پر هڪ ڳالهہ ذهن نشين ڪري ڇڏ، تہ آوازِ خلق، نقاره خدا...! هاڻي هن ڌرتيءَ تان تنهنجي ظلم ۽ استبداد جو راڄ ختم ٿيڻ وارو آهي... تون دربدر ۽ خاڪ بسر ٿيندين...!

**[جهان خان کي وري صوفي جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.]**

**صوفيءَ جو آواز:**

**گرگ مير و سگ وزير و موش ديوان مي شود**
**اين چنين ارڪان دولت ملڪ را ويران ڪنند**

اِن جو مطلب آهي، تہ جي بادشاهہ بگهڙ، ڪتو وزير ۽ ڪوئو خزانچي ٿئي، تہ اهي سيئي ملڪ کي تباهہ ۽ ويران ڪري ڇڏيندا. توهان جي هوندي، هن ملڪ جي نصيب ۾ ويراني ۽ بربادي لکيل آهي، اي بادشاهہ وقت...!

**[تخت تان لهي جهان خان پريشانيءَ وچان هلڻ لڳي ٿو.]**

**جهان خان:** (پنهنجي منهن ڳالهائيندي) واقعي عوامي فنڪاره ۽ صوفي سچ چيو هيو، تہ آواز خلق، نقاره خدا... هيءَ دنيا دارالمڪافات آهي... سچ پچ تہ اسان کي اسان جي بدڪرداريءَ ۽ ظالماڻي روش جي سزا ملي رهي آهي. واقعي بادشاهي نظام جو دؤر هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. انڪري اسان کي بہ ختم ٿيڻ گهرجي.

**[جهان خان هٿ ۾ جهليل خنجر پنهنجي پيٽ ۾ پاڻ هڻي ٿو ۽ تخت جي پرسان ڪري پوي ٿو. پس منظر ۾ شرناءِ جي غمگين ڌن وڄندي رهي ٿي.]**

## پردو ڪري ٿو



# فرنگي

# ڪردار

| | |
|---|---|
| **لارڊ ايرون:** | گورنر جنرل/ وائسراءِ |
| **بينجمن:** | سيڪريٽري |
| **ڌام ڌوم خان:** | خان بهادر |
| **سيٺ ڊيڊڻ مل:** | راءِ بهادر |
| **حاجي قدمبوس:** | سر |
| **جارج پنجم :** | شهنشاه هندستان |
| **ميري:** | راڻي |
| **ڪرشنا ڪمار:** | صحافي |
| **فصاحت:** | مولوي |
| **ديال داس:** | سماج سڌارڪ |
| **عنايت بائي:** | ڳائڻي |
| **رائل مئسينجر:** | پيغام رسان |

**بندوق بردار سپاهي**
**نائب قاصد**
**وغيره**

[اڪار ٻرين جي ڏُن وڃي ٿي ۽ پس پرده راويءَ جو آواز گونجي ٿو.]

**راوي:** پرمار بادشاهه نيٺ ترمار ٿي پيا، رعيت آزار ٿي پيا. تنگ نظري ۽ بدانتظامي سندن اقتدار کي محدود ڪندي وئي. ايستائين جو هو هڪ اهڙي اڪيلي وڻ جي مثال ٿي پيا، جيڪو طوفانن ۽ تيز هوائن جي سامهون بيٺل هجي. آخر ۾ وقت جي تندو تيز ۽ بيرحم هوائن کين اکوڙي ڇڏيو... انهن جي جاءِ تي ست سمنڊ پار ڪري فرنگي آيا ۽ حاڪم بڻجي ويا. فرنگي حاڪم جيتوڻيڪ هم زبان، هم مذهب ۽ هم ثقافت نه هيا. مگر انهن وٽ نئين دؤر جا نوان نظريه، نوان هٿيار ۽ حڪومت هلائڻ جا نوان ڍنگ ۽ رنگ هيا.

# ڏيک پهريون

[اسٽيج تي روشني ٿئي ٿي. وائسراءِ/ گورنر جنرل جي آفيس جو سيٽ لڳل آهي. هڪ شخص گورو چٽو. جنهن کي گورنر جنرل جو لباس پهريل آهي. ڇڙيءَ کي بغل ۾ کيون اندر داخل ٿئي ٿو. اُن جي پٺيان هڪ ٻيو شخص جنهن کي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا جو لباس زيب تن آهي، فائل هٿ ۾ کيون اچي ٿو.]

**ايرون:** (سنڌي ٻوليءَ کي انگريزي لهجي ۾ ادا ڪندي) سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا، مسٽر بينجمن...! اسان جي گورنمينٽ ڪيئن هلي ٿي؟

**بينجمن:** گورنر جنرل آف انڊيا، مسٽر لارڊ ايرون! اسان جي گورنمينٽ، ڊوائيڊ اينڊ رول جي سونهري اصول تحت زبردست هلي ٿي. البت پبلڪ ٿوري ٿوري ناراض آهي.

**ايرون:** پبلڪ، ٿوري ٿوري ڇو ناراض آهي؟

**بينجمن:** سر، پبلڪ چوي ٿي تہ اسان گونگا آهيون.

**ايرون:** (ٺمڪ ڏيندي) هڪ ڏينهن اِها پبلڪ اسان گونگن جي لينگويج ڳالهائڻ تي فخر محسوس ڪندي.

**بينجمن:** يو آر رائٽ سر!

**ايرون:** راءِ بهادر، خانبهادر، سر اينڊ اڊرس جي باري ۾ ٿنهنجو ڇا خيال آهي؟

**بينجمن:** اُهي خوش آهن، پر ڏاڍا لالچي آهن.

**ايرون:** آپلاءِ ڪئرٽ اينڊ اسٽڪ پاليسي... واٽ يو سي اِن لوڪل لينگويج؟

**بينجمن:** سرِ، لٺ ۾ي چٽ ۾ي.

**ايرون:** شو ديم لاني بي، چاني بي... ايوري ٿنگ وِل بي آل رائٽ.

**بينجمن:** سر! اڄ اوهان جي حڪم تحت پبلڪ جي ڪجھ عام ۽ خاص ماڻهن کي هز ايڪسيلينسي جارج پنجم جي تاجپوشيءَ جي سلسلي ۾ گهرايو آهي.

**ايرون:** او ياد اچي ويو... پھريان پبلڪ جي عام ماڻهن کي ون باءِ ون گھرايو ونجي.
**بينجمن:** (آواز ڏيندي) پھريان ڪرشنا ڪمار مترا کي موڪليو وڃي...!

[**لارڊ ايرون ڪرسيءَ تي ويهي ٿو.**]

**بينجمن:** (فائل اڳيان رکندي) سر، هن فائل ۾ عام ۽ خاص ماڻهن جو تعارف ڏنل آهي.
**ايرون:** (فائل ڏسندي) اوڪي...!
**ڪرشنا ڪمار:** (داخل ٿيندي) گوڊ مارننگ سَر!
**ايرون:** (ڇڙيءَ سان اشارو ڪندي ۽ فائل کي ڏسندي) مارننگ! ويل، تہ تون آهين، هڪ پيسي واري نيوز پيپر "سنجيوني" جو ايڊيٽر؟
**ڪرشنا ڪمار:** يس، سر!
**ايرون:** پر تون ڇو ناراض آهين، اينگري ينگ مين؟
**ڪرشنا ڪمار:** سر، اسان ناراض ناهيون... پر اسان جي گذارش آهي تہ تاجپوشيءَ کان اول اوهان اهي اعلان ڪيو، تہ ديسي ماڻهن کي اعليٰ سرڪاري ملازمتن ۾ کڻندئو... پيو تہ فوجي خرچ گھٽائيندئو... ٽيون تہ ديسي شين تان ٽيڪس گھٽ ڪندئو، تہ جيئن هتان جي لوڪل صنعتن کي فروغ ملي.
**ايرون:** مسٽر...! اوهان اڳي بہ شاهي دربار جي لڳن تي پرابلمس پيدا ڪيا ها. اسان کي مجبورن ورنيڪيولر پريس ايڪٽ، هنڻو پيو. نيوز پيپرس جا ڊڪلريشن بند ڪرائڻا پيا. اسان هاڻي بہ ڪري سگھون ٿا، بٽ نٽا ڪرن چاهيون. آءِ هوپ تہ اوهان ڪو آپريشن ڪندءِ... اينڊ اِن رزلٽ آف دئٽ اوهان کي رواڊ اينڊ آنر ڊنو ويندو...! نائو، يو مي گو...!
**ڪرشنا ڪمار:** ڇگو اسان سوچيندا سي.

[**ڪرشنا ڪمار ٻاهر نڪري وڃي ٿو.**]

**ايرون:** (هدايت ڏيندي) سيڪريٽري! ڪرشنا ڪمار کي مجبور ڪيو ونجي، تہ هو گھنو نہ سوچي .
**بينجمن:** بلڪل اوهان جي ڊاريڪشنس تحت عمل ٿيندو. (زور سان رڙ ڪندي حڪم ڏئي ٿو) هاڻي مولوي فصاحت الله کي اندر موڪليو وڃي.

[وڏي ڏاڙهي رکيل ماڻهو اندر داخل ٿئي ٿو. لارڊ ايرون فائل پڙهندي ڪيس ڏسي ٿو.]

**فصاحت الله:** (اندر داخل ٿيندي) اسلام عليڪم... لاٽ صاحب!

**ايرون:** مارننگ...! (پڇندي) مولوي...! توکي هز ايڪسيلنسي جارج پنجم جي تاجپوشي تي ڪهڙو اعتراض آهي؟

**فصاحت الله:** (ڪاوڙ واري انداز ۾) جارج پنجون پنهنجي ملڪ وڃي تاجپوشي ڪري، هتي هن جو ڇا؟

**ايرون:** هز ايڪسيلنسي، جارج پنجم کي خدا هن ملڪ جي مٿان بادشاهي ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.... بين مولوين کي آبجيڪشن ناهي... تون صرف هڪڙو مولوي ڇو اعتراض ڪرين ٿو؟

**فصاحت الله:** اِهو الله جو حڪم آ، تہ جابرن ۽ ظالمن جي خلاف جهاد ڪجي!

**ايرون:** جابر ۽ ظالم تہ مسلمان بہ آهن، تون اُنهن جي خلاف جهادڇو نہ ٿو ڪرين؟

**فصاحت الله:** اُهي وري بہ پنهنجا آهن. قيامت ۾ خدا اُنهن کان پاڻهي حساب وٺندو. باقي اسان کي جهاد صرف غير مذهب ماڻهن جي خلاف ڪرڻو آهي.

**ايرون:** ڇا اوهان جهالت جي خلاف بہ جهاد ڪندا آهيو؟

**فصاحت الله:** هرگز نہ! جاهلن کان خدا پاڻهي حق حساب وٺندو. اسان کي صرف غير مذهبن خلاف جهاد ڪرڻو آهي.

**ايرون:** (ڪاوڙ وچان) تون ونجين سگهين ٿو.

[مولوي فصاحت الله ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

**ايرون:** سيڪريٽري!

**بينجمن:** يس سر!

**ايرون:** آءِ وانٽ توسي دي مولوي، بهائينڊ دي بارس!

**بينجمن:** اوڪي سر! مولوي سڀاڻي جيل ۾ هوندو... (حڪم ڏيندي) هاڻي ٽين عام ماڻهوءَ کي موڪليو وڃي!

**ديال داس:** (اندر داخل ٿيندي) نمستي لارڊ صاحب!

**ايرون:** (فائل کي ڏسندي ۽ پوءِ پڇندي) ويل! تہ تون آهين سماج سڌارڪ، ديال داس؟

**ديال داس:** جي لارڊ صاحب!

**ايرون:** ٺيڪ ديال داس...! اسان جي حڪومت اوهان کي ايجيوڪيشن ڏني... اوهان کي فريڊم ڏني... جڊيشل سسٽم ڏنو... ريلوي سسٽم ڏنو... توهان جارج پنجم جي تاجپوشي جي مخالفت ڇو تا ڪيو...؟

**ديال داس:** لارڊ صاحب...! اوهان 1877ع ۽ 1903ع ۾ بہ شاهي دربار لڳائي هئي... ان وقت بہ قحط پيا هيا. هاڻي 1911ع ۾ بہ هن ملڪ جون ڪيتريون رياستون آهن، جتي ڏڪار آهي. اِن صورتحال ۾ شهنشاهہ هند جي تاجپوشي اسان جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ جي برابر آهي.

**ايرون:** (غصي وچان) ٺيڪ آهي، تون ونجين سگهين ٿو.

**[ديال داس ٻاهر هليو وڃي ٿو.]**

**ايرون:** (بينجمن کي مخاطب ٿيندي) سيڪريٽري...! ڪيپ اين آءِ آن هم!

**بينجمن:** ييس سر ...! ديال داس تي ڪڙي نظر رکي ويندي. (پڇندي) هاڻ اوهان جي اجازت سان خاص ماڻهن کي گهرايون؟

**ايرون:** واءِ نات؟

**بينجمن:** (رڙڪندي) هاڻي سڀني خاص الخاص ماڻهن کي هڪدم موڪليو وڃي.

**[نائب قاصد/ پٽيوالو ٽن ماڻهن کي وٺي اندر داخل ٿئي ٿو ۽ پوءِ ٻاهر نڪري وڃي ٿو.]**

**بينجمن:** (هڪ جو تعارف ڪرائيندي) هي آهي، خانبهادر ڏام ڏوم خان...!

**ڏام ڏوم خان:** (لارڊ ايرون جا هٿ چمندي) وفادار، نمڪ خوار، هزار بار...!

**بينجمن:** (ٻي جو تعارف ڪرائيندي) هي آهي راءِ بهادر، سيٺ ڏيڊڻ مل!

**ڏيڊڻ مل:** (هٿ جوڙيندي) رعيت مار، دل آزار، پر توهان جو مددگار...!

**بينجمن:** (ٽين ماڻهوءَ جو تعارف ڪرائيندي) هي آهي، سر حاجي قدمبوس خان...!

**قدمبوس:** (نوڙي ملندي) اوهان جو تعبيدار، شڪر گذار ۽ پراڻو خدمت گار...!

**ايرون:** مون کي اوهان تي فخر آهي. اوهان کي اها خبر هوندي تہ جارج پنجم جي تاجپوشي ٽين واري آهي ۽ اوهان کي پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

**ڊام ڊوم خان:** لارڊ صاحب...! مان واري بابي مرحيات ٽاڪ ڦوڪ خان، ڀرين دربار شاهي ۾ شاهي ڀڳهي پنيان پڇندي ٽاپو ڪاڏو هو. جو اڃا تائين اسان شرمنده آهيون. پر مان هاڻي اهڙو پڇڻ جو ڪوازو پچايو آهي، جو ريل بہ نہ پڄي...

**ايرون:** يو پيپل آر ڦيٿ فل، اِنرجيٽڪ اينڊ هارڊ ورڪر... اوڪي، پر هن تاجپوشي جي رسم ۾ اوهان کي دل کولي ڊونيشن ڊينو آهي... ڇو تہ جارج پنجم سان گڏ هر ايڪسيلنسي ڪوئن ميري بہ تشريف فرما ٿيندي.

**ڊام ڊوم خان:** هاڻي تہ دل کولي چندو ڏيندا سي، جو راڻي بہ اچي ٿي، پر جاگير وڏائڻ جي پارت هجيو.

**ڊيڊڻ مل:** پرواهہ نہ ڪيو لارڊ صاحب...! تيل ترن مان ئي ڪيڍي ڏينداسين، پر مون کي سردار بهادر واري سند ضرور ڏجو.

**قدمبوس:** چندو ڏبو، قرض وٺي بہ ڏبو...! پر هن بندي کي خلعت ۽ خطاب ڏيڻ نہ وسارجو.

**ايرون:** ڊؤنٽ وري...! ڊؤنٽ وري... اوڪي، گوڊ باءِ!

**[لارڊ ايرون هٿ وڏائي چڻ ڪين موڪلائي وڃڻ لاءِ چئي ٿو. ٽئي چڻا واري واري سان هٿ ملائيندي ۽ فرشي سلام ڪندي/ هٿ جوڙيندي ٻاهر وڃن ٿا.]**

**ايرون:** (پڇندي) سيڪريٽري...! نائو ٽيل مي... هز ايڪسيلنسي جارج پنجم جي تاجپوشي ڪيئن ٿيندي؟

**بينجمن:** سر...! مون کي يقين آهي، تہ هز ايڪسيلنسي جارج پنجم جي تاجپوشي زبردست طريقي سان ٿيندي.

**ايرون:** تہ پوءِ جلد از جلد پريپئر شن ڪئي ونجي...!

**بينجمن:** يس سَر!

[سيڪريٽري بينجمن ٻاهر نڪري وڃي ٿو.]

**ايرون:** (پنهنجي منهن ڳالهائيندي) هز ايڪسيلينسي جارج پنجم اينڊ هر ايڪسيلينسي ڪوئن ميري، جو شايان شان استقبال ٿيندو، جو ڪڏهن داريوس، گريٽ اليگزينڊر اينڊ سيزر جو بہ نہ ٿيو هوندو.

[لارڊ ايرون اُٿي، اسٽيج تي اچ وڃ ڪري ٿو. اسٽيج تي ڪڏهن اوندهہ ۽ ڪڏهن روشني ٿئي ٿي. جيڪا گذرندڙ وقت جي تبديلي کي ڏيکاري ٿي ۽ پوءِ جڏهن اسٽيج تي مڪمل روشني ٿئي ٿي، تہ لارڊ ايرون ڪرسي تي ويهي ٿو. سيڪريٽري بينجمن موٽي اچي ٿو، سندس هٿن ۾ بہ شاهي تاج آهن.]

**بينجمن:** (تاج ڏيکاريندي) سر، هي بي بها تاج اوهان ۽ مون کي پار ائٽا آهن.

**ايرون:** (وٺي ڏسندي) ويري گوڊ...! ويري گوڊ! مارويلس... بيوٽيفل...! (پڇندي) هز اينڊ هر ايڪسيلينسي جي سواري ڪڏهن پهچندي؟

**بينجمن:** پهچڻ واري آهي، سر! اوهان جي انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيڻ واريون آهن، سر!

## پردو ڪري ٿو

## ڏيک ٻيو

[شاهي دربار جي اسٽيج نهيل آهي. اسٽيج تي بہ وڏيون ڪرسيون رکيل آهن.لارڊ ايرون ۽ سيڪريٽري بينجمن استقبال جي لاءِ آتا بيٺل آهن. بينڊ باجن ۽ ڦتاڪن ڇٽڻ جا آواز پس پرده ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. ايئن محسوس ٿئي ٿو، تہ ڄڻ هز ايڪسيلنسي جارج پنجم ۽ راڻي ميري جي سواري پهچي چڪي آهي. جارج پنجم ۽ راڻي ميري طمطراق سان اندر داخل ٿين ٿا. ٻنيان خان بهادرڏام ڏوم خان، راءِ بهادر ڊيڊڻ مل ۽ سر حاجي قدمبوس بہ داخل ٿين ٿا. لارڊ ايرون، جارج پنجم کي سونو تاج پهرائي ٿو ۽ سيڪريٽري بينجمن، راڻي ميري کي تاج پهرائي ٿو. ٻئي گوڏا جهڪائي سندن هٿ چمن ٿا. پوءِ جارج پنجم ۽ راڻي ميري، ٻنهي کي ڪرسين تي ويهڻ لاءِ گذارش ڪئي وڃي ٿي. ٻئي ويهن ٿا، تہ

واري واري سان خان بهادر ڏام ڏوم خان، راءِ بهادر ڍيڍڻ مل ۽ سر حاجي قدمبوس سندن آڏو شاهي آداب و تسليمات ڪري پاسي ۾ ٿي بيهن ٿا.]

**بينجمن:** (وڏي آواز سان رڙ ڪندي) خاموش...! جارج پنجم شهنشاهه هند و عظيم برطانيه جي شان ۾ خاص الخاص درٻاري شاعر سر حاجي قدمبوس قصيدو پڙهندو...

[درٻار ۾ خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي. سر حاجي قدمبوس کيسي مان هڪ وڏو ڪاغذ ڪڍي ٿو. جنهن جو هڪ ڇيڙو حاجي قدمبوس جي هٿ ۾ آهي ۽ ٻيو ڇيڙو زمين کي ڇهي ٿو.]

**قدمبوس:** (ڪنگهي ڪڙڪي نڙي صاف ڪندي، شهنشاهه ۽ راڻي کي ڏسندي) اجازت آهي...؟

[جارج پنجم ۽ راڻي ميري هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏي کيس اجازت ڏين ٿا.]

**قدمبوس:** ( شعر پڙهندي)

شهنشاهه عالي ۽ عالي جناب
تنهنجو ناهه دنيا ۾ ڪوئي جواب
ڏسڻ جي نه طاقت اسان ۾ آهي
سورج مثل آ، تڪو تنهنجو تاب.

**ڏام ڏوم خان:** (داد ڏيندي) سبحان الله....! سبحان الله!

**ڍيڍڻ مل:** (داد ڏيندي) واڏايون! ڀائي، وڌايون...!

**قدمبوس:** (فرشي سلام ڪندي) شڪريه...! شڪريه!
وڌيڪ عرض آهي، ته

ڪٿي آهين تون، ڪٿي تنهنجو تاب
اسين آهيون تنهنجي مِثل جراب

**ڏام ڏوم خان:** (داد ڏيندي) هئي، هئي...! شهنشاهي ڏپ!

**قدمبوس:** (داد جو جواب ڏيندي) نوازش...! نوازش!

مڙوئي مهر پيو ڪر، اسان کي ڏسي
ڏئي ڇڏ اسان کي، ڪا هڏڙي ڪباب.

**ڍيڍڻ مل:** (داد ڏيندي) واڏايون، ڀائي واڏايون!

**بينجمن:** (آهستگيءَ سان سمجهائيندي) سر قدمبوس، مختصر ڪر.

**قدمبوس:** (مختصر ڪندي، هٿ ۾ جهليل ڊگهي پني جي پڇاڙي واري بند کي پڙهندي)

اسان کي جي ڏيندي، ڪٿي ڪو نہ پوندي
قدمبوس کي ڏي، ڪو خلعت ۽ خطاب.

**[شعر پورو ٿئي ٿو. پس پرده بگل باجا وڄڻ لڳن ٿا. جارج پنجم ۽ راڻي ميري دربار ۾ بيٺل ماڻهن ڏانهن ڏسندي الوداعي هٿ لوڏيندي ٻاهر وڃن ٿا. پٺيان لارڊ ايرون ۽ سيڪريٽري بينجمن بہ سندن ڪڍ لڳن ٿا.]**

**ڏام ڏوم خان:** (قدمبوس ڏانهن منهن ڪندي) راڻي ميري ڪيئن لڳئي؟

**قدمبوس:** پريءَ جو ٻچو هئي. مان اِن جي مٿان بہ پنج سؤ بندن جو نظم لکندس.

**ڍيڍڻ مل:** اڙي بس ڪر پريءَ جا سڪا...! ٻڌني نہ گورا، تہ ڪڍن نہ توکي سنهي ٻهہ مان.....هاڻي هلو تہ هلي لاٽ صاحب کان شاباس وٺون.

[ڏام ڏوم خان، قدمبوس ۽ ڍيڍڻ مل ٽئي ڄڻا ٻاهر نڪري وڃن ٿا.]

# پردو ڪري ٿو

# ڏيک ٽيون

[اسٽيج تي وائسراءِ/گورنر جنرل جي آفيس نظر اچي ٿي. لارڊ ايرون ۽ سيڪريٽري بينجمن اندر داخل ٿين ٿا ۽ پنھنجين پنھنجين ڪرسين تي ويھن ٿا.... پٺيان ڏام ڏوم خان، ڍيڍڻ مل ۽ سر قدمبوس به ڇڻ ٽڪا ٽٽا اچن ٿا.]

**بينجمن:** (لارڊ ايرون کان پڇندي) سر، انتظام ڪيئن هيو؟

**ايرون:** ويري گُوڊ.! ويري گُوڊ....زبردست انتظام هيو.

**ڏام ڏوم خان:** لارڊ صاحب، مان به شاهي بگيءَ جي پٺيان واھ جو ڀڳس، جنھن ڏنو، تنھن چيو واھ ڙي واھ خانبھادر ڏام ڏوم خان تنھنجو ڀڄڻ.

**ڍيڍڻ مل:** لاٽ صاحب...! جڏھن ھڪ ھنڌ شاهي بگھي گپ ۾ گڇي پئي هئي. تڏھن مان جور ڏئي گپ مان ڦيٽي ڪي ڪڍيو هو.

**ڏام ڏوم خان:** (مذاق اڏائيندي) تِڏَ به راڄن ٻڌا هيئي...!

**ڍيڍڻ مل:** هل هل...! اُهو ته بينڊ باجن جو آواج هيو، ساڙوتا...!

**قدمبوس:** (ناراضگي وچان) سيئي بڪواس ٿا ڪيو...! اِهو نٽا ٻڌايو ته شاهي سواري هلندي، مون جيڪا في البديھ شاعري ڪئي هئي، تنھن ڪيڏو نه جلوس ۾ جوش و خروش پيدا ڪيو هو.

**ايرون:** نو فائٽ! نو جگھرا.... گوڊ انتظام.... سڀني کي ايوارڊ ملندو... نائو يو آل ٽيڪ ريسٽ...!

**بينجمن:** ييس سر...! اوهان جي اجازت هجي، ته هنن کي اوهان جي آفيس ۾ ڪرسيءَ تي ويھڻ جي اجازت ڏني وڃي.

**ايرون:** اجازت آهي.

**ٽئي ڄڻا:** (گڏيل آواز ۾) اسان اوهان جي آل و اولاد جا شڪر گذار آهيون ۽ رهنداسين.

[ٽئي ڄڻا لارڊ ايرون ۽ بينجمن جو شڪريو ادا ڪندي ڪرسين تي ٽنگون ٽيڙي آرام ڪن ٿا. ڏام ڏوم خان کيسي مان دٻلي ڪڍي ناس ڏئي ٿو، ڍيڍڻ مل ڪونگھرا هڻي ٿو ۽ سر قدمبوس ڪو شعر جھونگاري ٿو... اوچتو توبن ۽ بندوقن جي ڇنڊڻ جا آواز اچن ٿا. سيئي گھبرائجي وڃن ٿا. رائل مئسينجر اندر داخل ٿئي سلوٽ هڻي ٿو.]

**ايرون:** (پڇندي) وات هيپنڊ رائل مئسينجر؟

**رائل مئسينجر:** سر، فرسٽ ورلڊ وار لڳي آهي... اوهان کي گذارش ٿي ڪجي تہ عظيم برطانيہ کي مالي، جاني ۽ اخلاقي مدد جلد از جلد فراهم ڪئي وڃي.

**ايرون:** بالڪل ڪئي ويندي.... سيڪريٽري، روينيو جو ڇا حال آهي؟

**بينجمن:** ويري پوئر سَر...!

**ايرون:** هڪدم ڊونيشن ڪيو ونجي... اسان کي اُميد آهي، تہ خانبهادر ڏام ڏوم، راءِ بهادر ڊڊن مل اينڊ سر حاجي قدمبوس وفاداري ۽ نمڪخواري جو ثبوت ڊيندا.

**ڊيڙ مل:** (هٿ جوڙيندي) جرور ڏينداسي، پر جنگ جي باھ تہ ٽري ويندي نہ؟

**بينجمن:** تون ڪو فڪر نہ ڪر... اِها جنگ هتان ڪان گهٽو پرتي هلي ٿي.

**ڊيڙ مل:** هل ڙي گورا هل، تنهنجي شڪتي... جنگ هُتي، دهڪا هِتي... بس چندي جي بدلي سردار بهادر جي خطاب جي پارت هجيو.

**ڏام ڏوم خان:** لارڊ صاحب، حاضر چندو ڏينداسي.... پر جاگير وڏائڻ جو عرض ضرور اگهائجو!

**قدمبوس:** لارڊ صاحب...! منهنجو ايمان آهي، تہ جنگ اوهان کٽندءُ... مان جنگ جي فتح واري جشن مهل، هڪ سؤ بندن جو وڏي بحر وزن ۾ قصيدو پڙهندس.... مهرباني ڪري مون کي هڪ پيو خطاب ڏيڻ نہ وساريندا.

**ايرون:** (ڏڙڪو ڏيندي) ايڊئٽ....! فولش...! سٽ ڊائون...!

**ڏام ڏوم خان:** (ڊيڙ مل سان تاڙو ملائيندي) واھ جي بي عزتي ٿيس!

**ڊيڙ مل:** ٺينگ...! هر پيري هڪ سؤ بندن جو شعر ڪڍيون بيٺو آهي.

**قدمبوس:** لارڊ صاحب...! ناراض نہ ٿيو... مان زمين گروي رکي بہ ڊونيشن ڏيندس.

**ڊيڙ مل:** (پيشڪش ڪندي) جمين گروي رکين ٿو، تہ مان وياج تي پئسا لاءِ حاجر آهيان.

**ڊام ڊوم خان:** هلو! تہ هلي جلدي ڏونيشن ڏيون، جان چڙايون ۽ عزت پايون.

[ٽئي ڄڻا ٻاهر هليا وڃن ٿا.]

**ايرون:** (پڇندي) سيڪريٽري بينجمن...! تنهنجو اندازو ڇا آهي، تہ هي ورلڊ وار ڪيترو هلندي؟
**بينجمن:** سر...! جولاءِ 1914ع ۾ شروع ٿي آهي. اندازو آهي تہ چار پنج سال ضرور هلندي.
**ايرون:** (سوچيندي) تون صحيح آهين. هڪ پاسي گريٽ برٽين، فرانس ۽ رشيا آهي ۽ ٻي پاسي جرمني، آسٽريا، هنگري ۽ اٽلي آهي.
**بينجمن:** جي اجازت هجي، تہ هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان فوج ڀرتي ڪرائي محاذ تي موڪلي وڃي؟
**ايرون:** واهہ نات!

[سيڪريٽري بينجمن ٻاهر وڃي ٿو. لارڊ ايرون پريشانيءَ ۾ اسٽيج تي اچ وڃ ڪري ٿو. پس پرده بندوقن ۽ توپن جي ڇنڊ جا آواز اچن ٿا. ڄڻ جنگ زوردار نموني سان هلي رهي آهي ۽ اسٽيج تي روشني جي مٽ سٽ گذرندڙ وقت کي ڏيکاريندي رهي ٿي.]

**بينجمن:** (اندر داخل ٿي ٻڌائيندي) سر، ڏهہ لک هندوستاني فوج ڀرتي ڪري موڪلي آهي. جيڪا دنيا جي مختلف ملڪن جي محاذن تي وڙهي رهي آهي.
**ايرون:** تون وڏو ڪارنامو سر انجام ڏنو آهي.... يو ڊڊ دي هرڪيولن جاب...!

[رائل مئسينجر اندر داخل ٿئي ٿو.سندس پٺيان خان بهادر ڊام ڊوم، راءِ بهادر ڏيڏڻ مل ۽ سر حاجي قدمبوس بہ لڳا اچن ٿا.]

**رائل مئسينجر:** (سلوٽ هڻندي) سر...! ڪانگريچيوليشنس، اسان ۽ اسان جي اتحادين جنگ کٽي آهي ۽ ٻي خوشخبري اِها تہ هندوستاني فوجن

وڏي بهادري ڏيکاري آهي. ڪيترن محاذن تي وڙهندي هندوستاني جوانن کي وڪتوريا ڪراس ڏيڻ جي سفارش تي آهي.

**ايرون:** (خوشيءَ وچان ٿپا ڏيندي) ٿينڪ گاڊ ! وئي ون دي وار!

**بينجمن:** سر...! مون چيو هيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ چار سال جنگ هلندي، هاڻي نومبر 1918ع آهي.

**ايرون:** يو آر رائيٽ...! يو آر جينيئس پرسن...! مسٽر بينجمن...!

**[خان بهادر ڏام ڏوم، راءِ بهادر ڏيڏڻ مل ۽ سر حاجي قدمبوس نعره هڻڻ شروع ڪن ٿا ۽ رائل مئسينجر سلوٽ هڻي ٻاهر هليو وڃي ٿو.]**

**ڏام ڏوم خان:** انگريز بهادر؟

**ڏيڏڻ مل ۽ قدمبوس:** (جواب ڏيندي) جنده آباد ...! زنده آباد!

**قدمبوس:** لارڊ صاحب...! سيڪريٽري صاحب...! هن عظيم فتح واري موقعي تي هڪ خوشيءَ جي گيت جي آمد ٿي آهي، پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي.

**بينجمن:** ٿن بندن کان وڌيڪ شعر نه هجي.

**قدمبوس:** (لارڊ ايرون ۽ ٻين سان مخاطب ٿيندي) عرض آهي!

**ايرون:** گو آهيڊ...!

**ڏام ڏوم:** ارشاد!

**قدمبوس:** (سر سان ٻڌائيندي)

**او، انگريز بهادر زنده آباد**
**زنده آباد، پائينده باد...**
**تون شهباز ۽ رعيت جهرڪيون**
**اسان جي دل آ تو کان شاد**
**او، انگريز بهادر زنده آباد**

**ڏيڏڻ مل ۽ ڏام ڏوم:** (ڏيڏڻ مل ۽ ڏام ڏوم سر ملائيندي) جنده آباد ...! پابنده آباد ...، زنده آباد ... پائنده آباد...

**قدمبوس:** (شعر پڙهائيندي)

**تون اسان جو آن بابو**
**اسان آهيون تنهنجي اولاد**
**او، انگريز بهادر زنده آباد**

**ڍيڍڻ مل ۽ ڏام ڏوم:** (ورائي ڏيندي) جنده آباد ...! پابنده آباد ...، زنده آباد ... پائنده آباد...

ايرون: (خوش ٿي تاڙيون وڄائيندي) ويري گوڊ...! ويري گوڊ پوئم!

**بينجمن:** سر، هاڻي هنن کي خطابات سان ضرور نوازيو وڃي، تہ جيئن هي ۽ انهن جي آل و اولاد اسان جا نمڪ خوار، وفادار ۽ پنهنجن لاءِ دل آزار بڻجن.

**ايرون:** واءِ نات، واءِ نات! سر حاجي قدمبوس کي آرڊر آف برٽش ايمپائر ڏنو وڃي.

**قدمبوس:** (فرشي سلام ڪندي) خدا انگريز سرڪار کي پنهنجي سايہ عافيت ۾ رکي.

**ايرون:** خان بهادر ڏام ڏوم کي، نواب بهادر جو ٽائيٽل ڏنو وڃي.

**ڏام ڏوم خان:** (جهڪي سلام ڪندي) انگريز بهادر کي خدا پاڪ سچ، چنڊ ۽ ستارن مٿان بہ حڪمراني ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، تہ جيئن سندس ڪرم نوازي سڄي سنسار مٿان ٿيندي رهي.

**ايرون:** راءِ بهادر ڍڍن مل کي ديوان بهادر جو ٽائيٽل ڏنو وڃي .

**ڍيڍڻ مل:** (هٿ جوڙيندي) ايشور، انگريج بهادر کي هريگ، هر ڪال ۾ اسان جو حاڪم ۽ اسان کي اُن جي رعيت بڻائي.

**ايرون:** (پڇندي) قدمبوس، ڏام ڏام ۽ ڍڍن مل نائو يو آر هيپي...؟

**ٽئي ڄڻا:** (هڪ ئي آواز ۾ چوندي) بلڪل هيپي...! هيپي هيپي...!ويري هيپي!

**بينجمن:** سر، اسان کي هاڻي يقين آهي، تہ برٽش انڊيا ۾ صدين تائين اسان جي سرڪار هلندي ۽ برٽش ايمپائر تا قيامت قائم رهندي.

**ايرون:** (گهمنڊ وچان) سيڪريٽري بينجمن...! هاني دنيا جي ڪا بہ طاقت، ڪو بہ فورس برٽش ايمپائر کي چئلينج نہ ٿو ڪري سگهي.

**بينجمن:** سر...! برٽش ايمپائر جي دنيا جي چوٿين حصي تي حڪومت آهي. پر هاڻي اسان کي يقين آهي تہ عظيم برطانيہ جي سڄي دنيا تي حڪومت ٿيندي.

**ڊام ڊوم خان:** لارڊ صاحب، منهنجو اهو ايمان آهي، تہ عظيم برطانيہ جي حڪومت مٿان ڪڏهن بہ سج نہ لهندو.

**ڊيڊڻ مل:** ايشور ڪندو تہ مهان انگريج، منهنجي هر جونءِ ۾ حڪمران رهندو.

**قدمبوس:** اها منهنجي دعا آهي، تہ عظيم برطانيہ تي سدائين.خدا جو پاڇو رهي.

**ايرون:** (بينجمن ڏانهن ڏسندي) سيڪريٽري بينجمن، اِن خوشيءِ ۾ ڪو خوشي وارو پروگرام ٿي ونجي.

**بينجمن:** جي اجازت هجي، تہ ڪنهن اِنڊين آرٽسٽ کي پيش ڪيو وڃي؟

**ڊام ڊوم خان:** سيڪريٽري صاحب...! منهنجي تجويز اِها آهي، تہ وڪٽوريا عرف گوهر جان کي گهرائي، 'رس ڪي ڀري توري نين' ٺمري ٻڌجي.

**بينجمن:** اِهو 1902ع جو گانو هاڻي پراڻو ٿي چڪو آهي ۽ گوهر جان بہ هاڻي جوان ناهي رهي.

**قدمبوس:** ڪنهن گويي کي گهرائي، راڳ درٻاري ڇو نہ ٻڌجي!؟

**ڊيڊڻ مل:** (قدمبوس کي ڪٽيندي) راڳ درٻاري آشپ آهي اهو راڳ ٻڌندي، انگريج سرڪار جو بہ مغل سرڪار جيان سج نہ لهي وڃي.... منهنجي راءِ اِها آهي، تہ عنايت ٻائي ڍيرون والي کي گهرايو وڃي، ڇوڏنهن پندرنهن سالن جي مس آهي. اِهو گيت ٻڌائيندي، "پيا روٺ گئي، مين مناتي رهي" تہ شاهي درٻار جهومي پوندي.

**بينجمن:** (حڪم ڏيندي) عنايت ٻائي ڍيرون والي کي حاضر ڪيو وڃي!

**ايرون:** (ڍيڍڻ مل کي ڏسندي) ديوان بهادر ڍڍن مل! توکي سنگرس جي باري ۾ ايتري معلومات ڪيئن حاصل ٿي آهي؟

**ڊام ڊوم خان:** (جواب ڏيندي) لارڊ صاحب ...! ڍيڍڻ مل نالي جو ديوان بهادر آهي، باقي اصلي تہ راڳي ۽ ناچو آهي.

**ڊيڻ مل:** (ڪاوڙ وچان) لاٽ صاحب! هن ڪان پڇو تہ اوهان جي اچڻ کان اڳ هندستان ۾ طبلا ڪير وڄائيندو هو.

**قدمبوس:** تڏهن تہ هن جو نالو بہ وقت جي حوالي سان ڏام ڏوم خان رکيو ويو هو.

**ڏام ڏوم خان:** (قدمبوس ڏانهن منهن ڪندي) بس ڪر سارنگي نواز جا پٽ، تہ ڪول نہ ڪيانءِ. اسان خبر ناهي تہ تنهنجو تعلق ڪهڙي خاندان سان هيو.

**بينجمن:** خاموش ...! دربار جي ضابطن جو خيال ڪيو وڃي، باقي اسان کي توهان جي افعالن جي سڀ خبر آهي.

[عنايت بائي ڏيرون والي اچي ٿي ۽ ڪن تي هٿ رکي گيت ڳائي ٿي.]

**عنايت بائي ڏيرون والي:**

يا دل ڪو درد ڪر دي، يا دل ڪا درد هو جا
اي رات ڪي محبت، جل جل ڪي سرد هو جا
او بي نيازي راحت، ڪيون ڦوڙتا هي سر ڪو
سجدون ڪا شوق هي تو، چوکٽ ڪي گرد هو جا
رو ڪر گذر گيا هي، عهد شباب ميرا
او قول آرزو ڪي، تم ڀي تو زرد هو جا

[ڏام ڏوم، ڊيڻ مل، ۽ قدمبوس گڏجي نچن ٿا.... ايرون هوا ۾ اسٽڪ لهرائي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿو ۽ بينجمن مشڪندي ڪنڌ ڏوٽيندو رهي ٿو. جيئن ئي گيت ختم ٿئي ٿو تہ عنايت بائي ڏيرون والي فرشي سلام ڪندي انعام وٺي ٻاهر نڪري وڃي ٿي.]

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک چوٿون

[ساڳيو لارڊ ايرون جي آفيس جو منظر، لارڊ ايرون، سيڪريٽري بينجمن، ڊام ڊوم خان، ڊيڊ مل ۽ سر قدمبوس آرام سان ڪرسين تي ويٺل آهن، تہ اوچتو ٺٺنڪن، بمن ۽ گولين جي گونج شروع ٿي وڃي ٿي ۽ سيئي ڇرڪ ڀري اٿن ٿا.]

**ايرون:** (اُٿي رڙيون ڪندي) پورن ايڪويهن سالن کانپوءِ هي ڇا ٿي ويو...؟ ڪنهن اسان جي سُڪون ۾ خلل وڌو؟

[اوچتو رائل مئسينجر اندر داخل ٿئي ٿو ۽ سلوٽ هڻي ٿو.]

**ايرون:** (پڇندي) نائو وات هيپنڊ؟
**رائل مئسينجر:** (ٻڏائيندي) سر...! سيڪنڊ ورلڊ وار لڳي آهي....
**ايرون:** (پريشاني وچان) او، نو...!؟.بٽ واءِ ؟
**رائل مئسينجر:** (ٻڏائيندي) سر، اسان جي ازلي دشمن جرمني ۽ سندس اتحادين وري عظيم برطانيہ کي چئلينج ڪيو آهي... اوهان کي گذارش ڪئي وڃي ٿي، تہ مالي، اخلاقي ۽ فوجي مدد جلد از جلد فراهم ڪئي وڃي.
**ايرون:** اميٽيڊلي هيلپ ڪئي ويندي!

[رائل مئسينجر سلوٽ هڻي ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

**ايرون:** (مخاطب ٿيندي) نواب بهادر ڊام ڊوم خان، ديوان بهادر ڊڊن مل اينڊ آرڊر آف برٽش ايمپائر سر حاجي قدمبوس...! اوهان کي هڪ دفعو وري گريٽ برٽين، فرسٽ ورلڊ وار جيان خدمت ڪرن جو موقعو ڏي ٿي ۽ مونکي اميد آهي تہ اوهان هن موقعي جو ڀرپور فائدو حاصل ڪندئو....
**ڊام ڊوم خان:** لارڊ صاحب...! انڪار ڪونهي، پر...! (منهن خراب ڪندي).... چندا ڏئي چيلهہ ڇڀي ٿي وئي آهي.

**ڍيڍڻ مل:** لارڊ صاحب...! نالي جا ديوان بهادر آهيون، باقي اسان کان تہ اڄڪلهہ هٿ واٺيو بہ خوش آهي. سو هن ڀيري مڙئي ٺاروٺي وڃي.

**قدمبوس:** هن ڀيري چندي جي معافي ڏيو، تہ اوهان جي آل و اولاد جو شڪر گذار رهندس.

**ايرون:** نوليم ايڪسڪيوز...! ڀهاني بازي نہ هلندي.... جواب يس آر نو ۾ ڪپي؟ ...ادروائيز.... اوهان جا ختاب ۽ جاگيرون ظبت ٿينديون.

**نئي چٽا:** (گڏيل آواز ۾) خطاب ۽ جاگيريون ضبط...!؟ لارڊ صاحب...! جيئن اوهان چوندءِ، اوئن ئي ڪنداسين....! پر اسان جي خطابن ۽ جاگيرن جي پارت هجيو. اهي آهن تہ اسان آهيون، اهي ناهن تہ اسان ڪجهہ ناهيون.

**ايرون:** ويري گوڊ.! توهان جي ڪو آپريشن سان جڏهن سيڪنڊ ورلڊ وار وِن ڪنداسي، تہ اوهان کي اهرو ريوارڊ ڊينداسين. جنهن جو اوهان تصور بہ نہ ڪيو هوندو.

**نئي چٽا:** (خوشيءَ وچان هڪ ٻئي کي ڏسندي ۽ دهرائيندي) اسان تصور بہ نہ ڪيو هوندو.... اهڙو انعام!؟

**بينجمن:** بالڪل اوهان کي اهڙو انعام ملندو. هاڻي اوهان وقت ضايع نہ ڪيو. چندو بہ ڏيو ۽ ماڻهو بہ ڀرتي ڪرايو.

**قدمبوس:** انگريز بهادر جي شان ۾ شاعري ڪرائبي ۽ اُنهن غدارن کي بہ منهن ٽوڙ جواب ڏبو، جيڪي انگريز بهادر جي خلاف شاعري ڪري عوام کي بدظن ڪن ٿا.

**بينجمن:** شاباس هاڻي هلو! ۽ ڪم ڏيکاريو...

[ڏام ڏوم، قدمبوس ۽ ڍيڍڻ مل ٻاهر نڪري وڃن ٿا.]

**بينجمن:** سر، مون کي اجازت ڏيو تہ اِنهن هڏ حرامن جي نگراني ڪيان ۽ اوهان کي گهربل رزلٽ بہ ڏيان.

**ايرون:** بالڪل بينجمن...! توکي نگراني ڪرن جو اختيار ڊنو ونجي ٿو.

[بينجمن ٻاهر وڃي ٿو. پس پرده ٻمن، گولن ۽ ٽينڪن جا آواز تيز ترٿي وڃن ٿا ۽ اسٽيج تي روشني جي تبديلي سان وقت گذرڻ جو احساس ٿئي ٿو.

لارڊ ايرون پريشانيءَ ۾ اسٽيج تي هيڏانهن هوڏانهن ڦرندو رهي ٿو. ٿوريءَ دير کان پوءِ اسٽيج تي هڪ رنگي روشني ٿئي ٿي ۽ سيڪريٽري بينجمن اندر داخل ٿئي ٿو.]

**ايرون:** (ڏسي پڇندي) مسٽر بينجمن؟

**بينجمن:** ييس، سر...!

**ايرون:** جلدي رزلٽ ٻڌاءِ!؟

**بينجمن:** سر، هندوستان جا 25 لک سپاهي مختلف محاذن تي وڙهي رهيا آهن. اُنهن مان 25 هزار سپاهي وڙهندي وڙهندي مري چڪا آهن.

**ايرون:** ويري گوڊ...! ويري گوڊ...!

**بينجمن:** هن ڀيري هندوستان جي رياستن بہ خوب ڊونيشن ڏنو آهي.

**ايرون:** ويري گوڊ...! اڌر نيوز؟

**بينجمن:** سر، ڪجھ ماڻهو اسان جي مخالفت ڪري رهيا آهن ۽ اسان جي خلاف دشمنن جي هٿن ۾ کيڏي رهيا آهن. بس اُنهن کي سزا ملڻ گهرجي.

**ايرون:** اُنهن کي سختي سان پنش ڪيو ونجي، جو اُنهن جا ايندڙ نسل بہ ياد رکن!

**بينجمن:** اوهان جي اجازت ڏيڻ جي مهرباني.

[اوچتو رائل مئسينجر اندر داخل ٿي، سلوٽ هڻي ٿو ۽ سندس پٺيان ڏام ڏوم، ڀڄڻ مل ۽ قدمبوس بہ لڳا اچن ٿا.]

**رائل مئسينجر:** (خوشخبري ٻڌائيندي) سر، سيڪنڊ ورلڊ وار جي فتح مبارڪ!

**ايرون:** (پاڻ کي ڪرسيءَ تي ڇڏيندي، خوشيءَ وچان) ٿئنڪس گاڊ اگين وئي وون دي وار! اسان ٻي جنگ عظيم کٽي ورتي...!

**بينجمن:** سر، انگريز دنيا جي عظيم قوم آهي، اُن کي ڪير بہ هارائي نٿو سگهي.

[رائل مئسينجر سلوٽ هڻي ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

**ڏام ڏوم خان:** لارڊ صاحب...! اڄ تہ انگريز بهادر جي فتح جو ٻڌي، دل چوي ٿي تہ ڀنگڙا هڻان.

**ڍيڍڻ مل:** منهنجو من چوي ٿو، تہ راڳ اٽل تين تال، سورنهن ماتري ۾ پيش ڪيان...
ڌا ڌن ڌن ڌا.... ڌا ڌن ڌن ڌا...
تا تن تن تا.... ڌا ڌن ڌن ڌا....

**قدمبوس:** لارڊ صاحب...! منهنجي اندر ۾ شاعريءَ جو نزول ٿيو آ، اجازت هجي تہ عرض ڪيان؟
**بينجمن:** اڄ ديسي سانگ ۾ شاعري نہ هلندي. اڄ ويرالائن جو اُهو مشهور گيت هلندو، جيڪو عظيم برطانيہ جا فوجي جوان محاذن تي ٻڌي خوش ٿيندا هيا....
**ايرون:** پر انڊيا ۾ اِن لوليِ سانگ ڪي ڪير پيش ڪري سگهي ٿو...؟
**بينجمن:** سر، انڊيا ۾ اينگلو انڊين سنگرس آهن. اُنهن مان مارگريٽ مشهور آهي.
**ڍيڍڻ مل:** لاٽ صاحب...! مارگريٽ ڪي سمجهي تہ نہ سگهندو آهيان، پر مون کي وڻندي ڏاڍي آهي.
**بينجمن:** (دڙڪو ڏيندي) اِيڊيٽ...! فولش...!
**ڏام ڏوم خان:** (قدمبوس سان تاڙو ملائيندي) ڏاڍي ٺيس...!
**ايرون:** مسٽر بينجمن...! آءِ وانٽ ٽو لسن اوريجنل سانگ
**بينجمن:** سر تہ پوءِ گراموفون گهرائي، ويرالائن جو ريڪارڊ ٻڌي سگهجي ٿو.
**ايرون:** گڊ آئيڊيا...!
**بينجمن:** (حڪم ڏيندي) هڪدم گراموفون ۾ ويرالائن جو ريڪارڊ پيش ڪيو وڃي!
**ڏام ڏوم خان:** لارڊ صاحب، جيستائين گراموفون اچي تيستائين اجازت ڏيو، تہ اوهان کي انهن ناعاقبت انديش ماڻهن جي باري ۾ ٻڌائجي، جيڪي ڪوئٽ انڊيا تحريڪ هلائي انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ چاهن ٿا.
**ايرون:** (پڇندي) اهي ڪير آهن، جيڪا اهڙي جرئت ڪري سگهن ٿا؟
**ڏام ڏوم خان:** نيچ طبقن، هارين ۽ مزدورن جا حمايتي!

**ڏيڏڻ مل:** (ٻڏائيندي) لاٽ صاحب، اڄڪلهه وڪيل ۽ واپاري به انگريج سرڪار جي خلاف اٿي کڙا ٿيا آهن.۽ اسان کي ديش دروهي سڏن ٿا.

**قدمبوس:** لارڊ صاحب، گهڻيا ماڻهو به اوهان جي خلاف شاعري ڪن ٿا ۽ پاڻ کي انقلابي سڏائن ٿا.

**ايرون:** (ٺهڪ ڏيندي) ڊوئنٽ وري ...! ڊوئنٽ وري.! ايوري ٿنگ ول بي آل رائٽ.

[ٻه ماڻهو اندر داخل ٿين ٿا. هڪ کي گراموفون آهي ۽ ٻئي کي هٿ ۾ ريڪارڊ آهي. گراموفون کي رکي هڪ شخص چابي ڀري ٿو ۽ ٻيو ريڪارڊ رکي ان جي مٿان زبانو رکي ٿو. گراموفون تان ويرالائن جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. لارڊ ايرون ۽ سيڪريٽري بينجمن، ويرالائن جي آواز مان لطف اندوز ٿين ٿا. جڏهن ته ڏام ڏوم، ڏيڏڻ مل ۽ سر قدمبوس خوامخواه ڪنڌ ڏوڙيندا رهن ٿا.]

We shall meet again
(اسان وري ڀيهر ملنداسين)
Don`t know where
(خبر ناهي ته ڪٿي)
Don`t know when
(خبر ناهي ڪڏهن)
But I know
(پر مون کي خبر آهي)
We shall meet again
(اسان ڀيهر ضرور ملنداسين)

[ويرالائن جو گانو ختم ٿئي ٿو ته سڀ تاڙيون وڄائن ٿا. هڪ همراهه ريڪارڊ کڻي ٿو ۽ ٻيو گراموفون کڻي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.]

**ايرون:** ڇا ته وائيس ڪوالٽي آهي.

**بينجمن:** سر ان گاني جو ته ڪو جواب ئي ڪونهي.

**ڏام ڏوم:** (خوامخواه تعريف ڪندي) هزارين بلبلين ۽ ڪوئلن جهڙو آواز رکندڙ هندستاني مغنيون بہ ويرالائن جي گاني مٿان قربان آهن.

**سرقدمبوس:** مان ويرالائن جي آواز جي شان ۾ هڪڙي مثنوي لکندس.

**ڀيڻ مل:** هل ڙي هل گورا تنهنجو ديماڪ...!اهڙو فونو ٺاهيو ٿئي جو ويرالائن انگلستان ۾ ۽ آواج هتي... هل ڙي هل ، گورا ...!

[سيئي ڪلڻ لڳن ٿا.]

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک پنجون

[ساڳيو لارڊ ايرون جي آفيس جو منظر. آفيس ۾ لارڊ ايرون ويٺو آهي. سيڪريٽري بينجمن ڪيس سندون ڏيکاريندي صحيح وٺي رهيو آهي. پوءِ هر هڪ سند واري واري سان ڏام ڏوم خان، ڊيڍ مل ۽ سر قدمبوس کي ڏئي رهيو آهي. ٽئي ڇٽا سندون وٺندي لارڊ ايرون کي فرشي سلام ڪري رهيا آهن. تہ اوچتوئي اوچتو پس پرده انگريزن خلاف ڇتي نعره بازي شروع ٿئي ٿي.]

**آواز:** انگريز فرنگي!؟
هاءِ! هاءِ!
آزادي...! آزادي...!
اسان گهرئون ٿا، آزادي!
انگريز سامراج!
مرده آباد...!
انگريز سامراج!
مرده آباد...!

**ايرون:** (پڇندي) سيڪريٽري بينجمن!؟

**بينجمن:** سر...!

**ايرون:** هي ڪير آهن، جيڪي برٽش ايمپائر کي چئلينج ڪن ٿا؟

**بينجمن:** سر....! هي شر پسند عناصر آهن.

**ايرون:** اِنهن کي هڪدم ڪرش ڪيو ونجي...

**بينجمن:** سر...! اسان تہ اِنهن کي جيلن ۾ وجهي وجهي ٿڪجي پيا آهيو. پر ڇا ڪجي اِنهن پاڻ جيل ڀريو تحريڪ هلائي آهي.

**ايرون:** (ٽڏو ساهہ ڀريندي) اِن جو مطلب تہ اسان هاڻي اِنهن تي ڪنٽرول نٿا ڪري سگهون؟

**بينجمن:** مشڪل آهي، سر!

**ايرون:** تہ پوءِ هي ملڪ تہ اسان کي ڇڏڻو پوندو.

**ڏام ڏوم خان:** لارڊ صاحب.... جي اوهان انگريز بهادر هليا ويئو، تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟

**ڊيڊڻ مل:** پوءِ اسان تہ ڇتن مان ڦاسجي ويندا سي.

**قدمبوس:** لارڊ صاحب...! اوهان جي ڏنل خطابن ۾ جاگيرن جو ڇا ٿيندو؟

**ايرون:** ڊؤنٽ وري...! ڊؤنٽ وري...!

**ڏام ڏوم خان:** لارڊ صاحب! اسان جو اهو انعام ڪٿي آهي، جنهن جو اوهان ٻي جنگ عظيم کان اڳ ۾ واعدو ڪيو هيو؟

**ايرون:** (اُٿي ڇهل قدمي ڪندي) ڊؤنٽ وري...! مونکي بالڪل ياد آهي، تہ مون اهو چيو هو، تہ اوهان کي اهرو انعام ملندو، جنهن جو اوهان تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهو.

**ٽئي ڄڻا:** (گڏيل آواز ۾) تہ پوءِ اُهو انعام جلدي ڏيو، جو اسان کان صبر نٿو ٿئي.

**ايرون:** اسان توهان کي هي سڄو ملڪ ڏئي ٿا ونڃون.

**ٽئي ڄڻا:** (گڏيل آواز ۾) پر هتان جو بيوقوف عوام اسان کي حڪومت ڪٿان ڪرڻ ڏيندو؟

**ايرون:** (ٿهڪ ڏيندي) ڊؤنٽ وري...! ڊؤنٽ وري...! اسان اوهان کي اهرو نسخو ٿا ٻڌايون، جو اوهان نسل درنسل اِن بيوقوف عوام مٿان حڪومت ڪندا رهندؤ.

**ٽئي ڄڻا:** (گڏيل آواز ۾) اسان کي اِهو نسخو جلدي ٻڌايو وڃي!؟

**ايرون:** مسٽر بينجمن؟

**بينجمن:** يس سر!

**ايرون:** اِنهن کي اهو انمول نسخو ٻڌاءِ ڇڏ ۾ کين ياد بہ ڪراءِ...!

**بينجمن:** (پڙهائڻ واري انداز ۾) سڀئي چئو، ڊوائيڊ اينڊ رول...!

**ٽئي ڄڻا:** (ورجائيندي) ڊوائيڊ اينڊ رول...!

**بينجمن:** (ٻڌائيندي) ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو...!

**ٽئي ڄڻا:** (ورجائيندي) ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو...!

**بينجمن:** (سمجهائيندي) هاڻي اوهان اِن انمول لفظن جي نسخي کي بار بار ورجايو.

**ٽئي ڄڻا:** (ورجائيندي) ڊوائيڊ اينڊ رول...!
ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو...!

ڊوائيڊ اينڊ رول...!
ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو...!

[تنهي چٽن ڪي مشغول ڏسندي، لارڊ ايرون ۽ سيڪريٽري بينجمن ڪسڪي ٻاهر هليا وڃن ٿا.]

**ٽئي چٽا:** (انگريزن جو ڏنل نسخو ورجائيندي گول ڦرن ٿا)
ڊوائيڊ اينڊ رول!
ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو!
ڊوائيڊ اينڊ رول!
ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو!

[اسٽيج تان روشني گل ٿي وڃي ٿي. پس پرده نعرن جا آواز گونجن ٿا. پوءِ گولين ۽ رڙين جا آواز شروع ٿي وڃن ٿا.]

**آواز:** جو بولي، سونهال؟
ست سري اڪال!
ست سري اڪال!
نعره تڪبير؟
الله اڪبر!
هر، هر...!؟
مها ديو!
يولي ناٿ ڪي؟
جئي!
نعره حيدري؟
يا علي...!

[اوچتو اسٽيج تي روشني ٿئي ٿي. ست اٺ ماڻهن جا لاش بي ترتيب انداز ۾ وکريل نظر اچن ٿا. پس پرده وائلن جي آواز تي غمگين ڌن هلڻ لڳي ٿي.]

## پردو ڪري ٿو



# شاهم بهارو

# **ڪردار**

**ميان نور محمد:** سنڌ جو سربراهه
**شاهه بهارو:** چانڊڪا پرڳڻي جو گورنر ۽ سپاهه سالار
**سڳنو مل:** ڀهه وڪڻندڙ گهورارو
**مائي طوطي:** شاهه لطيف جي فقيرياڻي
**توڏو:** افواهه ڦهلائيندڙ شخص
**ڪوڏو:** افواهه ڦهلائيندڙ شخص
**جيئنداراءِ:** مکي
**سياڳو لاڙڪ:** پيڙياتو
**مانجهي ابڙو:** جهونجهار
**سونو چانڊيو:** جهونجهار
**ماڻڪ:** جيئنداراءِ جو پٽ
**ساماڻو:** ڪنيز
**چتو:** ڪوري
**پلي ڏنو:** مڱڻهار
**رانول جوڻيجو:** جوڻيجن جو چڱو مڙس
**لائق ڪلهوڙو:** ڪلهوڙن جو چڱو مڙس
**جمن:** شاعر / سگهڙ
**جلال:** شاعر / سگهڙ
**مراد فقير:** سگهڙ
**نانگو شاهه:** سيد فقير
**سانول:** قاصد
**پيسو مل:** هڪ عام ماڻهو

ڳائڻين جو ٽولو
شهر جو مايون، پايون، ونيون ۽ پينرون
لاش کڻندڙ چار ماڻهو، هاري ناري وغيره

[الغوزي جي ڏن آهستي آهستي وڄڻ لڳي ٿي. اسٽيج تي اونده ڇانيل آهي. پردي پويان مؤرخ جو آواز گونجڻ لڳي ٿو.]

**مؤرخ جو آواز:** اڄ کان اندازن ٽي سؤ سال اڳ جڏهن سنڌ تي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت هئي، تہ چاندڪا پرڳڻي جونواب/ گورنر، ميان نور محمد جو مشهور سپاه سالار شاهہ بهارو مقرر ٿيو.

اُن وقت لاڙڪاڻو، چاندڪا پرڳڻي جو گاديءَ جو هنڌ ۽ سنڌ جو سکيو ستابو شهر هيو. جيڪو دشمنن کي هميشہ اک ۾ ڪنڊي وانگر چڀندو رهندو هيو. اتر اولهہ کان هميشہ حملي آور ڪاهون ڪندا هيا. پر شاهہ بهاري جي جرئت ۽ حڪمت عملي سدائين ڪين شڪستِ فاش ڏيندي هئي. هُن جهونجهار سنڌ جي سرحدن جي رکوالي ڪندي ٽياسي جنگيون وڙهيون ۽ چوراسي جنگ ڪيس تڏهن وڙهڻي پئجي وئي، جڏهن لاڙڪاڻي جا شهر واسي آرام، امن ۽ شانتي واري زندگي گهاري رهيا هيا.

# ڏيک پهريون

[اسٽيج تي جهيٽي روشني ٿئي ٿي. اسٽيج تي ميان شاهل محمد چؤنڪ جو سيٽ لڳل آهي... پسمنظر ۾ هڪ وڏي پيننٽنگ ٽنگيل آهي، جنهن ۾ گجندڙ گهاڙ واهه ۾ ٽلڪندڙ نديون وڏيون ٻيڙيون ڏيکاريل آهن، ڪنارن تي ڳتيل جاين ۽ دوڪانن جا منظر چٽيل آهن. اسٽيج تي هلڪي سفيد روشني نمودار ٿي، صبوح واري منظر کي پيش ڪري ٿي. هڪ هاري ڪوڏر ڪنيون ميان شاهل محمد جي چونڪ تان گذري ٿو. پس پرده لطيف جو بيت گونجي ٿو.]

**پس پرده آواز:** جنين ڏاند نہ ٻج، تنين تنهنجو آسرو
اول ڏين اُنهن کي، پوءِ اپارين سج

[هاري ٻاهر وڃي ٿو، تہ پنيان هڪ ٻيڙائتو ونجهہ هٿ ۾ کيون داخل ٿئي ٿو.]

**ٻيڙائتو:** (اسٽيج تي بيهي) صبوح جا سائين، ٻيڙا ٻني لائين...!

[ٻيڙائتو ٻاهر وڃي ٿو تہ پنيان هڪ گهورارو هڪ هٿ ۾ پيڙهو ۽ مٽ ڪنيون هوڪو ڏيندو داخل ٿئي ٿو.]

**سڳنٽومل:** (ڏکڻ سان مٽ وڄائيندي) اچي ويا، سڳنٽي مل جا ٻهہ...! جيڪو کائي، اُهو ٻہ پڇتائي... جيڪو نہ کائي اُهو ٻہ پڇتائي.

[مکي جيئندراءِ داخل ٿئي ٿو. سندس چيلهہ سان همياڻي ٻڌل آهي. سڳنٽو ڏسندي کيس پيرين پوي ٿو.]

**سڳنٽو:** نمستي، مکي جيئندراءِ!

**جيئندراءِ:** نمستي سڳڻا، واقعي تنهنجا ٻه ٻه اهڙا آهن. جيڪو ڪائي اُهو ٻه پڇتائي، جيڪو نه ڪائي اُهو ٻه پڇتائي. چڱو، هڪ ڪسيري جا ٻه ته ڏي؟

**سڳڻو:** (تاليءَ سان مَٿ ڪڙڪائيندي ٻه ڪڍي، پنن جي پُڙي ۾ ڏيندي) هان، وٺ مُکي...! (پڇندي) پلا اڄڪله ڦُليءَ وارو ٻه پُڙيو اجرڪ ڪيئن ٿو ڏين؟

**جيئندراءِ:** (مُرڪندي) مان ڪڏهن دڪان تي چڙهيل گراهڪ کي موٽايو آ، جو توکي موٽائيندس... اگهه تي نهي پونداسي، آڄُ ته سهي!

[جيئندراءِ ٻاهر هليو وڃي ٿو.]

**سڳڻو:** (ڪنڌ ڌوڻيندي) ها مُکي، تنهنجي دڪان تي جيڪو چڙهيو، سو ڪله مري ويو. اهڙيون لاهيون چاڙهيون ڏينديس، جو پيٽي اگهه تي ٻه گراهڪ کڳيون هٽندي گهر موٽندو ته مُکي جيئندراءِ کي ڦري آيو آهيان.

[لطيف سائين جي فقيرياڻي داخل ٿئي ٿي.]

**سڳڻو:** (ڏسندي) مائي طوطي، صبوح صبوح سان ڪيڏانهن سنيري آن؟

**طوطي:** وڃان ٿي مير محمد ابڙي جي ڳوٺ... مرشد لطيف موٽيو وڃي ٿو ڪراڙ ڍنڍ ... سو سائين جو درشن ٻه وٺي اچان... ڪا نئين وائي، ڪو نئون بيت ٻه ٻڌي اچان... ته پوءِ اچي سڄي شهر کي ٻڌايان.

**سڳڻو:** مرشد لطيف جي نانءَ تان صدقو.... (ٻه ڏيندي) هان وٺ، سائين لاءِ هي ڪنيون وڃ.

**طوطي:** سڳڻا تنهنجا ٻه سوڪڙي ڪري ڪٺي وڃان ها، پر مرشد سائين جي جهل آ ته منهنجي لاءِ ڪا شيءِ نه ڪٺي ايندا ڪيو... مان ڏيڻ ايندو آن، وٺڻ ناهيان ايندو.

**سڳڻو:** پلا پنهنجي لاءِ رک، وات تي بک لڳيئي ته ڪائجانءِ.

**طوطي:** مان وٽ ته اڄ هڪڙي ڪوڏي ٻه ڪونهي، سڳڻا... اوڏر پاڌر وٺڻ ڪان ٻه مرشد جهلي ٿو. توڪل جو تُرهو پيٽ سان ٻڌايو آتائين.

**سڳڻو:** تون راڳ جي راڻي آهين مائي طوطي، صبوح صبوح سان رڳو ڪلام جو هڪڙو مصرعو ٻڌائيئي ته سمجهه اگهه پار ملي ويو، مونکي....

**طوطي:** چڱو ڀلا پٽ، ڀلي پوءِ ڏي.

**طوطي:** (ڪن تي هٿ رکي ڳائيندي)

**آءُ ڪوهه چاٽان، پنڌ ڪيچ جو**
**آنءَ ڪوهه چاٽان، پنڌ ڪيچ جو**
**مون نماڻيءَ کي نيندا.......**
**آءُ ڪوهه چاٽان، پنڌ ڪيچ جو**

**سڳڻو:** (جهومندي) واهه، مائي طوطي واهه ...! هيانءُ ٺاري ڇڏيئي.... ڇا تہ تنهنجو آواز آ ...... منهنجا ڀلا تہ ڪجهہ بہ ناهن... (ڀلي ڏيندي) مائي طوطي! مرشد لطيف کي چئجان، تہ اسان لاڙڪاڻي وارن جي حق ۾ بہ دُعا گهري.

**طوطي:** سُڳڻا...! مرشد تہ سڄي سنڌ کي دُعائون ڏنيون آهن.... سڄي جهان جو خير گهريو ٿئين. ... شايد تو، سهڻي لطيف جو اِهو بيت ناهي ٻڌو، تہ

**سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار**
**دُوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.**

**سڳڻو:** (بيت ورجائيندي)

**سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار**
**دُوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.**

واهه سهڻا لطيف، تنهنجي دُعا...!سنڌ سان گڏ، سڄي عالم جو خير گُهري ڇڏيئي... جيئي لطيف! جيئي سنڌ ۽ جيئي سڄو عالم...چڱو، مائي طوطي...! مان وري سرهيہ پٽر وجي کو روزگار ڪيان!

**[سڳڻو پيڙهو ۽ مٽ کڻي ٻاهر وڃي ٿو ۽ طوطي اڃا اڳتي هلڻ جي ڪري ٿي، تہ هڪ جُنگ جوان داخل ٿئي ٿو. طوطيءَ کي ويندي ڏسي روڪيندي ڪائنس پڇي ٿو.]**

**مانجهي:** طوطي، اڄ صبوح صبوح سان، ڪيڏانهن پنڌ پئي آهين، سو بہ اڪيلي...؟

**طوطي:** مرشد لطيف جي ديدار لاءِ وڃان ٿي، مانجهي.!

**مانجهي:** تنهنجا پٽن جهڙا پير پٿون تي پون، تہ ڀلا مانجهي سهي سگهندو؟..... بيهہ تہ مان ڏاند گاڏي ڪاهي اچان!

**طوطي:** مانجهي، ڏاند گاڏيءَ جو سهارو ڪمزور ونجي، عشق جي راھ ۾ هلڻ لاءِ مرشد جو سهارو ئي ڪافي هوندو آهي. منهنجو مرشد چوي ٿو:

**اکيون پيرِ ڪري وڃجي، پر وڃجي!**
**سپريان جي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪين ڪجي!**
**لڪائي لوڪ ڪان، ڳوڻان ڳُجهڙي نجي!**
**محبتي ميهار جو، سُور نہ ڪنهن سلجي!**

**مانجهي:** طوطي...! پوءِ منهنجي ڪچي ڦِڪي عشق جو ڇا ٿيندو، جيڪو توسان آهي؟

**طوطي:** تون بہ هل، مرشد جي ديدار لاءِ اتي توکي بہ پڪو رنگ پاٽهي لڳندو.

**مانجهي:** (دل هٽندي) طوطي، تنهنجو مرشد مون کي ڏسي ناراض تہ نہ ٿيندو. جڏهن کيس اِها خبر پوندي تہ مان تنهنجو عاشق آهيان ۽ سندس مريد سردار خان ۽ حاجي خان ڪُماريئي وارا بہ جُنگ جوان آهن. متان پوءِ جنجار ۾ اچي وڃان..

**طوطي:** (ٿهڪ ڏيندي) تون تہ عاشق آهين، تون ڇو ٿو ڊڄين...؟ سچي عاشقن لاءِ تہ منهنجي مرشد فرمايو آهي:

**اصل عاشق پنهنجي، سسي نہ سانڍين**
**لاهيو سر لطيف چئي، ساھ سلهاڙيون ڏين**
**ڪُلهنئون ڪورين، پڇن پوءِ پريتڻو.**

**مانجهي:** تہ پوءِ اِهو بيت منهنجو بہ رهبر آ، طوطي...! هاڻي اڳيان تون، پٺيان مان.....

[مانجهي ۽ طوطي ٻاهر وڃن ٿا.]

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک ٻيو

[ساڳيو شاهل محمد چؤنڪ جو منظر. ساماڻو ڪنير هوڪا ڏيندو اندر داخل ٿئي ٿو. پٺيان سڳڻو ٻه ڪڍ لڳو اچيس ٿو.]

**ساماڻو:** دلا ونو...! دڪيون وٺو...! ڪُنا ونو... دانگيون وٺو...!پاٽيون وٺون.... پاٽڙا ونو...!

**سڳڻو:** (وڏي اچي پڇيس ٿو) ساماڻا...! منهنجي گهر ڇا ڏئي آئين؟

**ساماڻو:** ادي پمي، تيهه پاٽڙا ورتا!

**سڳڻو:** هزار دفعا جهليو ٿمان، ته پمي کي پاٽڙا نه ڏيندو ڪر.... توکي ڇا آهي.. هاڻي اِهي سڀ نڪر مونتي پڇندا. تون مون کي چڱو نه لڳين. (ٻه ڏيندي) هان، ٻه ڪاڻ...! ته ڪجهه حساب آجو پاجو ٿئي...

**ساماڻو:** (ٻه وٺندي ۽ هوڪا ڏيندي) دلا ونو، دڪيون وٺو، پاٽيون ونو، پاٽڙا ونو!

[هوڪا ڏيندي ساماڻو ٻاهر هليو وڃي ٿو ۽ پٺيان ڇَتو ڪوري ڪلهي تي انگوڇا، گبريون، سوسيون ۽ اجرڪ کنيون اندر داخل ٿئي ٿو.]

**ڇَتو:** (هوڪا ڏيندي) اچي ويو ڇَتو ڪوري! جنهن کي اجرڪ کپي، سوسي کپي، گبري کپي، سَڏُ ڪري!

**سڳڻو:** ڇتا، اجرڪ چڱو ٿئي؟

**ڇَتو:** چڱو نه ڇئہ!

**سڳڻو:** خراب ٿئي؟

**ڇتو:** خراب نه ڇَئہ!

**سڳڻو:** پلا ڇا چوان؟

**ڇَتو:** سنو ڇئو، سنو!

**سڳڻو:** ڪاٿئون جو آ، لاڙڪاڻي جو آ، سکر جو آ؟

**ڇَتو:** وري لاڙڪاڻو ۽ سکر جو...!؟

**سڳڻو:** پلا نصرپور جو؟

**ڇَتو:** مون کي ان ڳالهه تي چڙ ايندي آ نه، اڙي نتي جو ٿئي نتي جو.

**سڳڻو:** اجرڪن لاءِ ايڏو وڏو پنڌ ڪيو اٿئي!؟

**ڇِتو:** (ڏيگهه ڪندي) پاڻ ويهي نتي مان نمرايا اٿم. لالو لاڙڪ تہ ايلاز ڪري ورتو. ڏٽي توکي نيڪي ڏي مرچو ابڙي جڏهن مرشد جو قسم وڌو، تڏهن اجرڪ ڏنو مانس. سونو چانڊيو صفا چڙي ويو. چيائين اجرڪ ڏين ٿو يا هٽاڻءِ ترار. پيسو مل پاساريءِ جڏهن ٻچيءِ ۾ ڳارو ڪندي گهريو، تڏهن ڏنو مانس اجرڪ. هاڻ تون بہ ڪڻ، هڪڙو داٽو بچيو آهي!

**سڳڻو:** اڙي چِتا، ڏيگهه ڇڏ، اگهہ پار ٻڌاءِ؟

**ڇِتو:** تون ڪان هڪ ڪوڏي بہ وڏيک حرام آ. بس اکيون ٻوٽي کڻ جيئن ٻين کنيو آهي.

[اوچتو پيسو مل اندر داخل ٿئي ٿو.]

**پيسومل:** او چِتا، هي کڻ پنهنجو اجرڪ، گهر نہ ٿو وٺي، چوي ٿا رنگ ڪچو ٿَس.

**ڇِتو:** (اجرڪ وٺي ڪلهي تي رکندي) ماٺهن کي ڇتي ڪوريءِ جو نہ سامان وٺي، نہ وري ڏيگهه! باقي مکي جيئند راءِ جيئن پيو ڪهين، پيا ڪسندا، ڪچندا نہ...! لاڙڪاڻي وارن ماٺهن جو بہ مٿو جاءِ ڪونهي.

[ڇِتو ڪاوڙ ۾ ٻاهر نڪري وڃي ٿو.]

**سڳڻو:** (هوڪا ڏيندي ءِ ڪنو ڪڙڪائيندي) باقي ٿورا ٿَوَ ٻهہ، ڪجهہ وٺو، ڪجهہ چورايو...! اوڏر جي ماءُ بہ اجا مئي ناهي...! اوهي سڳڻي مل جا ٻهہ...! ڪائيندوءِ تہ ڳائيندوءِ...! نہ ڪائيندوءِ، تہ پڇتائيندءِ!

[سونو چانڊيو ڏال ءِ ترار ڪنيون اندر داخل ٿئي ٿو.]

**سونو:** (ڏسندي) ابؤل! اجان تنهنجا ٻهہ ناهن کپيا، سڳڻا؟

**سڳڻو:** اڙي منهنجي ٻَهن کي توجهڙا ڪائيندا خان ٻروچ لونگين ۾ لوڏي.

**سونو:** او ابو! حالي تہ پئسو ڪونهي.

**سڳنڌو:** جڏهن تيني پئسا تہ ڏئي وڃجانءِ. هيڏي ڪر لونگي تہ لاهي ڏيانءِ.

**سونو:** ڀَمن جي ڪري پروچ جي لونگي نہ لهراءِ. بس اهو مٿ ئي ڏي تہ ابو، گهر ڪٽي وڃان.

**سڳنڌو:** هائو ابا، سسئي جا پٽيل آهيو. ڪٽي وڃ، جيئي ساماٽو تڏهنُ آ اسان ڪي ماٽو. سياٽي آويءِ تان بہ تي مٿ ڪٽي ايندومانس.

[سونو، مٿ ۽ سڳنڌو پيڙهو ڪٽي ٻاهر نڪري وڃن ٿا.]

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک ٽيون

[ساڳي شاهل محمد چؤنک وارو منظر. يلي ڏنو مگٽهار، شرناءِ تي خوشي واري ڌن وڄائيندو داخل ٿئي ٿو. سندس پٺيان شاگردن جي هٿن ۾ گل آهن. جيئن ئي شرناءِ جي ڌن تيز ٿئي ٿي، ٻه همراه نالي توڙو ۽ ڪوڙو ابهرائيءَ وچان هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيندي داخل ٿين ٿا.]

**توڙو:** (يلي ڏني سان مخاطب ٿيندي) يلي ڏنا مگٽهار...! بند ڪر اِها خوشيءِ واري ڌُن...!

**ڪوڙو:** نہ ورهاءِ، اهي پيار جا گُلَ ...!

**توڙو:** (پنهنجي گوڏي تي ڌڪ هڻندي) هاءِ، لاڙڪاڻو لٽجي ويندو!

**ڪوڙو:** (سينو ڪٽيندي) لاڙڪاڻو برباد ٿي ويندو!

**يلي ڏنو:** (حيرت وچان) ڇا ڳالهہ آهي توڙو ۽ ڪوڙو؟! لاڙڪاڻو لٽجي ويندو، شاهہ بهاري جي هوندي...!؟. توهان چريا تہ نہ ٿيا آهيو؟

**توڙو:** شاهہ بهارو ڇا ڪندو...؟ شاهہ بهاري وٽ رڳو چاليهہ هزار لشڪر آ، پيو چاهي؟

**ڪوڙو:** هوڏانهن جو اتر ڪان لکن جي تعداد ۾ گهلر ٿا اچن.

**توڙو:** قلات ۽ قنڌار کان زورآور اسماعيل خان، زنگي خان ۽ سليمان خان بہ اچن ٿا.

**ڪوڙو:** پيو تہ چڏيو، واليءِ قلات، شير عبدالله خان پاڻ تو چڙهائي ڪري... هاءِ، ڇا ٿيندو لاڙڪاڻي وارن جو؟

**توڙو:** اڙي لاڙڪاڻي وارئو...! گڏ ٿي، سينا ڪٽيو، پار ڪيو!

**ڪوڙو:** اڙي توهان جا گهر سڙندا!؟

**توڙو:** اڙي توهان جا مڙس ماربا!؟

[آهستي آهستي سڀ ماڻهو سڳٽو مل، ساماڻو ڪنير، ڇتو ڪوري ۽ ٻيا هڪ هڪ تي اندر اچن ٿا.]

**يلي ڏنو:** (ڪاوڙ مان) هڪڙو هٽي تو، پيو ڪٽي تو. ڪا وائي سٽائي ڪيو!؟

**توڏو:** ڪھڙي وائي سٽائي ڪيون؟
**ڪوڏو:** بس ڀاڄ جي تياري ڪيو، يا مرڻ جي...!
**ڀلي ڏنو:** (پريشاني وچان) مون کي تہ ڪجھہ بہ سمجھہ ۾ نہ ٿو اچي، تہ هي ڇا ٿا چون!؟

[شاهہ بهارو ۽ سندس نائب حمل خان کي تلوارون چيلھہ سان ٻڌل آهن، سي بہ اندر داخل ٿين ٿا.]

**شاھ بھارو:** اِها ڀاڄ جي ڳالھہ ڪير پيو ڪري؟
**ڀلي ڏنو:** سائين شاھ بھارا، جيءَ جيارا! توڏو ۽ ڪوڏو چون ٿا تہ اتر کان گھلِر ٿا اچن!؟
**شاھ بھارو:** ها اِھو سچ آهي، تہ اتر کان گھلِر ڪاهيندا اچن ٿا. پر شاھ بھاري ۽ سندس سپاهين جون ترارون اُنھن کي پٽن ۾ تورڻ لاءِ تيار آهن. پوءِ بہ لاڙڪاڻي واسين کي شڪ آهي، تہ دل جي ڳالھہ کولي ٻڌائين. مان کين ڪجھہ بہ نہ چوندس.
**توڏو:** گستاخي معاف! سائين شاھ بھارا، جيءَ جيارا... ٻڌئون ٿا تہ گھلرن جون لکن ۾ لوڏيون ٿيون اچن، اُن ڪري چيوسي تہ ٽپڙ هاٽي ئي ٻڌجن تہ چڱو آ.
**ڪوڏو:** پر ڏٽي نہ ڪري جو اوھان جو چاليھہ هزارن جو لشڪر بہ ميدان جنگ ۾ مارجي وڃي، تہ پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو؟
**شاھ بھارو:** توھان ۽ اسان جا منھن مٿي ٿيندا. پنھنجيون ونيون جڏھن اوچا ڳاٽ ڪري لطيف سائين جو هي بيت جھونگارينديون:

**مڙ مرين آئون رُئان، موٽي آءُ مَ ڪانڌ**
**ڪچن وڏا پاند، جيئڻ تورا ڏينھڙا**

**ڪوڏو:** سائين شاھہ بھارا، اوئنن تہ اسان بہ ڏاڍو روئينداسي پر توهان جي وڃڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو؟
**شاھہ بھارو:** منھنجي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جا جھونجھار، پاونگ ۽ مٿير مڙس، مير مھراب، مير چاڪر، ڄام نندو، شاھ علي سلطان، خيرو ڳچل، مراد ڪليري، اهي سڀ دشمنن سان اڳتي وڌي مقابلو ڪندا پر جي اهي بہ مقابلو ڪندي سنڌ جي سرحدن تي مارجي ويا، تہ لاڙڪاڻي وارئو...! توهان جي

حفاظت جي لاءِ لاڙڪاڻي جا جُنگ جوان ويٺا آهن... اوهان ڇو هيانءُ هاريو آهي؟

**توڏو:** پر سائين، اِهو چوندي منهنجي زبان سڙي، تہ جي اُهي بہ وڙهندي مري وڃن تہ پوءِ؟

**[مُکي جيئندراءِ هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻي هٿ ۾ ڏن جي ڳوٿري کڻيون اندر داخل ٿئي ٿو.]**

**جيئندراءِ:** (توڏو کي جواب ڏيندي) تہ پوءِ اسان بہ پنهنجو ڏن ۽ تن قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا سين!

**ڪوڏو:** پر جي اوهان جو ڏن بہ ڪم نہ اچي ۽ توهان بہ ٽڪڙا سرگهواسي ٿي وڃو تہ پوءِ؟

**[مانجهي ۽ مائي طوطي تيزيءَ سان ڀڄندي اندر داخل ٿين ٿا.]**

**مانجهي:** (سيني تي هٿ هڻندي) تہ پوءِ مانجهي وڙهندو.... جيڪو مرشد لطيف کان ڏرتيءُ جي عشق وارو دائمي رنگ هن بيت جي صورت ۾ وٺي آيو آهي:

**هڻڻ هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان ايءُ مرڪ**
**وڃهن تان نہ فرق، رُڪ وهنديءَ راند ۾...**

**توڏو:** جي اِن رُڪ وهندي راند ۾، تون بہ مري وڃي تہ پوءِ...؟

**طوطي:** (جذباتي ٿيندي) جي اوهان جهڙا ياڙ جا ترا وڙهي نہ سگهيا، تہ اسان لاڙڪاڻي شهر جون ڇهہ هزار عورتون روا چيلهہ سان ٻڌي وڙهنديون سي.. جي اسان بہ مري ويون سي، تہ پوءِ شهر ڇڏي ڀڄجو... تيسيتائين اوهان چوڙيون پائي گهرن ۾ ويٺا هُجو.

**توڏو:** پوءِ جڏهن لاڙڪاڻي جا واٽيا بہ وڙهن، مايون بہ وڙهن، عاشق بہ وڙهن، معشوق بہ وڙهن، تہ اڙي ڪوڏو بي غيرت! سنڌ جي حفاظت لاءِ توکي بہ وڙهڻ گهرجي.

**ڪوڏو:** صحيح ٿو چوين توڏو! اڳيان تون هُججانءِ، پنيان مان، هڪ گهلر بہ نہ ڇڏيندا سي.

**شاه بهارو:** جڏهن اسان جو عورتون بہ روا چيلهہ سان ٻڌي پنهنجي شهرن ۽ سنڌ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ تيار آهن، تہ پوءِ اسان کي پُٽ ڏئي پچڻ نہ گهرجي. مان اڄ لاڙڪاڻي جي سيني جهونجهارن کي هِتي گهرايو آهي. اُنهن کي حفاظت جا گُر سمجهائي، پوءِ لشڪر ساڻ ڪري دشمن سان منهان مُنهن ٿيندس۽ هاڻي توهان زنده قومن وانگر پنهنجن ڪمن ڪارن کي لڳي وڃو ۽ مهرباني ڪري افواه نہ ڦهلايو!

**توڏو:** نہ بابا، اسان توبهہ ڪئي سي.

**ڪوڏو:** (نڪ تي آڱر گسائيندي) زاري بابا، زاري!

**[سيئي ماڻهو باهر هليا وڃن ٿا. صرف شاهہ بهارو، مانجهي ۽ حمل خان اسٽيج تي بيٺا آهن.]**

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک چوٿون

**[ساڳيو شاهل محمد چؤنڪ جو منظر. شاهه بهارو، مانجهي ۽ نائب حمل ڳالهائي رهيا آهن.]**

**شاهه بهارو:** (مانجهيءَ کي سمجهائيندي) مانجهي...! تون ابڙن جا جُهونجهار وني لاڙڪاڻي واري قلعي ۾ پهچ ته پوءِ گڏجي دشمنن سان جنڌهيري ۾ هڪ هڪاٽي ڪيون ٿا.

**مانجهي:** مُهندار...! سمجهو ته ابڙن جا جهونجهار لاڙڪاڻي واري قلعي ۾ پهچي ويا.

**[مانجهي تيزي سان ٻاهر نڪري وڃي ٿو.]**

**شاهه بهارو:** (حمل کان پڇندي) سياڳو لاڙڪ ڪٿي آهي؟

**حمل:** سائين، نياپو ته ڪيو هيومانس، پر خبر ناهي ڇو دير ڪئي اٿائين.... اِڳ ته ڪڏهن مهل نه گسائي اٿائين!؟

**[سياڳو ونجهه هٿ ۾ ڪيون داخل ٿئي ٿو.]**

**سياڳو:** سائين، اچي ويس...! شاهه بهارا، جيئہ جيارا...!

**شاهه بهارو:** گهاڙ واهه تي پنهنجي لاڙڪن ۽ ميراڻين کي چئي ڇڏ ته هڪ به اوپرو ماڻهو ٽپڻ نه ڏين.

**سياڳو:** سائين! پنهنجا لاڙڪ ۽ ميراڻي اوپرو ماڻهو ته ڇا، اوپري ڪِول به نہ ٽپائيندا!. اوهان جو حڪم ڪپي...!

**شاهه بهارو:** شاباس! تون پنهنجي ڪم سان وڃي لڳ. ڇو ته گهلرن جا ٽولا پنيان وار به ڪندا آهن.

**سياڳو:** هائو شاهه بهارا، گهلر جڏهن ميدان جنگ ۾ مقابلو نه ڪري سگهندا آهن ته پوءِ پنيان چوري ڇپي وار ڪندا آهن.

**[سياڳو لاڙڪ نڪري وڃي ٿو.]**

**شاه بهارو:** (حمل کي ڏسندي) سونو چانڊيو نظر نہ ٿو اچي؟
**سونو:** (داخل ٿيندي) اچي ويس... حڪم ڪر آبو!
**شاه بهارو:** تون جاگير وجي نياپو ڪر، تہ چانڊيہ جبل ۾ ڪاڇي ڪي ڪڙو ڏئي ڇڏين ۾ پيا جندهيري اچن.
**سونو:** بس ابو، ائين سمجهہ تہ سونو گهوڙي تي چڙهيو ۾ اتي پهتو.

[سونو چانڊيو نڪري ٿو تہ يڪدم لائق ڪلهوڙو اندر داخل ٿئي ٿو.]

**شاه بهارو:** فقير لائق ڪلهوڙا خير سان پهچي وئين؟
**لائق:** (داخل ٿيندي) شاهبهارا، جيءَ جيارا اچي ويس.
**شاه بهارو:** لائق! فقيري ڏنبو ڦيراءِ... گهاڙ واهہ جون ڪڙان قابو ڪر، دير نہ ڪر ۾ پوءِ جنڌهيري پهچ.
**لائق:** قابو ڪري پوءِ حاضر ٿيو آن، بابا!
**شاه بهارو:** لائق تون واقعي لائق آهين، بس تون پنهجا ماڻهون وٺي اچ ميدان تي.

[لائق ڪلهوڙو نڪري وجي ٿو.]

**شاه بهارو:** رانول جوڻيجو ڪڏهن کان سست ٿيو آ، حمل؟
**رانول:** (داخل ٿيندي) مهندار ڪُوئنتَلون ڪڏائيندا پهچي وياسي.
**شاه بهارو:** گهٽا اٺموت آندا اٿئي؟
**رانول:** پنج سؤ!
**شاه بهارو:** ڪافي آهن. خان پور وٽان دشمن جي لاءِ پٽ ٻڌجي بيهي رهو.
**رانول:** سائين، ائين سمجهو تہ اتي لوهي ديوار اچي وئي.

[رانول باهر نڪري وجي ٿو.]

**شاه بهارو:** (حمل کي ڏسندي) باقي ڪير بچيو؟
**حمل:** سڀ ٽي ويا.

[**جيئندراءِ سندس پٽ ماڻڪ تيزيءَ سان اندر داخل ٿين ٿا. ماڻڪ ڪي ڪمان هٿ ۾ آهي ۽ ٻاڻن سان ڀريل ترڪش ڪُلهي ۾ لڙڪيل اٿس.**]

**جيئندراءِ:** اجا هڪ بچيو آهي.... جيئند راءِ جو پٽ ماڻڪ.
**شاه بهارو:** پر جيئند! توکي ته هڪڙو پُٽ آهي؟
**جيئندراءِ:** شاه بهارا، جيءُ جيارا...! جيئندراءِ تڏهن جيئندو، جڏهن اِهو پٽ به ڌرتي ماتا کي ارپيندو..... قبول پئي ماڻڪ!
**شاه بهارو:** (ماڻڪ کي پيار سان ڏسندي) قبول آهي، ماڻڪ...! تون اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهجانءِ..... گهلڙن سان جنگ ۾ تنهنجو هڪ هڪ ٻاڻ قيمتي آهي.
**ماڻڪ:** (ڪمان هوا ۾ لهرائيندي) سائين شاه بهارا، ماڻڪ جو ٻاڻ نه گسندو.... جي گُسي ته ماڻڪ جا هٿ ڪپي ڇڏجو.
**شاه بهارو:** ڌڻيءَ جي امان...! وطن جا رکوائو...! هلو ۽ سر ڏئي سوڀ حاصل ڪيو!
**ماڻڪ:** آوس ايئن ئي ٿيندو!

[**ماڻڪ بيهي رهي ٿو ۽ جيئندراءِ نڪري وڃي ٿو.**]

**حمل:** (پڇندي) سائين شاه بهارا، هلجي؟

[**نانگو شاه اندر داخل ٿئي ٿو.**]

**نانگو شاه:** چو لاڙڪاڻي جي سيد نانگي شاه جي دُعا نه وٺي ويندي، شاه بهارا؟
**شاه بهارو:** سيدا! اوهان چو تڪليف ڪئي، اسان اوئن ئي اچي دُعا وٺئون ها.

**نانگو شاه:** پوءِ تہ مان اوهان جي چوڻ تي دُعا گھران ها ۽ اڄ تہ پنھنجي مرضيءَ سان ڏيڻ آيو آن.

**شاه بھارو:** بيشڪ سيد، اِها دُعا بہ دُعا هوندي.

**نانگو شاه:** (هٿ کڻي دعا گھرندي) وڃ منھنجي دعا ٿئي، فتح لشڪر يا علي!

**شاه بھارو ۽ حمل:** (گڏيل آواز ۾) آمين!

**حمل:** سائين، هلڻ جي گھڙي ٿي آهي، چاليھہ هزار لشڪر تيار آهي... ڪماندار ۽ سوَارَ انتظار ڪري رهيا آهن.

**شاه بھارو:** ها حمل، هلڻ جي گھڙي ٿي آهي. پر ڪجھہ گھڙيون تہ لاڙڪاڻي کي ڏسڻ ڏي... خبر ناهي تہ پوءِ لاڙڪاڻي کي ڏسي سگھبو بہ يا نہ؟

**[شاه بھارو چوڌاري نظر ڦيرائيندي، پوءِ حمل ۽ ماڻڪ سان گڏ نڪري وڃي ٿو.]**

## پردو ڪري ٿو

# ڏيک پنجون

[ساڳيو منظر. اسٽيج تي روشني آهستي آهستي جهيڻي ٿي جهڙوڪر رات جو منظر پسائي ٿي. پوءِ آهستي آهستي صبوح جي منظر واري چٽي روشني ڦهلجڻ لڳي ٿي. سڳٽو مل اندر داخل ٿي، ميان شاهل محمد چؤنڪ تي هوڪا ڏيڻ لڳي ٿو.]

**سڳٽومل:** (ڪُنو ڪڙڪائيندي) اڇي ويا....اڇي ويا سُگڻي مل جا بهہ...! ڪائيندوءِ تہ ڳائيندوءِ، نہ ڪائيندوءِ تہ پڇتائيندوءِ...!

[هڪڙو همراهہ تڪڙو تڪڙو اندر داخل ٿئي ٿو.]

**سڳٽومل:** (سڃاڻيندي) قاصد سانول، ڪاڏانهن پيو اچين؟

سانول: جهونجار ڪو جهيڙو لڳو پيو آهي، چندهيري ۾...... "بزن! بزن! ۽ متان ويوآ!" لڳي پئي آهي. اها خبر ميان نور محمد کي پڏائڻ آيو هيس.

**سڳٽومل:** ڏٽي سوپ ڏيندن...... ها وٺ بهہ......

**سانول:** (بهہ وٺندي) مهرباني! چڱو وري واپس وڃڻو آهي.

**سڳٽومل:** ڏٽيءَ کي پارت آهي.

[سانول بهہ ڪائيندي ٻاهر نڪري وڃي ٿو. توڏو ۽ ڪوڏو ابهرائيءَ وچان، ٽڙندي ۽ ٿابڙندي اندر داخل ٿين ٿا.]

**سڳٽومل:** (هوڪو ڏيندي) اڇي ويا...! اڇي ويا...!

**توڏو:** (ابهرائي وچان) ڇا چيئي؟.... ڪير اڇي ويا، گهلڙ...!؟

**سڳٽومل:** صبوح صبوح سان نياڳا اڇي ويا.

**ڪوڏو:** (ڪاڙ وچان) تو اسان کي نياڳا چيو!؟

**سڳٽومل:** واهہ ڙي واهہ يار، نياڳن کي بهہ، ڪو نياڳا چوندو آ؟

**توڏو:** اڙي سڳٽا، اسان وٽ وڏيون خبرون تي..... پڏئون ٿا تہ سياڳي لاڙڪ کي سيني واري بڙڇي لڳي تي، چاڻ لاش پهتو.

[سياڳي لاڙڪ جو بہ جڻا لاش کڻي اندر اچن ٿا ۽ اسٽيج تي رکي ٻاهر نڪري وڃن ٿا.]

**سڳنومل:** (لاش کي ڏسندي) سياڳا پٽ، سينن واريون ٻرڇيون جهليندا آهن، اِها ڪا نئين ڳالهہ ڪونهي.

**ڪوڏو:** اڙي سڳڻا، هاءِ هاءِ...! هاڻي تنهنجو ٻهن جو سچو مٽ ڪائڻ وارو بہ نہ رهيو.

**سڳنومل:** نياڳئو...! وائي سڻائي تہ ڪيو!

**توڏو:** ڪهڙي وائي سڻائي ڪيون، سوني چانديي کي منهن واري ترار لڳي تئي.

**[بہ همراه سوني چاندئي جو لاش کنيون اندر داخل تين تا ۽ لاش کي استيج تي رکي ٻاهر نکري وجن تا.]**

**سڳنو:** (لاش کي ڏسندي).... اڙي نياڳئہ...! منهن وارا ڏڪ تہ جوان جهليندو آهي، تڏهن تہ مرشد لطيف چيو آ:

**يڳــو آءُ نـــ چــوان، مـــاريو تـــ وســـهان**
**ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، سـيڪيندي سـونهان**
**تــان پــڻ لــج مــران، جــي هــونس پُــٺِ ۾.**

**ڪوڏو:** (طنزيہ انداز ۾) اڙي، ماٽڪ بہ مري ويئي سڳڻا!

**[بہ همراه. ماٽڪ جو لاش کڻي استيج تي رکي ٻاهر نکري وجن تا. پنيان مکي جيئندراءِ داخل تئي تو.]**

**سڳنو:** (ڏکارو ٿيندي ۽ مُکي کي ڏسندي) مُکي، جيئنداراءِ...... ڀائي، تنهنجو اکيلو پٽ بہ سر ڳواسي تي ويو.......

**جيئندراءِ:** سڳڻا، مان آرهو ناهيان... اِن ڏينهن لاءِ تہ جڻيو هيم، تہ جئين مان سينو ئوکي چوان تہ مان اُن ماٽڪ جو پيءُ آهيان، جيڪو پنهنجي شهر ۽ وطن لاءِ، تيرن جي سيج ستو....

**توڏو:** اڙي سڳڻا...! پڌو اتسي تہ مانجهي ابڙو بہ سخت زخمي تي پيو آهي..... ساهہ لبن ۾ آٽس!

**سڳنو:** (ڪاوڙ وچان) اڙي بس ڪيو نياڳئو تہ هٽانوَ نہ متي وارو مَٺُ.

**ڪوڏو:** يلي هڻ، يلي هڻ...! سچ چوڻ ڪان نہ مڙنداسي.

[سڳڻو ڪاوڙ وچان مٽ ڪٽي ڪوڏوءَ کي هڻي ٿو، مٽ ڇيهون ڇيهون ٿي وڃي ٿو ۽ طوطي پڇندي اندر داخل ٿئي ٿي.]

**طوطي:** (توڏوءَ جي گريبان کان جهليندي) ڇا ٿيو منهنجي مانجهيءَ کي ڇا ٿيو...؟ ڇا ٿيو...!؟

[مانجهي سخت زخمي حالت ۾ داخل ٿئي ٿو، ٻه ڇٽا ڪيس ٽيڪ ڏيون وٺي اچن ٿا.]

**طوطي:** (مانجهيءَ جي پرسان ايندي) مانجهي، مانجهي...! تون تہ سخت زخمي ٿي پيو آهين.... هل تہ مان توکي ڪنهن ويڄ ڏانهن وٺي هلان.

**مانجهي:** هاڻ ڪنهن ويڄ جي ضرورت ڪونهي..... بس توکي ڏسڻ جي آخري آس هئي، سا پوري ٿي.

**طوطي:** (روئيندي) مانجهي!؟

**مانجهي:** طوطي، مرشد لطيف سان جڏهن بہ ملڻ ٿيئي تہ ٻڌائجانس تہ مانجهيءَ کي آخري دم تائين سندن ڏنل دائمي عشق وارو اهو بيت ياد هيو:

هڻڻ هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان ايءُ مرڪُ
وجهن تان نہ فرق، رُڪ وهنديءَ راند ۾...

**طوطي:** ها، مانجهي...! مان ضرور ٻڌائيندس.

**مانجهي:** (چنگهندي) طوطي، توکي مرشد لطيف جيڪو فراقي رنگ عطا ڪندي تنهنجي رهبريءَ لاءِ بيت ٻڌايو هيو، اهو تہ ٻڌاءِ؟

**طوطي:** (ٽڏو ساهہ پريندي ٻڌائي ٿي)

جيڪـــي فِراقـــان، وِصـــالان نـــہ ٿئـــي،
اَچي اوطاقان، مون کي پرين پري ڪيو.

[مانجهي ڍرڪي ڪري پوي ٿو. ٻيو همراهہ ڪيس ٻين شهيدن سان گڏ سمهاري ڇڏي ٿو.]

**طوطي:** (زور سان رڙ ڪندي مانجهي مٿان ڪري پوي ٿي) مانجهي ...!

[پس منظر ۾ ڪجهہ دير تائين شرناءِ جي غمگين ڌن وڄندي رهي ٿي ۽ پوءِ طوطي روئيندي ۽ سڏڪندي ٻاهر نڪري وڃي ٿي.]

## پردو ڪري ٿو

تنهن چمي ٻڌي چيلھ سان، شرط ڪٽي شمشير
آٽي ڪندس اير، هو جو ڪجي مير مٿان ڪڙو.

**ڪوڙو:** رڳو حوال ... جنگ ڪنهن جيتي، اِهو ڪولي ٻڌاءِ؟

[سگھڙ شاعر جلال ڪتي اندر داخل ٿئي ٿو.]

**جلال:** ڀائو، مان تو ٻڌايانو، صفا تازو حوال.

**سُگھڙومل:** وارو ڪر ، ٻڌاءِ جلال ڪتي...

**جلال:** (ٻڌائيندي)

مير ويھي ميدان ۾، ڊاريائين ڊارو
جيئن ڊاريائين، تئين نہ ڊريو، پيو پاسارو
بازي بهارو، شاه ڪتي ويو شير ڪان.

**سگھڙومل:** ان جو مطلب صاف ظاهر آهي، تہ شير ڪوهستان عبدالله خان ڪان شاه بهارو جنگ ڪتي ويو!

**جلال:** تو بالڪل صحيح سمجهيو.

[سگھڙو زور زور سان نعرو هڻي ٿو.]

**سگھڙومل:** شاه بهارو؟

**پيا:** زنده آباد!

**سگھڙو:** ميان نور محمد ڪلهوڙو؟

پيا: زندھ آباد!

[ساماٽو ڪنير خوشيءَ وچان پڇندو اندر داخل ٿئي ٿو.]

**سگھڙومل:** واھ ڙي واه! سياڳا جلال ڪتي... دل خوش ڪري ڇڏيئي...! (ساماٽي کي ڏسندي) اڙي ساماٽا...! گهران دانگي تہ ڪٽي آءِ، تہ ڪوڏوءَ ۽ توڏوءَ جي منهن تي گهمايان.

**ساماٽو:** ابا، سڄي لاڙڪاٽي جون دانگيون هنن جي منهن تي گهمن، تہ بہ هنن کي ڪجهہ نہ ٿيندو.

[ڪوڏو ۽ توڏو پشيمانيءَ وچان نڪري وڃن ٿا. جلال ڪتي ۽ جمن چارڻ بہ هليا وڃن ٿا.]

## پردو ڪري ٿو

راج ڪرتھ

## ڏيک ستون

[ساڳيو منظر. سڳڻو، ساماڻو ۽ ٻيا ماڻهو غمزده لڳا شهيدن جي لاشن مٿان بيٺا آهن. پسمنظر ۾ بانسري جي غمگين ڌن وڄي رهي آهي. شاهه بهارو ۽ سندن نائب حمل خان تلوارون کنيون اسٽيج تي اچن ٿا.]

**شاهه بهارو:** (چوڌاري نظر ڦيرائيندي پڇي ٿو) اوهان ڇو خاموش آهيو...؟ اوهان جي منهن تي هيڏو ڇو هارجي وئي آهي...؟ اوهان جي مُکن تان مُرڪ ڇو غائب ٿي وئي آهي...؟ (لاشن ڏانهن اشارو ڪندي) هنن مڙس مٽيرن، سُمانن سُپيلين، جهيڙيندڙ جهونجهارن سينا ساهي دشمن جا ڏَڪَ اِن ڪري نہ جهليا هيا تہ اوهان مايوس ٿي مرجهائجي وڃو. پر انهن پنهنجا سر ان ڪري ڏنا، تہ جيئن اوهان جا گهر ۽ اوهان جون خوشيون سلامت هجن... ايندڙ نسل سلامت هجي... سنڌ سلامت هجي.

**سڳڻو مل ۽ ٻيا ماڻهو:** (گڏيل آواز ۾) بيشڪ! اوهان صحيح ٿا چئو.

**شاهہ بهارو:** (اشارو ڪندي لاشن ڏانهن) هي مُئا ناهن، هي شهيد زنده آهن. اِنهن جا روح ۽ انهن جو آتمائون اسان ڪي ڏسي رهيون آهن. شهر واسيو...! خوشيءَ جا ڳيچ ڳايو... شهر جي ماين ۽ ٻاين ڪي گهرايو... نياڻين سياڻين ڪي آڻيو... تہ جيئن هنن شهيدن ڪي موڙ ٻڌن، هنن ڪي مينديون لائن، هنن ڪي سنوارن سينگارن، تيستائين مان ميان نور محمد ڪلهوڙي ڪي شهيدن جي سلامي ڏيڻ لاءِ وڃي اچان.

[شاهہ بهارو ۽ نائب حمل تيزيءَ سان نڪري وڃن ٿا. ساماڻو، سڳڻو مل ۽ ٻيا ماڻهو بہ آهستي آهستي اسٽيج تان نڪري وڃن ٿا. پوءِ شهر جون مايون، ٻايون، ونيون ۽ ڀينرون لوڪ گيت ڳائينديون اچن ٿيون ۽ شهيدن ڪي مهندي هڻندي، موڙ ٻڌندي سينگارن ٿيون.]

بِنيَ ماڻي بنرا
سيجَ ماڻي سَنَر
پلي اگهڻ آئين، لاڏ بنالا!

[مايون ٻايون، نياڻيون سياڻيون، ڳيچ ڳائي، سيني شهيدن ڪي سينگاري ٻاهر نڪري وڃن ٿيون.]

## پردو ڪري ٿو

# ڏيڪ اٺون

**[ساڳيو شاهل محمد چوُنڪ وارو منظر. ميان نور محمد ڪلهوڙو وڏي فخر سان اندر داخل ٿئي ٿو. پٺيان شاهه بهارو، نائب حمل، پلي ڏنو مڱڻهار، سڳنٽو مل ۽ ٻيا ماٺهو اندر داخل ٿين ٿا.]**

**شاهه بهارو:** (ميان نور محمد سان مخاطب ٿيندي ۽ لاشن ڏانهن اشارو ڪندي) ميان صاحب! هي اسان جي سرحدن جا اُهي جس ڪرا ۽ ڏڳ محافظ ٿي، جيڪي سر ڏيئي سرخرو ٿيا. جن جي مُکن تان اجان بہ مُرڪ بکي رهي آهي، جڻ وطن لاءِ وڙهندي ڪين ڏڙڪ ئي نہ ٿي هئي. اهڙن ئي جهونجهارن لاءِ لطيف سائين چيو آهي:

**ڏنو ڪالهہ ڪنهين، جهونجهار ڪو جهڳڙو**
**هاٿين هڏ مڃايا، ريلو رت نئين**
**پائنن سان سنئين، جٺان جيءُ جوکو ٿئي.**

**ميان نور محمد:** بيشڪ! شاهہ بهارا، هنن جا تہ زخم بہ مُرڪي رهيا آهن. اهڙن سُورمن هوندي ڪو اسان جي وطن ڪي ميري اک سان ڏسي نٿو سگهي... هنن جي هوندي اسان جا ٻارڙا جُهولن ۽ گودڙين ۾ هوُنگرِيون ڏيندا رهندا... اسان جو چوڙيريون ناز سان ٻانهن لوڏي هلنديون... اسان جون ڪاپائيتون ست ڪتينديون رهنديون... اسان جا هرلا ۽ نار هلندا رهندا... اسان جي هارين جا هر زمين ڪيڙيندا رهندا... اسان جا پتڻ آباد هوندا... اسان جا واهڻ، وستيون، شهر ۽ نگر محفوظ رهندا.

**سڳنٽومل:** (وڏي اچي نعرو هڻي ٿو) ميان نور محمد؟

**ماٺهو:** زنده آباد!

**سڳنٽومل:** شاهہ بهارو؟

**ماٺهو:** زنده آباد!

**سڳنٽومل:** اسان جا جهونجهار؟

**ماٺهو:** اسان جا ڏک تار!

**شاهه بهارو:** (ميان نور محمد سان مخاطب ٿيندي) ميان صاحب، اجازت ڏيو تہ شهيدن کي سلامي پيش ڪجي؟

**ميان نور محمد:** اجازت آهي!

**شاه بهارو:** (مخاطب ٿيندي) سنڌ واسيو...! اُٿو ۽ انهن شهيدن کي سلامي پيش ڪيو. جن اوهان جي خوشين، اوهان جي محبتن، اوهان جي گهرن، اوهان جي گهٽين، اوهان جي درگاهن، اوهان جي مسجدن ۽ مندرن جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو. (پلي ڏني سان مخاطب ٿيندي) پلي ڏنا، شهيدن کي سلامي پيش ڪرڻ جي ڏِڌِ وڄاءِ!

[پلي ڏنو مگڻهار ڏِڌِ (ماتمي ڌن) وڄائي ٿو. ميان نور محمد، شاهه بهارو، حمل ۽ سيئي ماڻهو شهيدن کي احترام ۽ عزت سان سلامي پيش ڪن ٿا.]

## پردو ڪري ٿو

پس لفظ:

# تاريخ، سياست ۽ سماج

تاريخ، سياست ۽ سماج تي گهري نگاهه رکڻ وارا ليکڪ، ادب جي گود پرائي ڪندا رهن ٿا. سندن قلم مشعل ٿي، اونداهين کي سوجهري ۾ تبديل ڪندو رهي ٿو. اِهو، عمل پنهنجين لکڻين ۽ تحريرن ۾ آڻي، بنا ڪنهن لالچ جي ڪرڻ،انتهائي ڏکيو ڪم آهي ۽ جڏهن تہ اهو عمل منظور ڪوهيار پنهنجي پوري سچائيءَ ۽ محنت سان ڪري رهيو آهي. منظور ڪوهيار، روشن خيال ليکڪ آهي، جنهن کي پنهنجي ديس جي تاريخي ۽ سماجي اوڙاٽين کان ڀليءَ ڀت واقفيت حاصل آهي.

اسٽيج ڊرامو تحرير جي حوالي سان اها صنف آهي، جنهن جو دائرو وسيع تر آهي. ان جو ڪارج سڌو سنئون ڏسندڙ تي پنهنجو اثر مرتب ڪري ٿو. هن جي قديم ۽ سادي شڪل 'پتلي تماشو' آهي. جنهن جو ڪارج ان دور ۾ صرف وندر Recreation هيو. پتلي تماشو قدامت جي لحاظ کان اسٽيج ناٽڪ جي ابتدا آهي .در حقيقت 'هند' ۽ سنڌ ۾ سانگ، پتليون تماشا ۽ رام ليلائون اسٽيج ناٽڪ جا اوائلي بنياد آهن. 'هند' ۾ ڊرمي اثرن هيٺ بہ هن صنف کي اهميت ۽ فروغ حاصل ٿيو. ناٽڪن جا ڪردار، اوائلي دؤر ۾ مٽيءَ جا پتلا ۽ پوءِ ڪپڙي مان ٺهيل گڏيون ۽ گڏا هئا.

سنڌ جو علائقو ٿر ۽ هند جي ڪڇ (گجرات) وارا علائقا 'پتلي تماشي' ۾ اڳڀرا هيا. هند ۽ سنڌ جي هن گڏيل ثقافتي ورثي کي جديد ترقيءَ ۽ ابلاغ ، نئين شڪل ۽ صورت ڏني آهي. سنڌ جي جديداسٽيج ڊرامي جي تاريخ ڪا وڏي ناهي، سواسؤ سال کن مس ٿيندي. پاڪستان ٺهڻ کان پهريائين ڪراچي ۾ ناٽڪ ڪمپنيون قائم ٿيون هيون، جن جي ڪري سنڌيءَ ۾ چند آگرين تي ٻڌڻ جيترا ناٽڪ لکيا ويا، پر انهن سنڌي ناٽڪن کي ڪا خاص اهميت ڪونہ ملي. 1907ع ۾ ڪشنچند بيوس جي ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڊراماٽڪ سوسائٽيءَ جنم ورتو. جنهن لاءِ ڪشنچند بيوس پاڻ سنڌيءَ ۾ 'خوبصورت بلا'، 'سور داس'، هرشچندر "پريت پوڄارڻ" ۽ "هار جيت" جهڙا ڊراما لکيا. اهڙيءَ ريت شڪارپور ۽ حيدرآباد ۾ بہ سنڌي ڊراما لکجڻ ۽اسٽيج تي پيش ٿيڻ لڳا.

سورهين ۽ سترهين صدي يورپ ۾ استيج ڊرامن لاءِ اهم صديون آهن. انهن صدين ۾ ئي طبقاتي نظام جي پنيرائيءَ ڪري اتان جو سماج، امير ۽ غريب طبقن ۾ ورهائجي ويوهو.تنهنڪري اهڙي دؤر جي صورت حال کي ،ان وقت جي ڊرامہ نويسن هن صنف ذريعي ظاهرڪيو. اهوئي سبب هيو، جو الميہ ڊراما بادشاهن ۽ اشرافيہ لاءِ مخصوص هئا. ڇو جو سندن خيال هو تہ ڏک، درد ۽ مصيبت بادشاهہ ۽ امير ئي برداشت ڪري سگهن ٿا. کل، خوشي ۽ مزاحيہ انداز ۾ لکيل استيج ڊراما، غريب عوام لاءِ مخصوص هئا. پر وليم شيڪسپيئر انگلينڊ ۾ انساني زندگيءَ کي سچائيءَ سان پيش ڪري نواڻ آندي. جنهن ۾ الميو بہ هيو، تہ خوشي ۽ مزاح پڻ.

آرٽ ڊراما ادب جو حصو ان ڪري بہ آهن، جو اهي فن ۽ ادبي تقاضائن کي پورو ڪن ٿا. ڇو تہ منهنجي خيال ۾ اهي ساهہ کڻندڙ ماڻهن جو حصو آهن. ان ڪري ئي اسان وٽ لکيل مشهورڪهاڻين ۽ ناولن کي ڊراماٽائيز ڪيو ويو. اردو ۾ شوڪت صديقيءَ جو لکيل ناول "خداڪي بستي" ، عبدالقادر جوڻيجي جي ڪهاڻي "راڻي جي ڪهاڻي" ، نورالهديٰ شاهہ جي ڪهاڻي "غلام" ۽ ڪن ٻين ڪهاڻين ۽ ناولن کي T.V ڊرامي ۾ تبديل ڪيو ويو. چوڻ جو مقصد اهو آهي، تہ ناول، ڪهاڻي ۽ ٻين ادبي صنفن جي دائري کي، ڊرامي جي حوالي سان نئون رخ ڏئي اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب ۾ آيل، منظور ڪوهيار جو پهريون استيج ڊرامو 'پريميڪا' ڪلا، ڏاهپ سان سماج کي سڌارڻ جو سنيهو آهي. هن ڊرامي ۾ راجائي راڄ ۽ ڏرمي دهمان جي پس منظر ۾ سماجي برائين کي نروار ڪيو ويو آهي. اها حقيقت آهي تہ زمان ۽ مڪان جي تبديلي جي باوجود بہ،اسان جي سماج ۾ معاشرتي منظر ساڳيا آهن. ليڪ جو فڪري پيغام اهو آهي تہ جمود جي ور چڙهيل سماجي منظرن کي ساڃاهہ وند، ڪلاڪار ۽ سجاڻ فرد، ڏاهپ ۽ عقل جي بنياد تي بدلائي سگهن ٿا. اهو ڊرامو لاڙڪاڻي جي استيج تي ڪاميابي سان پيش ٿيل آهي.

اسان جي ننڍي کنڊ جو علائقو بہ گهڻو عرصو طاقتور بادشاهن ۽ شهنشاهن جي قبضي هيٺ هيو. سندن دور بہ زور و زبردستي وارو دؤر رهيو آهي. ڪين ظلم، قبضہ گيري، عيش پرستي ، راڳ رنگ ۽ حرمن کي آباد ڪرڻ جو شوق هيو. هن ڪتاب ۾ آيل ٻي ڊرامي " بادشاه سلامت " ۾ 'سوپيا'، 'صوفي لا ڪوفي'، 'شائستہ

دل ۾ پيا ڪردار سچائي، اخلاقي ۽ روشن خيالي جون علامتون آهن. جڏهن تہ وزيراعظم اعتماد خان، وزير انصاف ملان اعتقاد ، سپاه سالار جنگو خان، فوجدار غضب خان وغيره بد عهدي، بد اخلاقي ۽ برائيءَ جون علامتون آهن. هي ڊرامو بادشاه گر ۽ ساز شي ڪردارن تي هڪ وڏي چٽر آهي.

"فرنگي" ڊرامو بہ، تاريخي تناظر ۾ ان وقت جي حاڪم يعني انگريز جي Divided And rule واري نظريہ تي تنقيدي انداز ۾ لکيو ويو آهي. هن ڊرامي کي طنز ۽ مزاح جي نشتر سان بہ آراستہ ڪيو ويو آهي . جنهن مان ليکڪ جي مزاح واري حس Sense of Humor جي گهرائيءَ جو اندازو ٿئي ٿو.

ڊرامو "شاهہ بھارو" امر وير ڪٿائي ناٽڪ آهي. هي ڊرامو ،ان دور جي ڪهاڻيءَ کي پيش ڪري ٿو ،جڏهن چانڊڪا پرڳڻي جو گورنر شاه بھارو مقرر ٿيو هو ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙو سنڌ جو حاڪم هو.ان وقت سنڌ تي افغانستان ۽ ايران کان لشڪر ڪشي ٿيندي هئي، اهڙي حملي آورن کي عرف عام "گهلر" سڏيو ويندو هيو. هن ڊرامي جا ڪردار ڏاڍا خوبصورت ۽ سرفروش آهن. ميان نورمحمد، شاه بھارو، فقيرياڻي طوطي، مانجهي، سگهڙو، جيئندراءِ ماٽڪ وغيره. اهي سڀ ڪردار سنڌ جي تاريخ، ثقافت، فڪر جا علمبردار ۽ علامتون ڪري پيش ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ ڪوڏو ۽ توڏو وطن فروش، ڊڇڻاءِ قومي غيرت کان وانجهيل ڪردار آهن. هي ڊرامو وطن جي حفاظت لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ جو درس ۽ اتساهہ ڏئي ٿو.

منظور ڪوهيارِ جي سڀني ڊرامن ۾ منظر نگاري، ڪردار نگاري، گفتگو، محاوره ۽ شاعري سهڻي نموني سان ڏنل آهي. هر دؤر جي مطابقت سان نج ٻولي ڪتب آندي وئي آهي. ليکڪ پنهنجي تحرير ۾ جيڪو چورڻ چاهيو آهي، اهو ڪاميابيءَ سان پڙهندڙ ۽ ڏسندڙ تائين پهچائي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سندس سڀئي ڊراما ادبي ماڻ ۽ مرتبو رکن ٿا.

مون کي اميد تہ آهي،تہ منظور ڪوهيار اجان بہ سنڌي ادب کي، تخليقي سوکڙيون ڏيندورهندو. آخر ۾ اهم ۽ خاص نُڪتو، هي تہ عورت کي ماڻُ سمانُ ڏنو اٿس ۽ سندس ڪردار کي فرد ۽ انسان جي حيثيت ۾ اجاگر ڪيو اٿس.

**ڊاڪٽر تهمينہ مفتي**
13-11-2013

راڄ ڪرته

منظور ڪوهيار

ڪنول پبليڪيشن ڦنبر

تاريخ، سياست ۽ سماج تي گهري نگاھ رکڻ وارا ليکڪ، ادب جي گود پرائي ڪندا رهن ٿا. سندن قلم مشعل ٿي، اونداهين کي سوجهري ۾ تبديل ڪندو رهي ٿو. اِهو، عمل پنهنجين لکڻين ۽ تحريرن ۾ آڻي، بنا ڪنهن لالچ جي ڪرڻ، انتهائي ڏکيو ڪم آهي ۽ جڏهن ته اهو عمل منظور ڪوهيار پنهنجي پوري سچائيءَ ۽ محنت سان ڪري رهيو آهي. منظور ڪوهيار، روشن خيال ليکڪ آهي، جنهن کي پنهنجي ديس جي تاريخي ۽ سماجي اوڻائين کان پليءَ پت واقفيت حاصل آهي.

منظور ڪوهيار جي سڀني ڊرامن ۾ منظر نگاري، ڪردار نگاري، گفتگو، محاوره ۽ شاعري سهڻي نموني سان ڏنل آهي. هر دؤر جي مطابقت سان نج ٻولي ڪتب آندي وئي آهي. ليکڪ پنهنجي تحرير ۾ جيڪو چوڻ چاهيو آهي، اهو ڪاميابيءَ سان پڙهندڙ ۽ ڏسندڙ تائين پهچائي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سندس سڀئي ڊراما ادبي مان ۽ مرتبو رکن ٿا.

مون کي اميد آهي ته منظور ڪوهيار اڃان به سنڌي ادب کي، تخليقي سوکڙيون ڏيندو رهندو. آخر ۾ اهم ۽ خاص نُڪتو، هي ته عورت کي مانُ سمانُ ڏنو اٿس ۽ سندس ڪردار کي فرد ۽ انسان جي حيثيت ۾ اجاگر ڪيو اٿس.

**ڊاڪٽر تهمينه مفتي**

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

The Reading Generation پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

پڑهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪتابن کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)